# شاھ جي رسالي جو
# مطالعو

Gul Hayat Institute

مولانا دين محمد وفائي رح

وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي

# — مولانا وفائي رحم جا هٿ اکر —

## اسلام ۾ جهاد ڇو ضروري [illegible] آهي؟

اسلام جو بيان روزاني اسڪيم سيکاري ٿو ته انسان جو ڏاڍو جو لاڳو ۾ اراديجا ٻيا ڪمزور انسان ٿي رهيو - مسلمان تي سپاهي ٿي رهڻ فرض آهي ته سپاهي ٿي رهي -

مسلمان گهر ۾ هجي يا ٻاهر، پنهنجي رنگ ۾ هجي يا آرام واري آڳڙ ۾، بادشاهي جي تخت تي هجي يا فقيري جي تڏي تي، مطلب ته هر حالت ۾ هر جاءِ تي سپاهي ٿي سپاهي آهي - مسلمان سپاهي جي ڪلام جي ٻولي ۾ مجاهد سڏيو ويندو آهي، يعني ته هر انسان ۾ ڪوشش ڪندڙ ٻه ڪمال ڪوشش ۾ ڪين ٿيون، تڏهن جي هر هنڌ ڪوشش واري انسان کي مجاهد آهي

اونهاڻ ۾ مسلمان سو ٿي سپاهي جي ميدان جنگ ۾ وڃڻ ڪان اڳ ۾ ڪيا ڏي ويندي آهي ۽ ٻولڻ يا ٻڌڻ جا هر ڪنهن کان پڙهيا آهن، ڪين هر هڪ سپاهيءَ کي عادت هجي جو ڪا ٻه ٻيا رکيو ويندو آهي ته ڪهڙو جي وقت نعمتي ڪيئن ڪري ڪان به نه ڪيا لئي -

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

حضرت مولانا دین محمد وفائي (رح)

# شاه جي رسالي جو مطالعو

ڪيو مطالع سون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نه لحظي جيتري .

"شاهه"

مصنف :

مولانا دين محمد صاحب وفائي (رحه)

Gul Hayat Institute

وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي

پهريون ڇاپو : ٢٠٠٠ هزار ڪاپيون سال ١٩٦٢ع

ٻيو ڇاپو : ٢٠٠٠ هزار ڪاپيون سال ١٩٧٦ع

(هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي
وٽ محفوظ آهن).

**قيمت ڏهہ روپيا**

ملڻ جو هنڌ:

**وفائي پبلشنگ هائوس**

**وفائي پرنٽنگ پريس**

پاڪستان چوڪ، ڪراچي

---

هي ڪتاب مسٽر علي نواز وفائي، وفائي پرنٽنگ پريس
پاڪستان چوڪ ڪراچيءَ ۾ ڇاپي، وفائي پبلشنگ
هائوس، پاڪستان چوڪ ڪراچي مان پڌرو ڪيو.

Gul Hayat Institute

# فهرست


| مضمون | لکندڙ | صفحو |
|---|---|---|
| ناشر طرفان ٻه اکر | علي نواز وفائي | ١ |
| ڪتاب جي سال جو قطع تاريخ | احمد خان آصف مصرالي | ٩ |
| پيش لفظ | حسام الدين راشدي | ١٠ |
| مولانا دين محمد وفائي مرحوم | | ٢٥ |
| قطع تاريخ وفات | دين محمد اديب فيروزشاهي | ٣٨ |
| مولانا دين محمد وفائي | ابوسلمان شاهجهانپوري | ٤١ |
| Forward | پروفيسر اينيمري شمل | ١ |
| Sind's Great Writer | جعفر بلگرامي | ٣ |
| The Great Sindhi Scholar who did not live in vain | اي - ايچ حقاني | ٦ |


Gul Hayat Institute

| صفحه | مضمون | فصل |
|---|---|---|
| ٦١ | شاه صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي انقلابي حالت | ٻھريون |
| ٨٤ | شاه صاحب جي وقت ۾ سنڌ وارن جي رھڻي ۽ گذراني حالت | ٻيو |
| ٩٨ | سنڌ ۾ اميري ۽ غريبي | ٽيون |
| ١٢٣ | سنڌ جا پکي | چوٿون |
| ١٤٤ | سنڌ جا ڪي ٻيا جانور | پنجون |
| ١٥٦ | شاه جو ڪلام ڪيئن گڏ ڪيو ويو | ڇھون |
| ١٧٩ | رسالي ۾ ڌاريون ڪلام | ستون |


Gul Hayat Institute

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# ناشر طرفان ٻه اکر

جڏهن ٻه حقيقي مالڪ واحد ذوالجلال جي حمد ۽ ثنا لاءِ ڪمزور انسان جي دل خواهش ڪندي آهي تڏهن ڪيس سواءِ حيرت ۽ حسرت جي ڪجهه ٻه نصيب نه ٿيندو آهي. هو ذات پاڪ لامحدود، انسان جي گوشت ۽ پوست واري فهم ۽ فراست کان ايترو ۽ ايڏو بلند ۽ بالا آهي جتي انسان جي عقل جو پرواز ڪيترو ۽ ڪيڏو ٻه بلندي تي پهچي ته ڪيس مظاهر تجلي جي ديدار کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٻه سمجهه ۽ سوچ، هوش ۽ عقل ۾ نه اچي سگهندو ۽ اها آهي انسان جي سمجهه، فلسفه ۽ پرروز جي انتهائي ڪماليت.

حقيقت ۾ مالڪ ذوالجلال جي حمد ۽ ثنا جي اصلي حقيقت تائين پهچڻ کان عاجزي ڏيکارڻ ئي هڪ انسان جو ڪمال حمد ۽ ثنا آهي. الله تعاليٰ پنهنجن عاجز ٻانهن کي سندن سمجهه ۽ پرروز پٽاندر صرف هيتري ئي تعليم ڏني فرمائي آهي ته ”الحمدلله

رب العالمين" سڀئي ساراه انهيءَ حقيقي معبود کي جڳائي ٿي جو جهانن جو پالڻهار آهي.

آئون اڄ انهيءَ پالڻهار جي حمد و ثنا سان قلم جي زبان کي تازو ڪري رهيو آهيان، جنهن جي فضل ۽ ٻاجهه ۽ بي انتها ڪرم سان جناب والد سائينءَ جو ڪتاب "شاه جي رسالي جو مطالعو" پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

اسان جي سائي ستابي ۽ سڀاجهڙي سنڌ ديس ۾ جيڪو ٻه ٻولي کي پوسالي جو سيلاب شروع ٿيو آهي، تنهن مان اهو انديشو، امڪان ۽ ڪمان ڪيو وڃي ٿو ته سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي مروت ۽ محبت، سنڌي رهڻي ڪهڻي، سنڌي پل مانسائي گويا سنڌ جي صوفيانه ديس جي هرهڪ شيءِ اڪيلي هلي فنا ٿي ويندي. ڪن نعرو بلند ڪيو آهي ته سنڌي ٻولي کي بچايو! ڪي چون ٿا ته سنڌي ٻولي جي حفاظت ڪريو! ڪي چون ٿا ته سنڌي سڀيتا جا رکوال ٿيو! ۽ سنڌي سکو، سنڌي لکو، سنڌي ڳالهايو ۽ سنڌي پڙهو وغيره وغيره.

اهي صرف ڪن جذباتي ماڻهن پنهنجي سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ نعرا بلند ڪيا ۽ ڪندا رهن ٿا مگر اڄ ڏينهن تائين انهن ڪوبه عملي ڪم نه ڪيو آهي، جو ته سنڌي اديب ۽ عالم ۽ علمي محافظ زبان جي جنهن رنگ ۽ ڍنگ ۽ رفتار ۽

Gul Hayat Institute

گفتار سان خدمت ڪندا رهن ٿا تنهن ڪان هرهڪ ماڻهو بخوبي واقف آهي.

سنڌ ۾ هن وقت ڪيترا اهڙي ادبي يا علمي جماعت يا اداره ڪوڙ آهي، جيڪو بنا ڪنهن نام نمود يا شهرت جي مخلصانه نموني ۾ زبان جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪري.

باشعور، بيدار ۽ باوقار قومن جو صحيح سرمايو ان جا اعليٰ اديب، عالم، فاضل، محقق، اهل قلم، مفڪر، دانشور، انقلابي شاعر، بيباڪ صحافي هوندا آهن. انهن جي قدر ۽ قيمت جو ڪوبه ڪاٿو ڪٿي ڪونه سگهيو آهي. اهي بي بها موتي هردور ۾ پنهنجا جرڪيدار جوهر ڏيکاريندا رهندا آهن.

اسان جي سڪي ستابي ۽ سرسبز سنڌ اهڙن جواهرن سان هميشه جرڪندي رهندي آهي.

هونئن به سنڌ صوفين، صالحن، ولين، اصحابن ۽ اوليائن، پيرن، فقيرن، درويشن ۽ دردمندن، فقيهن ۽ فقرائن، قطبن ۽ قلندرن، سيدن ۽ سادات، عالمن ۽ علمائن، مخدومن ۽ محدثن، اهل فڪر، اهل علم، فاضلن ۽ فياضن، سخن سنج ۽ سخن فهم، سياڻن، سمجهدارن ۽ سگهڙن، مهمان نوازن ۽ مروت ڪندڙن سڄڻن سڀاجهڙن جو ديس آهي.

زماني جي ناقدري ڪري هر خوشامد پسند ۽ طاقت

جي پوڇا ڪندڙ ٻي شعور قوم وٽ صحيح عالمن، اديبن ۽ ماحول ۽ معاشري جي نقاشن، شاعرن ۽ بيباڪ صحافين جو قدر ۽ قيمت ڪانه هوندي آهي، پر انهن عظيم شخصيتن جو نالو تاريخ جا مورخ ئي قلمبند ڪندا رهندا آهن.

اسان جي سنڌ ۾ انهن دانشورن ۽ دانائن ڏانهن ڪڏهن به ڪنهن قسم جو ڌيان نه ڏريو ويو هيو ۽ نه آهي، ان جي باوجود به اهي علم ادب، تاريخ ۽ تحقيق جا رهنما ۽ رهبر پنهنجي لياقت ۽ طاقت آهر ڪم ڪندا رهيا.

زنده قومون تڏهن زنده رهي سگهن ٿيون جڏهن هنن جي زبان زنده آهي. ڇو ته- زندگي ادب آهي ۽ ادب زندگي، قومون زبان سان زنده آهن. ادب ۽ زبان قوم جو آئينو آهي. جنهن مان قومن جو جمال ۽ حسن، خد و خال، ادب ۽ علم، لياقت ۽ قابليت، نزاڪت، نفاست ۽ لطافت، ارادي جي مضبوطي ۽ مستقل مزاجي، حق جي حمايت ۽ باطل جي مخالفت، حق گوئي ۽ حق رسي، راستبازي تحمل ۽ بردباري، همت ۽ حوصلو، محنت ۽ مزدوري، محبت ۽ مروت، شان، شجاعت ۽ مردانگي، خوش اخلاقي ۽ خوش ڪلامي، نياز نوڙت ۽ نهٺائي، ايثار ۽ قرباني، بي ڊپائي ۽ بي ريائي، فراخ دلي، فياضي ۽ رحم دلي، علم ۽ هنر، عقل ۽ حڪمت، فهم ۽ فراست، سچائي، صفائي ۽ پاڪائي، مظلوم جي مدد ۽ ظالم جو مقابلو، ايمانداري ۽ديانتداري، عدل ۽

انصاف، امن ۽ آزادي، رعايت ۽ رواداري، ڪفايت ۽ قناعت، غريب پروري ۽ غريب نوازي شرافت ۽ شائستگي، شيرين گفتار ۽ نيڪ رفتار وغيره ڏسڻ ۾ اينديون رهنديون آهن.

تاريخ شاهد آهي ته ڪنهن به قوم کي ختم ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي ته ان قوم جي ٻولي کي ختم ڪجي ڇاڪاڻ ته اها ٻولي ئي آهي جنهن سان قومن جا اعليٰ جرڪيدار جوهر ظاهر ٿي پوندا آهن.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملندا ته ڪنهن به فاتح قوم پوري طرح سان مفتوح قوم تي قابض ٿيڻ لاءِ پهرين ان قوم جي ٻوليءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

اسان جي عوام جي جهالت، اهلِ ذوق جي قلت ۽ قدردانن جي ڪمي ۽ سرمائيدارن جي بي توجهي ڪري به زبان ۽ ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي اها حالت آهي ته اخبارن ۾ جتيون ويڙهيندا يا ماني ڍڪي سفر جا سانباها ڪندا آهيون افسوس! صد افسوس!! جنهن قوم جي ذهنيت ان حد تائين پهتل هجي ته ان قوم جو علاج ڇا ٿي سگهي ٿو.

انهن مٿين حالتن ڪري اسان ۾ بلڪل گهٽ مصنف يا لکندڙ پيدا ٿين ٿا، پر جيڪڏهن ڪو مصنف يا اديب آهي ته

Gul Hayat Institute

ٻہ ان کي هي جرئت ڪانہ ٿي ٿئي جو هو ڪو ڪتاب ڇپائي سگهي، ڇوتہ ڇپجڻ کان پوءِ ڪاڻي جي اميد ٿي ڪانہ هوندس ٻيو ڇو وڃي رهيا سيڙائي. هوڏانهن ٻين زبانن ۾ سون جي تعداد ۾ ڪتاب هزارين جلدن ۾ پڌرا ٿيندا رهن ٿا ۽ اک ڇنڀ ۾ کڄي وڃن ٿا. جنهن ڪري لکندڙن کي وري ڇپائڻ جو حوصلو ٿيندو رهي ٿو ۽ ڏيکا ڏيکيءَ ۾ ٻيا نوان لکندڙ ٻہ پيدا ٿيندا رهن ٿا.

ڪتابن ڇپائڻ جي ڪم ۾ مون کي پنهنجو تلخ تجربو ۽ ذاتي آزمودو آهي. پر تڏهن بہ حالتون اهڙيون مايوسي جهڙيون نہ آهن، معياري سنڌي ڪتابن لاءِ قدردان پيدا ٿي سگهن ٿا. جناب والد سائين جو ڪتاب ”لطف اللطيف“ ڪافي ڏوڪڙن ۽ ڪشالن ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ڇپجي تيار ٿي ماڻهن جي هٿن تائين پهتو تڏهن هن نادر ۽ تاريخي ڪتاب پنهنجي لاءِ ڪافي قدردان پيدا ڪيا ۽ ڪجھ حصو بي- اي- آنرس جي شاگردن ۽ ٽريننگ ڪاليج جي سنڌي ماسترن جي ڪورس ۾ هجڻ سبب نيڪال ٿي ويو، رهيل سهيل نسخا سنڌي ادب جا چاڙهو هٿون هٿ کڻندا رهيا.

لطف اللطيف جي شايع ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ”شاهہ جي رسالي جو مطالعو“ جي شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو تڏهن سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان خطن پوڻتان خط اچڻ شروع

ٿيا ته اهڙي تاريخي تحفي کي جلد ڇپرائي سنڌ جي عوام تائين پهچايو وڃي. مون کي خود به ڪتاب شايع ڪرائڻ جو شوق دامنگير هو.

نيٺ سنڌ مان ڪيترن سڄڻن ۽ قدردانن ۽ علم دوستن جي همت ۽ حوصلي افزائي تي ۽ ڪتاب جي ڇپائي جو ڪم شروع ڪري ڏنو ويو ۽ "شاهه جي رسالي جو مطالعو" کي ڇپرائي سنڌ جي علم نواز ۽ ادب پرورن جي هٿن تائين پهچايو ويو هي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪتاب هٿون هٿ نيڪال ٿي ويو، گويا دڪانن ۽ مارڪيٽ ۾ ملڻ ناممڪن ٿي پيو جنهن ڪري سنڌي ادب جي سڄڻن انهي ڪتاب کي دوباره شايع ڪرڻ لاءِ خط لکڻ شروع ڪيا. جنهن ڪري هي ٻيون دفعو ٻه هزار ڪاپيون ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايون ويون آهن.

"لطف اللطيف" وانگر هي ڪتاب به سنڌي ادب ۾ هڪ بي بها اضافو ثابت ٿيو آهي. ڪتاب جي پڙهڻ سان ئي قدردان قدر ۽ قيمت ڪٿي سگهندا.

مون کي اميد نه بلڪ يقين آهي ته سنڌي علم ۽ ادب جا پارکو ۽ چاڙو ڪتاب جي هن ڇاپي جو به اڳيئن ڇاپي وانگر قدر ڪندا.

جناب والد صاحب جن ڪيترائي ڪتاب لکي ڇڏي ويا آهن

Gul Hayat Institute

مگر افسوس جو انهن جي اشاعت لاءِ اڄا مون ۾ ايتري مالي طاقت نہ آهي جو انهن بيش بها ڪتابن کي جلد شايع ڪرائي سگهان.

هن مونجهاري ۽ هوشربا مهانگائي ڪري هرهڪ شئي جو اگهہ ۽ قيمت آسمان تائين پهتل آهي خاص ڪري ڪاغذ جي قلت ۽ ڪمي اسان جي ملڪ ۾ سڀ ڪان اگهي ۽ اکيري آهي انهي جي باوجود الله تعاليٰ ۾ اميد رکي هن ڪتاب کي علم نواز ۽ ادب پرورن جي هٿن تائين پهچايو ويو آهي.

رب تعاليٰ گهريو تہ سمورا ڪتاب آهستہ آهستہ ڇپايا ويندا. منهنجو ڪم آهي محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ، ڪم کي توڙ تائين پهچائڻ آهي قدرت جي هٿ وس والله المستعان.

آخر ۾ "مطالع" جي مطالع ڪندڙن صاحبن کي عرض ڪندس تہ دعا خير سان ياد ڪندا رهندا جيئن الله تعاليٰ توفيق بخشي ۽ همت ۽ حوصلو ڏئي تہ جناب والـد سائين جا بيا نادر ڪتاب بہ شايع ڪندو رهان.

خادم العلم

**علي نواز وفائي**

ايڊيٽر "آزاد"

وفائي پرنٽنگ پريس

پاڪستان چوڪ، ڪراچي-١

٩-٧-١٩٧٥ع

Gul Hayat Institute

# پيش لفظ

سـواره دي بگذشتي، ومـا هنوز، از شوق
نهاده روئـي بخاکـِ سمِ سمند تـو ايـم
نهالِ عمر، ز بـادِ اجَل، فتـاده از پائـي
هنوز ما، بهوائـــي قـــدِ بلند تـو ايـم

١٩٤٩ جا پويان پساه هئا ۽ ١٩٥٠ جـي اچڻ ۾ پانيان کا پهر پاڇي جي ديـر هئي. مولانا دين محمد وفائـي مرحوم، سنڌ جي عظيم شاعـر شاه لطيف تي هڪ ڪتاب پـورو ڪري، پيو هٿ ۾ ڪٿي چڪو هو. ڳالهيون ته پيون هلنديون هيون پر اهو تريء تيل لائق نه ڏيندو هو ته ڪهڙو ڪتاب لکي چڪو آهي ۽ ڪهڙو رٿا هيٺ اٿس. جڏهـن ملي تڏهـن ڇڙو اهترو چوي، سو به هميشه جي عادت مطابق مخصوص انداز ۾ وڏو ٽهڪ ڏيئي "ترس ! پالهي هڪ ڏينهن ڏسندين."

اهوئي زمانو هو جو مولانا، نئين چاپي لاء، 'الهام الباري' جـي تصحيح شروع ڪري ڏني هئي ۽ سنڌ جـي قديم مشاهيرن تي بڻ هڪ جامع تذڪرو تيار ڪري رهيو هو. گويا اهـي هئا چار علمي ڪم، جن مان ٻه معلوم ۽ ٻه نا معلوم.

Gul Hayat Institute

# ڪتاب جي سال جو قطعہ تاريخ

## احمد خان آصف مصراڻي

طبع ٿيو تحفو وفائيءَ (١) جو خدا جي فضل سان،
هن ۾ آهي پٽ ڌڻيءَ جو فلسفو ذڪر و بيان.
ٿيو نواز (٢) آهي مبارڪ باد جو اڄ مستحق،
جنهن جوان همت ڪئي تصنيف والد جي عيان.
هيءَ نئين تصنيف آهي بعد از "لطف اللطيف" (٣)،
درج جنهن ۾ ٿيا نرالي نوع سان نڪتا نوان.
هر اکر، هر لفظ، هر نقطو ٿيو موتي مثال،
پيڪا سٽ تي سلڪِ گوهر، ناهہ ان ۾ ڪو گمان.
"باب" هر موتيو گلاب ۽ "فصل" هرهڪ عطر بيز،
هي صحيفو آہ ٿيو علم و ادب جو گلستان.
عيسوي سن خير سان اولوهہ سؤ ٻاهٺ ٿيو،
١٩٦٢
جنهن ۾ آصف تي ويو شايع هي عمدو ارمغان.

---

(١) علامہ دين محمد وفائي (رح).
(٢) محترم علي نواز وفائي.
(٣) مرحوم وفائي (رح) جي پٽ ڌڻيءَ بابت لازوال تصنيف.

Gul Hayat Institute

'لطف اللطيف'- جنهن جو نالو پوءِ معلوم ٿيو، پريس ۾ هو ۽ پهرينءَ جز جو پروف مولانا پاڻ پڙهي چڪو هو (١)؛ سنڌي مشاهيرن جي تذڪري جي تڪميل عنقريب ٿيڻ تي هئي؛ 'اِلهام الباري' وفات کان اڳيئين ڏينهن جي شام تي نظرثاني ڪندي سندس هٿ ۾ ڏٺم. باقي رهيو شاه لطيف تي سندس ٻيو ڪتاب، انهيءَ جو هڪ نامڪمل فقرو سندس ڪَٽُ مان نڪتوڙي هو جو قضا جي قلم جو وهڻ وهي ويو. يعني، اجل جا چوبدار پيرين، سنڌي پار جو پروانو کڻي اچي مٿانئس بيٺا. مولانا سڀئي ڪم ڇڏي، ٻوڇڻ ڪلهي تي رکي، الله تو آهر ڇڏي رب ڏانهن راهي ٿيو.

لڏي ويا ڇــڏي، ڪاهــي ڏڻ ڏراڙ،
نڪا ڪوڪ ڪنڌين ۾، نڪا تڙ تنوار،
ويچارا پنهوار، ڪڏلندي رات ڪٿي ويــا.

اِنــي پلا ڪنهن جي مجال هئي! ڪنهن دوست يار جي هلندي پچندي هجي هــا، ڪنهن جو هٿ پير هلي سگهي ها، ڇڻ اکَ جو ڪو چارو چلي ها ته هوند سندس دامن جا چارئي پلّو جهلي بيهون ها ليڪن:-

---

(١) انهيءَ ڪتاب جو ديباچو وفات کان ڇهه ڏينهن اڳ يعني ٥ اپريل ١٩٥٠ع جو لکي پورو ڪيو هئائين.

Gul Hayat Institute

دل شد مجاور، آنجا ڪه جامي
هٰذا فراق؟، بيني و بينڪ

شاه عبداللطيف رحه متعلق اهو ٻيون ڪتاب هو. ’شاه جو مطالعو‘- جيڪو اڄ پورن ٻارهن سالن بعد مرحوم جو جوان سال ۽ جوان همت فرزند، علي نواز وفائي، اوهان صفحن ۾ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيو آهي. مون کي يقين آهي ته هر سنڌي ۽ لعل لطيف سان دلچسپي رکندڙ هر محب وطن، سنڌ جي انهيءَ پختہ ڪار اهل قلم ۽ دانشمند مورخ جي هن آخري سوکڙيءَ ۽ پونئينءَ پيش ڪش کي ساه سان سانديندو.

لڏي وڃا جي لوه، مون کي اُن جي پٺين وڃڻ ٿيو،
ڪو ڪو ڏينهن قريب جو، مَن انگين آڙهو هوءِ،
هلوا ته پسون هوءِ، جي آهن ڍنگر ڍيهل پرين جا.

* * * *

جيئن هڪ مورخ جي تصنيف پنهنجي دور جي تصوير ٿئي ٿي، تيئن هڪ سچي ۽ صحيح شاعر جو ڪلام پڻ پنهنجي عهد جو آئينو ٿئي ٿو. فرق فقط هيترو آهي ته مورخ سوچي سمجهي، تهي تڪي، رٿي ٺهي ۽ گهڻو ڪري مصنوعي ۽ خارجي محرڪات جي تحت پنهنجي تاريخ کي تيار ڪري ٿو، ۽ شاعر سواءِ ڪنهن سنبت ۽ سبب خاص جي، سواءِ ڪنهن زور ۽ بار يا خارجي اثر ۽ اقتدار جي، پنهنجي ماحول جي سچيءَ پچيءَ

هلي۽ ڇلي۽ ڪان، اٿي۽ ويٺي۽ ڪان، ٿيندڙ حق يا ناحق ڪان، هلندڙ طور طريقي، دستور خواه ريت ۽ رسم ڪان، محض پنهنجي دل جي ڪهُر تي ۽ محض پنهنجي ذاتي مشاهدي تي فطري طرح متاثر ٿي، ڪلام ۾ آهي آهي واقعات شعوري يا غير شعوري طرح آڻي ڇڏي ٿو جو سندس سچي عهد جي گويا سچي پچي تصوير چٽجي وڃي ٿي. اهوئي سبب آهي جو مورخ جي لکڻي۽ تي ڏه دفعا سوچ ڪرڻ لازمي ٿيو پوي ۽ شاعر جي ڪلام مان جيڪي تاريخي ۽ تمدني نڪتا هٿ اچن ٿا اهي گهڻو ڪري قابل قبول ٿيندا آهن. تنهنڪري ٿي جڏهن ڪنهن به خاص دور جي صحيح صورتحال لاءِ مواد ڏسڻو پوي ٿو، ان وقت نثري مجموعن سان گڏ نظم جو ذخيرو پڻ نظر مان ڪڍڻ لازمي، بلڪ ازحد ضروري ٿيو پوي ٿو.

* * * *

سونهاري۽ سنڌ جي سدا بهار شاعر، شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ٻارهين۽ صدي هجري۽ واري۽ سنڌ متعلق، تاريخي تمدني ۽ جغرافيائي مواد ايترو گهڻو ملي ٿو جو جيڪڏهن انکي منجهائس وٺي سوڙجي ته هوند سنڌ جي انهن سو ورهن جي تصوير گهڻي۽ حد تائين پنهنجي سچي۽ پچي۽ صورت ۾ اسان جي اکيان اچي وڃي. ليڪن افسوس آهي جو انهي۽ قسم جي مواد کي شاه جي رسالي سان گڏ ڪرڻ يا مخصوصاً انهي۽ نقطئه نگاه سان رسالي

کي ڏسي ان مان مسالي ڪڍڻ جي ڪوشش، اڃان تائين ڪنهن به سنڌيءَ ڪانه ڪئي آهي (١)، بلڪ شاهه جي زماني جو پس منظر پهريون دفعو جنهن ماڻهوءَ ڏنو، اهو مغربي عالم، سورلي هيو. جنهن به پنهنجي مواد لاءِ خود شاهه جي ڪلام کي نه، بلڪ خارجي ذريعن کي اختيار ۽ استعمال ڪيو.

شاهه جي هم وطنن مان مرحوم مولانا دين محمد وفائي پهريون بزرگ آهي، جنهن خالص تاريخي ۽ تمدني نقطه نگاهه سان رسالي جو مطالعو ڪري، هڪ مستقل ڪتاب جو بنياد وڌو، جنهن جو نالو، مرحوم پاڻ ئي "شاهه جي رسالي جو مطالعو" رکيو. اهو خيال به، خدا بخشيس، مرحوم کي غالباً انهيءَ ڪري آيو جو سندس ذهن ۽ فڪر ۾ اڳي تاريخي سانچي ۾ تهي تيار ٿيا هئا.

* * * *

ڪتاب ۾ جيئن پڙهندڙ پاڻ ڏسندا، مولانا سڀ کان پهريان مختصر طرح 'شاهه جي سنڌ'، جو سياسي پس منظر آڻي، ان ۾ شاهه جو جيڪي حصو آهي ان کي ان جي ئي ڪلام مان

(١) ممڪن آهي، انهيءَ ڏس ۾ ڪن صاحبن کي مختصر مقالا لکيا هجن. ڪن هندو صاحبن پڻ ڪنهن زماني ۾ ننڍا رسالا لکيا هئا پر انهن سيني ۾ تحقيق جي بجاءِ تصور جو دخل زياده آهي.

Gul Hayat Institute

ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ٻه-ٽي ڳالهيون هي آهن:-

١- ٻارهين صديءَ ۾ سياسي طرح سنڌ وڏي ڪوپ ۽ ڏاڍيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي، مغلن جي غلاميءَ جو ڳچيءَ مان ڳٽ نڪتو ئي مس، هتان جي مقامي خاندان سنڌ جي سربراهي ڪندي آزادي ورتي ئي هئي جو مٿان اچي نادر نمودار ٿيو، ان کان اجل آجو ڪيو ته قنڌارن اچي مٿان ڪڙڪو ڪيو. هڪ دفعو نه بلڪ ٻار ٻار، ڳهران رسن ته سڏو سنڌ ۾. انهيءَ ڪري ته وڏن چيو:

جڏهن تڏهن سنڌڙي، تو کي قنڌارئون جو ڪو!

بهرحال، غيرن جي غلاميءَ ۽ ڌارين جي اِي دربي ڏکوئيندڙ ڏاڍاين، شاه جي ذهن کي اذيت پهچائي ۽ هن، انهيءَ حالت کان متاثر ٿي پنهنجي ڪلام ۾ مختلف پيرائن ۽ پهلوئن سان 'ڌرن جي ڏاڍ' خلاف جهاد جوڙيو ۽ مسلسل غلاميءَ ۾ رهڻ سبب، وطن سان محبت ۽ پنهنجي گردو پيش سان وفادار رهڻ جو احساس، جيڪو صدين کان ستل هو، ان کي جهنجهوڙي جاڳائڻ ۽ ڪوشش ڪيائين، جيئن سنڌين کي پنهنجي سماجي روايتن، ريتن ۽ رسمن سان پريت پيدا ٿئي ۽ غلاميءَ سبب سنڌي سماج ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي جيڪي ڌاريا ۽ مصنوعي اثر پيا هئا،

انهن جا داغ ڌوئي اسان جي ﭘوتيءَ ۽ ﭘيراهن کي ﭘاڪ ۽ صاف ڪري.

٢- سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي ڪشمڪش ۽ تعصب ڏاڍو گهڻو ﭘيدا ٿي ﭘيو هو، حضرت مخدوم محمد هاشم عليه رحمة جي سخت گير ﭘاليسيءَ، سنڌ اندر عالم سڳورن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ڪري ڇڏيو هو، جنهن تبليغ اسلام لاءِ گهڻي حد تائين تشدد آميز بلڪ غير اسلامي انداز اختيار ڪيا هئا. جيئن ڪنهن غير مسلم جي واتان الله محمد ۽ رسول جو لفظ نڪرندو هو تہ ور ڏيئي ان کي حلقہ اسلام ۾ داخل فرمائي. يعني مروجہ مخصوص محاوري مطابق ’مشرف بہ اسلام‘ ڪري، ﭘنهنجا ’تبليغي‘ فرائض بجا آڻيندا هئا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو سنڌن طور ۽ طريقي ۽ انهيءَ لفظي ڦند ۾ ڦير غيرمسلمانن کي ڏاڍو هول ۽ هراس ۾ وجهي ڇڏيو. اهي ﭘاڪ نالا وٺڻ تہ درڪنار ۽ بجاءِ خود رهيا، هنن ﭘنهنجي ڇوٽيءَ ۽ ڌوتيءَ جو خير ۽ تحفظ ان ۾ سمجهو تہ مرڪو اهي اکر اچارڻ ئي ڇڏي ڏين جن مان خطري جو امڪان هجي. چنانچہ ﭘين لفظن سان گڏ ’رسو‘ ڇوڻ هنن انهيءَ ڪري ڇڏي ڏنو هو جيئن ديسن جا مبلغ ان ۾ ’ل‘ ﭘنهنجي طرفان وجهي ’رسول‘ بڻائي ڪو ممڻ نہ مچائي وجهن. لسان الغيب حضرت حافظ جي چوڻيءَ ظاهري اکين کي اها خبر ڪانہ هئي تہ:

همه کس طالب یارند، چه هشیار و چه مست
همه جا خانهٔ عشق است، چه مسجد چه کنشت
نا امیدم مکن از سابقهٔ لطفِ ازل
تو چه داني که پس پرده، که خوبست و که زشت

اهو سڀڪجهہ انهيءَ ڪري هو جو ايائي سون سالن (١) جي مسلسل تسلط سبب ذهني طرح سنڌ ۾ تنزل ۽ پستي اچي چڪي هئي، آزاد ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت، قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي، فڪر ۽ نظر، علم خواه عمل ۾ جا بلندي ۽ جزرسي، گهرائي ۽ ڳنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دوررسي ٿيندي آهي، سا سڀ ختم ٿي ويئي هئي. تنهنڪري رواداريءَ، برادريءَ، پاڙيسرائيءَ يا هموطنيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواه اسلامي انگ، هڪ آزاد قوم ۾ ٿين ڪين، اهي سڀ هتان نڪري چڪا هئا، ۽ اهو سڄو خلم هو انهيءَ احساس ڪمتريءَ جو ٻاريل، جيڪا غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري غلام قوم جا افراد پنهنجي انهيءَ احساس کي متاثر خاطر، هڪ غير فطري برتريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي مصنوعي رستون ۽ رستا پيدا ڪندا آهن. جن مان هڪ طريقو اهو پڻ آهي تہ مذهبي

---

(١) ارغونن کان وٺي مغلن تائين.

Gul Hayat Institute

فروعات تي خواه مخواه زور ڏجي، مناظري بازي ڪري هڪٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي، دين ۾ غير ضروري نمايش ڪري مذهب ڪان زياده پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائجي ۽ قطعي غير اسلامي طريقن جي وسيلي انسانن کي هڪ مذهب جي دائري مان زوريءَ ڪيهي ٻئي مذهب ۾ داخل ڪري ان تي بگل باجا وڄائي، پنهنجي پندار کي آسودگي پهچائجي.

ملڪ اندر انهيءَ ڏقيڙ وجهندڙ ۽ دلين جهڙي متي ۽ پياري دنيا ۾ ايتري ويڇي وجهندڙ پاليسيءَ، شاه جهڙي صاف باطن صوفيءَ ۽ درد ڀري دل رکندڙ انسان کي سخت متاثر ڪيو. شاه گهريو ٿي ته:-

کفر کافر را و دين ديندار را
ذرهٔ دردِ دل عطار را

سو هن پنهنجي ڪلام اندر مڪي، ماڪيءَ ۽ مصريءَ جي انهيءَ حد تائين پالوٽ ڪري ڇڏي جو ترشيءَ تلخيءَ تنديءَ ۽ تيزيءَ جو جيڪو بوز غيرمسلمان پنهنجي هموطن ڀائرن هٿان چکي چڪا هئا، اهو يڪلخت مٺ ۽ ميٺاج ۾ بدلجي ويو ۽ ان جي شيرينيءَ سڀني کي ايتري قدر ڪندون ۽ کير پياري ڇڏيا، جو مولانا جي قول مطابق:

”هندن کي، جو ڪن اکرن اچارڻ ڪري مسلمان

ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو سي به شاه صاحب جي
ڪلام ڪي پنهنجو سمجهي سنڌ ۽ سنڌ وارن ڪي
پنهنجو سمجهڻ لڳا. ويدانت جي رنگ ۾ هندن وانان
اسلام جون اهي ڳالهيون چورايون ويون، جي هوند
مذهبي ماڻهو سموري ڄمار متو ڪپائين ته به هڪ هندوءَ
کان ان جو اقرار ڪرائي نه سگهن...............
الله جي هيڪڙائي ۽ رسول جي رسالت جي قبوليت
۽ قرآن شريف جون آيتون شاه صاحب، هندن جي
واتان ان ريت چورائي ٿو، جيئن هڪ مسلمان چوي
يا ان جو اقرار ڪري. هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن
شاه جي زماني ۾ ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ جي اڳيان ڪو
غير مسلمان ڪري ها ته جهٽ مٿس، مسلمان هجڻ
جي فتوي ڏيئي، کيس مجبور ڪيو وڃين ها ته اٿي
اسان جي پر ۾ گڏجي ره..........................
صوفيانه رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي ان حد تائين پنهنجي
ويجهو آندو، جو هو شاه صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو
سڀڪجهه چوڻ لڳا جو هڪ پڪو موحد مسلمان
ڪليءَ دل سان چئي سگهي." (١)

١- ڏسو ڪتاب جو صفحو ١١-١٢، شاه سائينءَ جي انهيءَ دلڪش

(ڏسو صفحو ٢٠)

Gul Hayat Institute

انهيءَ مذهبي منافرت ۽ سختيءَ واريءَ پاليسيءَ مان شاهه کي سنڌي وحدت جي لٽجڻ ۽ ملڪي آزاديءَ جي سلب ٿيڻ جو ڀڻ وڏي ۾ وڏو امڪان، بلڪ جائز خطرو نظر آيو ٿي. ڪيئن اهوئي خيال هو ته انهيءَ قوت ۽ مذهب جي مصنوعي ڏڍڙ مان افغاني حملا آورن، جن مغلن جي پڄاڻيءَ بعد ۽ نادر جي خونخواريءَ کانپوءِ هڪ نئين بلا جي مهندان اچي منهن ڪڍيو هو، تن جا پير پختا ٿيندا.

انهيءَ مذهبي چيڙ ڇاڙ جا وڏا مرڪز، انهيءَ زماني ۾، هونءَ ته گهڻائي هئا، ليڪن سڀني ۾ برک هو ٺٽو، جنهن تي صدين کان وٺي ڏارين جون هڪٻئي کان ڏار ڪندڙ پاليسيون اثر انداز هيون، ۽ ان کان پوءِ هئا مٽياري، هالا ۽ ملاڪاتيار جا شهر. اهي سڀئي مرڪز شاهه جي آس پاس هئا، اُني ٿيندڙ

(بقايا صفحي ١٩ تان)

ادا ته سين جي دلين ڪي سوهي رکيو ۽ اهوئي سبب ٿيو جو مسلمانن کان وڌ، شاهه جي ڪلام جا پارکو هندن منجهه پيدا ٿيا ۽ پيدا ٿيندا رهن ٿا، سرڳواسي ليلارام، جيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لال چند امر ڏنو مل، ڀيرو مل مهرچند، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، فتح چند واسواڻي، پروفيسر جهمٽ مل ۽ ٻين سون هندو مشاهيرن جون خدمتون انهيءَ ڏس ۾ ڪير آهي جو وساري سگهي ٿو؟

Gul Hayat Institute

ڪارروايون رات ڏينهن ويٺو ڏسندو ۽ پسندو هو؛ ازانسواءِ ٺٽي ۾ جتي مخدوم محمد هاشم عليه الرحمة جو اسڪول قائـم هـو، جنهن مهراڻ جي اڻ ڪٿ موجن ۽ اڻ ڳاڻو لهرن هوندي بہ سنڌ کي عربي صحرا سمجهي، خدا ڄاڻي ڪهڙي خيال خاطر "هاشمي ڪوزا" ايجاد ڪيا هئا. اتي پڻ، شاه جو گهڻو اچڻ وڃڻ هو. سندس ڪيترا دل گهريا دوست اتي موجود هئا، جن جون دليون نہ فقط وسيع ۽ ويڪريون هيون، بلڪ آئيني وانگر اجريـون ۽ ڪير جهڙيون صاف ۽ شفاف هيون، جن تـي نڪو هـو داغ ۽ نڪو هو ڏڀو. انهن جا قلب ايڏا ڪشادا هئا جيڏو ڪشادو آهي اسان جي مٺي محمدّ جو مذهب. انهيءَ شهر ۾ غيرن سان جيڪو سلوڪ هو سو تہ هوئي، پر خود اتـي جـي عالمن سڳورن جو، مذهبي فروعات تي پنهنجو پاڻ ۾ جيڪو جنگ و جدل ۽ مذهب جي آڙ ۾ ذاتي بغض ۽ عناد جو ٻارڻ ٻريل هو. جنهن اتان ٽڙي پکڙي سڄيءَ سنڌ جي فضا کـي متعفن ڪري ڇڏيو هو، تنهن پڻ شاه کـي نہ فقط وڏيڪ متاثـر ڪيو بلڪ مجبور ڪيو تـہ انهيءَ سموري زهر لاءِ مٺ محبت، ساز ۽ سلوڪ جو ڪو موثر ترياق تيار ڪري.

هن ڪتاب جو مڪمل خاڪو، مولانا جي ذهن ۾ هو. ڇا لکي ها، ڇا منجهس آڻي ها، ڪهڙا ڪهڙا نڪتا بيان ڪري ها، مڪمل ڪرڻ نائين ڪهڙن عنوانن جو اضافو ڪري ها،

Gul Hayat Institute

ازانسواءِ نظرثانـي ڪرڻ وقت ڪهڙيـون گهٽ وڌايـون دور ڪري ها؟ ان جي خبر هڪ ته رهي خود انهيءَ مـرحوم کي، ٻي ڄاڻ رهي ڄـاڻُهار کي. پر جيتري قـدر ۽ جيڪي ڪجهه لکي ڇڏي ويو آهي، اهو نه فقط پنهنجو مٽ پاڻ ۽ سنڌي ادب لاءِ هڪ غيبي غنيمت آهي، ليڪن ان کان وڌ هيءُ ته! انهيءَ ڪتاب لکڻ سان موجوده ۽ آئينده لکندڙن لاءِ مولانا هڪ نئون رستو کولي ويو آهي ۽ هڪ نرالي شاهراه ڏيکاري ويو آهي.

هن نامڪمل ڪتاب اندر، سياسي پس منظر کانپوءِ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، اقتصادي حالت، معيشت، واپار وڙي، مال متاع، کيتي واڙي، اميري غـريبي، سماجي زندگي، رسـم ۽ رواج، قبيلا ۽ وٿاڻ، پکي پرنيپ، سپ بلائون، جهنگلي خواه گهريلو جانور. مطلب ته، شاه جي ڪلام سان هر اها شئي مولانا پهرين پنجن فصلن منجهه آندي آهي، جنهن جـو تعلق سنڌ ۽ سنڌ جـي تاريخ ۽ تمدن سان هو. ڇهون فصل رسالي جي تدوين ۽ ان جي مختلف نسخن وغيره متعلق آهـي. ستون فصل جيڪو نامڪمل رهجي ويو، سو آهي انهيءَ ڏاريئي ڪلام تي جيڪو رسالي اندر گڏجـي ويـو آهـي. انهيءَ ئي فصل ۾ ڪجهه اکٽي هلي هڪ فقرو اڃا لکي مس پورو ڪيو هئائين جـو اوچتو اچـي موت مٿانئس بيٺو!

## ڀـــوءِ!

نه ڇڙو ڪتاب ختم ٿي ويو

## ڀـــر!

خود مصنف، جي پنهنجي زندگيءَ جو صحيفو به

پڄاڻيءَ تي اچي پهتو!

## يعني!

همين سو گئے، داستان ڪهتے ڪهتے.

ڪراچي
٥ آگسٽ ١٩٦١ع

**حسام الدين راشدي**

Gul Hayat Institute

ڪيو سطالع سون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

" شاهہ "

Gul Hayat Institute

## سنڌ جي تاريخ جو امام

سنڌ جي تاريخ بنسبت مولانا دين محمد وفائي (رح) ٹي سنهنجي سن ۾ دلچسپي پيدا ڪرائي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي تاريخ جي تحقيق سان ڪنهن جي به دلچسپي ڪانه هوندي هئي.

(پير علي محمد راشدي)

Gul Hayat Institute

پراڻيون راهون طئي ڪري هڪ نئين منزل جي راهه تي قدم رکي ٿي. هن دور ۾ وڏا وڏا انقلاب آيا، شهنشاهيت جي قصرن جا ڪنگرا ڪري اچي پٽ پيا؛ علم و ادب ۾ نون نون نظرين ۽ اصولن کي قبول ڪيو ويو؛ سائنس جي گوناگون ايجادن ۽ ڪوجنائن انسانن جي روزانه زندگيءَ ۾ اهڙا ته اثر پيدا ڪيا، جن جو نتيجو زندگيءَ جي هرهڪ شعبي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. جيئن ته سنڌ ۾ انگريزن جو اقتدار هو، تنهنڪري هتي به انهن نون اصولن ۽ نظرين جي تيزيءَ سان ڇرپر ٿيڻ لڳي، جن جي ڪري دنيا جي مهذب ملڪن ۾ اڳي ئي ڏرٽلو برپا هو. ويهين صديءَ جي شروع ۾ سنڌ کي هڪ ئي وقت اهڙين ديني، علمي، ادبي، سياسي، معاشرتي ۽ اصلاحي تحريڪن مان گذرڻو پيو، جن جو مثال گذريل تاريخ ۾ ملي نٿو سگهي. انهن همه گير تحريڪن سنڌ ۽ سنڌين تي اهي نقش ڇڏيا آهن، جيڪي اڄ اسان کان لڪل ڪين آهن، ليڪن انهن عالمگير تحريڪن جي پٺيان جن بزرگ ۽ مخاص شخصن ڪم ڪيو، سي جيڪڏهن نه هجن ها ته سنڌ انهن ڪاميابين کي ڪڏهن به حاصل نه ڪري سگهي ها، جيڪي هن وقت کيس حاصل آهن.

مولانا دين محمد وفائي رح به سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو، جن جي بخشيل برڪتن تي جيترو به ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. مرحوم ”الوحيد“ اخبار ۽ ماهوار ”توحيد“

رسالي جو هرهڪ پرچو مولانا جي قومي خدمت ۽ تبحر علمي جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني، علمي، تهذيبي ۽ سياسي فلاح و بهبود بابت هرهڪ سڌاري ۽ هرهڪ عملي قدم کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ جيڪا اڻٿڪ ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ کي ڏسي سنڌس حب الوطني ۽ علمي بزرگيءَ جو ڏاڪو دل تي ڄمي وڃي ٿو. مولانا جو ”الوحيد“ اخبار سان ٽيويهن سالن تائين رشتو قائم رهيو، ۽ انهن ٽيويهن سالن ۾ مولانا جيترو مواد علمي توڙي ادبي، سياسي توڙي ماڪي حالتن تي پيش ڪيو، انهيءَ کي جيڪڏهن گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪجي، ته هوند جلدن جا جلد ٺهي پون. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته مولانا پنهنجي زندگيءَ جو سمورو عرصو ”الوحيد“ جي ميز تي ويهي گذاريو، بلڪ سندس سچي حياتي سنڌ ۽ سنڌين جي سڌاري ۽ بهبوديءَ جي تحريڪن ۽ جدوجهد جي نذر ٿي وئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي به ڪا اهڙي خالص ديني، علمي ۽ اصلاحي تحريڪ شروع ٿيندي هئي ته مولانا پنهنجون خدمتون ان جي حوالي ڪندا هئا ۽ سواءِ ڪنهن پس و پيش جي ڏاڍي دلچسپي ۽ سچائيءَ سان پنهنجي فرض ادائي ڪندا رهندا هئا.

مولانا دين محمد وفائي جي ولادت، تاريخ ٢٧ رمضان المبارڪ سن ١٣١١هه ۾، سندس اباڻي ڳوٺ ڪتن عرف نبي آباد تعلقي

ڪڙهي ڀاسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو ۽ پاڻ ذات جو ڀٽي هو، جيڪو پڻ پنهنجي دور جو وڏو حڪيم ۽ عالم هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جتي ”پند نامہ عطار“ تائين فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا نون ورهين جي ڄمار مس هئس ته پيءُ جو سايو سر تان کڄي ويو، ۽ سندس پرورش جو سمورو بار سندس مادر مهربان جي ڪلهن تي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ مولانا پنهنجي علمي سلسلي کي ختم ڪرڻ نه ڏنو، ۽ فارسيءَ جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪيائين. جيڪو پنهنجي دور ۽ وقت جو جيد عالم هو. ان بعد عربيءَ جي تحصيل واسطي حضرت مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئيءَ جي شاگردي کي قبول ڪيائين. مولانا ابوالفيض پنهنجي ڳوٺ سوني جتوئي تعلقہ لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو، جنهن کري مولانا دين محمد پڻ، سال ١٣٢٥ کان ١٣٣٠هہ تائين، اتي رهي، پنجن سالن جي عرصي ۾، عربيءَ جي سڀني ڪتابن، منطق ڪبري جي رسالن ۽ ملا جلال ۽ مرزا زاهد جي تصنيفات کي پڙهي، تحصيل علم کان فراغت حاصل ڪئي. ان وقت مولانا جي ڄمار اوڻيهہ سال هئي، ۽ انهيءَ دوران ۾ سندس شادي سکر جي عزيزن مان ٿي، پر افسوس جو هڪ سال کان پوءِ مولانا جي گهر واريءَ وفات ڪئي. عربيءَ جي تعليم ختم ڪرڻ بعد مولانا ابوالفيض ڪيس ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ

لاءِ مشورو ڏنو ۽ مولانا حڪم جي تعميل ڪري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ آيا، جتي ٻن سالن تائين تعليم ڏيندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي رحمة الله عليه سان ٿي، جنهن جي صحبت مان مولانا کي بيحد فيض حاصل ٿيو. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي علمي بزرگيءَ جو چرچو سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي، سن ١٣٣٢هه مطابق ١٩١٤ع ۾، مولانا کي ڪراچي ڇڏي، جيلاني پير جي صاحبزادن کي تعليم ڏيڻ لاءِ، راڻيپور وڃي رهڻو پيو ۽ ١٩١٦ع ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو مولانا کي مجبوراً راڻيپور کي ڇڏڻو پيو. راڻيپور ۾ رهائش جي دوران ۾ مولانا صاحب جي سکر مان ٻي شادي ٿي، جنهن مان ڪيس اولاد پيدا ٿيو. راڻيپور کي ڇڏڻ کان پوءِ مولانا سڌو ٿي نلاهه شريف ڏانهن روانو ٿيو ۽ جتي ڪيس پير سيد حاجي امام الدين شاهه راشديءَ جي فرزندن کي تعليم ڏيڻ جا فرائض سپرد ڪيا ويا هئا. مولانا صاحب جي هتي رهائش وارو زمانو به بزرگ ۽ علمي شخصيتن جي صحبت فيض اثر ۾ گذريو. انهن بزرگن ۾، قدوت العارفين حضرت پير سيد محمد رشد الله رحمة الله عليه صاحب العلم (جهنڊي وارو) جو نام گرامي قابل ذڪر آهي.

هي زمانو دنيا جي افراتفريءَ جو زمانو هو. انهيءَ وقت پهرين مهاڀاري لڙائي اوج تي هئي جنهن جي ڪري دنيا جو هرهڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت به ڪا چڱي

Gul Hayat Institute

جي برخلاف سخت پروپئگنڊا جو ڪم شروع ڪيو. ساڳئي وقت امروٽ شريف ۾ قدوت السالڪين حضرت مولانا سيد تاج محمود رحمةالله عليه جي نظرداري هيٺ، انهيءَ رسالي ”تحقيق الخلافت“ جي رد ۾ ”اظهارالڪرامت“ نالي رسالو لکي تيار ڪيائين، جيڪو مارچ ١٩٢٠ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام ”آزاد“، مولانا عبدالباري مرحوم لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلدئي مولانا کي جمعيت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهن ڪري پاڻ هميشه لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

ڪراچيءَ ۾ رهائش وارو مولانا جي زندگيءَ جو حصو خاصي اهميت رکي ٿو. خاص ڪري سنڌي صحافت، صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ دور ۾ ئي وجود ۾ آئي. ان وقت نه ڪي سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهڻي تعداد ۾ ۽ اعليٰ معيار جا هئا، ۽ نه وري ماڻهن کي صحافت سان دلچسپي هئي. حتاڪه پڙهيل طبقي جو به انهيءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونه هو. اهوئي دور هو، جڏهن مولانا صاحب سنڌي صحافت کي سنوارڻ جو ڪم پنهنجي سر کنيو. هونئن ته طالب العلميءَ جي زماني کان وٺي ئي مولانا جي صحافت سان دلچسپي هئي، پر انهيءَ دلچسپيءَ کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو ڪارڻ بقول مولانا صاحب- مولوي عبدالله

Gul Hayat Institute

صاحب ميرپوري (ڄهنڊائي) ٿي هو. ٻئي طرف وري شيخ عبدالعزيز محمد سليمان، مالڪ اخبار ”الحق“ سکر، جي همت افزائي مولانا صاحب کي مضمون لکڻ جي مشق تي آماده ڪيو. رائيپور واري زماني ۾ قاديانين جي رد ۾ هڪ رسالو ”صحيفهء قادريه“ جي نالي سان شايع ٿيو؛ ۽ ٽلاهه جي رهائش واري دور ۾، پير سيد عبدالغفار شاه راشدي جي سرپرستيءَ هيٺ ”الڪاشف“ ماهوار رسالو وجود ۾ آيو. هنن ٻنهي رسالن ۾ مولانا صاحب پوري دلچسپيءَ ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو. مارچ سن ١٩٢٠ع ۾ ڪراچي مان روزانه ”الوحيد“ جو اجراء ٿيو، تڏهن مولانا کي اخبار جو معاون مدير مقرر ڪيو ويو. سال ١٩٢٣ع ۾ مولانا صاحب پنهنجي ادارت هيٺ ”توحيد“ رسالو جاري ڪيو. انهيءَ زماني ۾ مولانا صاحب جي مصروفيت جو هي عالم هوندو هو، جو هڪ طرف ”الوحيد“ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سلپ پٺيان سلپ پيو موڪليندو هو، ته ٻئي طرف وري ماهوار ”توحيد“ جي لاءِ علمي، ادبي ۽ ديني مباحثا ۽ تاريخي مضمون به پيو قلمبند ڪندو هو ساڳئي وقت وري بزرگن ۽ عالمن جي ڪچهري جدا پئي هلندي هئي، جنهن ۾ ديني، ادبي ۽ سياسي مسئلن تي زبردست بحث مباحثا ٿيندا هئا.

جلد ئي سن ١٩٣٦ع ۾ سنڌ، بمبئي پرڳڻي کان جدا ٿي، علحدي صوبي جي صورت اختيار ڪئي. انهيءَ مبارڪ موقعي تي

Gul Hayat Institute

۾ مولانا عبيدالله سنڌي صاحب سنڌ ۾ واپس موٽي آيو، ۽ سنڌ ۾ به عبداللهي تحريڪ شروع ڪيائين. مولانا صاحب انهيءَ تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. ايتري قدر جو سال ١٩٤٣ع ۾ تحريڪ سان والهانه محبت هئڻ سبب کيس "الوحيد" سان لاڳيتن ٽيويهن سالن جي پراڻن رشتن کي به ٽوڙڻو پيو. "الوحيد" کان علحده ٿي، مولانا صاحب، مرحوم الله بخش سومري جي جاري ڪيل روزاني اخبار "آزاد" جي اداري ۾ شريڪ ٿيو.

مولانا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي انهيءَ عرصي ۾ اخباري زندگيءَ ۾ سخت مصروف رهڻ کان پوءِ به ڪيترائي ڪتاب مذهبي، علمي ۽ ادبي تصنيف ڪيا، جن ۾ هيٺيان ڪتاب قابل قدر آهن: ١- تاريخ محمد مصطفيٰ، ٢- صديق اڪبر، ٣- فاروق اعظم، ۴- سيرت عثمان، ٥- حيدر ڪرّار، ٦- خاتون جنّت، ٧- غوث اعظم، ٨- نو مسلم هندو راڄپوت، ٩- راحت الروح تذڪره مخدوم نوح هالائي، ١٠- توحيد اسلام ترجمه تقويت الايمان ١١- اعتقاد صحيح (مذهب اهلِ حديث)، ١٢- مقصد زندگي (فلسفه علم نفس)، ١٣- الختم علي فم الخصم (رد قادياني)، ١۴- لاجواب تحرير، ١٥- قرآني صداقت، ١٦- هندو ڌرم ۽ قرباني (رد آريه و هنود)، ١٧- الهام الباري ترجمه تجريدالبخاري پنج جلد، ١٨- ترجمه فتح الغيب (تصوف - نامڪمل)، ١٩-

Gul Hayat Institute

تـذڪره مشاهير سنڌ، ٢٠- اظهارالڪرامت فـي مسئلہ الخلافت والامامة (اسلامي سياست)، ٢١- اذڪار حسين (رد شيعہ).

مٿين ڪتابن مان گهڻا ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي ناياب ٿي ويا آهن. انهن کان سواءِ گهڻائي ڪتاب اڃا مسودن جي صورت ۾ هئا، جن مان گهڻو تعداد ضايع ٿي ويو. مولانا صاحب جـي سڀ کان اهم تصنيف ”تذڪره مشاهير سنڌ“ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اعليٰ ۽ مقتدر شخصيتن جي زندگـيءَ جـو احوال هڪ هنڌ جمع ڪيل آهـي. هـيءُ ڪتاب، مسودي جـي صورت ۾ سال ١٩٤٤ع ۾ چورائجي ويو. مولانا صاحب کي انهيءَ تصنيف جي ضايع ٿيڻ جو سخت صدمـو پهتو، ليڪن مولانا صاحب جنوري ١٩٤٥ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي وري نئين سر لکڻ شروع ڪيو جنهن ۾ ١٩٤٦ع تائين اوائل اسلام کان وٺي سنڌ جـي ڏيڍ سؤ بزرگن، صوفين، عالمن ۽ شاعـرن جا احـوال جمع ڪيا هئائين. انهيءَ کان سواءِ، اڃا به ٽن سون کان وڌيڪ سنڌي بزرگن جا حالات منتشر حالات ۾ وٽس موجود هئا، جن کـي هٿ ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب سنڌ جا ڪيترائي قديم ڪتبخانا ڏٺا هئا. هنن ڪتابن کان سواءِ مولانا صاحب جا اهي بيشمار علمي ۽ تحقيقي متفرق مقالا وغيره علحده آهن، جيڪي ماهـوار ”تـوحيد“ جي ويهن سالن جي پرچـن ۾ پکڙيا پيا آهن. مولانا صاحب فارسي ۽ عربيءَ جـو جيد عالم، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهـر هـو، سندس

سنڌي لکڻي جي هڪ خاص خوبي هيءَ آهي، جو هر پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ان مان هڪ جيترو فائدو وٺي ٿو سگهي. فارسيءَ ۽ عربيءَ جا اکر به اهڙيءَ طرح ته استعمال ڪيا اٿس جو سنڌي جي سونهن ويتر وڌي ويئي آهي. مولانا صاحب نثرنويسي سان گڏ شاعريءَ جو به هڪ سٺو مذاق رکندو هو. سندس تخلص ”وفائي“ هو. اوائلي دور ۾ ڪجهه شعر و شاعري به ڪيائون. سندس پهريون شعر ڪراچيءَ مان نڪرندڙ ۽ قديم سنڌي ماهوار رسالي ”الاسلام“ ۾ ١٩١٣ع ۾ شايع ٿيو. ”امداد يتيمان“ جي عنوان سان نظم به مولانا صاحب جي تصنيف آهي. اخباري ۽ قومي مصروفيت سبب، شاعريءَ جو شغل گهڻو وقت رهي نه سگهيو، انهيءَ هوندي به جيڪا شاعري ڪئي اٿن، ان ۾ گهڻي قدر قومي رنگ موجود آهي. البت، رسالي ”توحيد“ ۾ جابجا تاريخي قطعات نظر اچن ٿا، جيڪي مولانا صاحب پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي وفات تي قلمبند ڪيا هئا. مولانا صاحب جي آخرين تصنيف ”لطف اللطيف“ ”شاه جي رسالي جو مطالع“ هئا. جن مان ”لطف اللطيف“ مولانا صاحب پنهنجي وفات کان اڳ، ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾، ماه سيپٽمبر کان نومبر ١٩٤٩ع تائين لکي ختم ڪيو ۽ سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجڻ شروع ٿي ويو؛ ليڪن ڪتاب جي مڪمل ڇپجڻ کان اڳ ئي مولانا صاحب وفات ڪري ويو.

Gul Hayat Institute

سن ١٩٤٢ع ۾، سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ ”سنڌي مرڪزي بورڊ“ قائم ڪيو، جنهن سنڌي لغت تاهن لاءِ هڪ رٿ پيش ڪئي. انهيءَ رٿ کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، ڇهن ميمبرن جي هڪ لغت ڪميٽي ٺاهي ويئي. انهيءَ ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر مولانا صاحب بہ هو. ان کانپوءِ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ سنڌ سرڪار اسڪولي سنڌي ڪتابن کي نئين سر جوڙڻ لاءِ جنوري ١٩٤٩ع ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ پڻ مولانا صاحب کي شامل ڪيو ويو. هن ڪميٽيءَ کي حيدرآباد ۾ رهي ڪم ڪرڻو هو، پر حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ مولانا صاحب ڊبل نمونيا ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ ڪميٽي ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو. مولانا صاحب کي گهڻي عرصي تائين هيءَ بيماري هلي، پر انهيءَ مان بہ اُٿي کڙو ٿيو. سندس صحت ان کان پوءِ وري خراب ٿيڻ لڳي ۽ آخر ٢٢ جماديالاخر ١٣٦٩هہ، برابر ١١ اپريل ١٩٥٠ع، آچاري رات، هن دار فاني مان دارالبقا ڏانهن لاڏالو ڪيائين.

انا لله و انا اليہ راجعون.

Gul Hayat Institute

## قطعه تاريخ وفات

(از: دين محمد "اديب" فيروزشاهي)

اڄ هاءِ لڏي ويو "وفائي"،
سنڌيءَ جي سنَد اديبِ دوران.

اي هاءِ، حبيب ٿي جدا ويو،
دنيا مان ويو - ويو وڃڻ کان.

دل ڇور ٿئي اکين غمن کان،
زخمن تي لڳو ٿي زهري پيڪان.

مولي نه وري، وڃي هتان جو،
ٿئي ان جو ملڻ مرڻ پڄاڻان.

دنياءِ ادب ۾ حادثو آهه،
نا قابل جبر آهه نقصان.

اڄ ڪير ڪري ادب جي خدمت،
هي باغ ٿيو ادب جو ويران!

مشاطه عروسِ فڪر ماهر،
هو سحر نگار سنڌي سحبان.

منجهه نثر انهيءَ جو پايو عالي،
همپايه نه ان جو ڪو نمايان.

Gul Hayat Institute

تاريخ نويس، علم جو ڀا،
ان نکتي سمجهيا پريشان.
تازي و دري ۾ دُرفشان هو،
هو دُر ادب جو بحر عمان.

هي باغِ ادب جو باغبان هو،
هو باغِ سخن جو ابرِ نيسان.
ان شاه لطيف جو لکيو حال،
ان ڪار ڪئي شاهڪار چاڙان.
جرات سان چيائين حق جو ڪلمو،
جرات تي سندس، جريءَ حيران.

منجهه وقت خلافت جي ڪئي جنگ،
ان جنگ جي لاءِ مرد ميدان.
پرواه نہ ڪيائين جيل جي ڪا،
پروانہ جان ٻاهہ ۾ وڌائين جان.
هن، طرز تي پاڻهنجي ڪيو ڪم،
ورچيو نہ ڪڏهن هو پنهنجي ڪم کان.
هو محڪم عزم، عالي همت،
مَتَ ان جو هجي ڪو ورلي انسان.
مردن جو هو ڪال اڄ کهٽوئي،
هيڪاري وڏيو سندس وڃڻ کان.

Gul Hayat Institute

اميدون هيون منجهس کهٽيئي،
سڀ خاڪ ٿيون ـ دريغ، ارمان!
ماتم ٿيو محفلِ ادب ۾،
ماتم ڪده آهه بزمِ عرفان.
بيگاني يگاني کي سندس غم،
ان درد کان اهلِ ذوق لرزان.
دلِ ديده ُرئن، جگر ٿيو داغ،
هن سوز کان صاف سينو سوزان.
مشرب ۾ عميق فرق هوندي،
ٿيا دل جا وسيع، تنگ غم کان.
بخشيس قصور پاڄهه وارو،
بخشيس قصور، حور غلمان.
ڪر لطف جو پاڇو قائم ان تي،
نيت ان تي وساءِ ابر احسان.
آغوش ڪرم ۾ وٺ ڪريما!
بدين بدلاءِ نيڪين سان.
ٿئي حڪم نجات لاءِ جاري،
منجهه خلد برهمن وڃي خرامان.
سال آهه ـ ”باغهاي فردوس“،
فردوس ۾ ڏينس باغ بستان.
مقبول ”اديب“ جي دعا ڪر،
ايمان سان لڏاءِ هن جهان مان!

Gul Hayat Institute

# مولانا دین محمد وفائی

مولانا دین محمد وفائی (مرحوم) سندھ کے عظیم سپوت تھے۔ وہ بہ یک وقت، صحافی، تذکرہ نگار مورخ، عالم دین، مصلح اور سندھ کی ثقافت کی ایک نمائندہ شخصیت تھے۔ انہوں نے نہ صرف سندھ میں تحریک آزادی کو پروان چڑھایا بلکہ سندھ میں علمی، ادبی، تاریخی، اور ثقافتی تحریک پیدا کی۔ انہوں نے بلند پایہ صحافت کا نمونہ پیش کیا۔

مرحوم مولانا وفائی رحہ کی شخصیت، خدمات اور ان کی سیرت کا مطالعہ ملک میں سندھ کی زبان، تہذیب، روایات، تاریخ اور یہاں کے اکابر کے مطالعے کا شوق پیدا کرے گا اور وطن سے اور اسکی ہر چیز سے محبت اور اسکے لئے فدایت کا ایک نیا جذبہ پیدا کرے گا۔ ان کی سوانح حیات سندھ کے ایک خاص دور کی علمی، تہذیبی، سیاسی اور اصلاحی تحریکات کی ایک تاریخ ہوگی۔ ان پر اردو میں کتاب وقت کی اہم ترین ضرورت ہے۔

ابو سلمان شاھجہانپوری

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

cript form in the shelves of the publishing house of his son Ali Nawaz Wafai, and no institutional effort has been made to augment the wealth of knowledge for the benefit of posterity.

His son Ali Nawaz Wafai has, within his limited resources, endeavoured to keep the light of knowledge set by his great father, kindled, and was able to bring first editions of some of Maulana's works. But the scope of knowledge enshirned in the sheaths of manuscripts calls for concerted efforts by the Government to unravel the hidden wealth of knowledge for the jet-age Sindhis.

As said, his son has followed his father's tread and, in 1948, founded Wafai Publishing House in memory of his father. He is also editing the Weekly Azad in Sindhi which is more a views-paper than a newspaper.

Gul Hayat Institute

(Daily Leader April 1975)

thoughts that were sweeping the Sub-Continent.

Maulana Din Mohammad Wafai died on 10th of April, 1950. With his passiag away Sind lost one of its great servants. His whole life had been devoted to the cause of the Sindhi Muslims trying to better the social, moral and material condition of the people. His love for his people is ensconsed in the pages of history which along is the judge of his greatness.

Maulana Din Mohammed Wafai wrote over 50 books, mostly on history and religion. Significant amongst his works are:

1. Ilham Bari in five volumes. This is the Sindhi trauslation of Sahi Bukhari and is said to be the only of its kind in Sindhi language.

2. Lutf-e-Latif. This again is an original work on the life of great Sufi poet of Sind Shah Abdul Latif Bhitai. It has details which are no where to be found in any other work.

3. Tazkara Mashahir-i-Sindh in four volumes.

4. Shah Jo Risalo.

5. Zindagi Jo Maqsad.

It is a tragedy that such rare and rich knowledge about the Indus valley lies buried in manus-

Gul Hayat Institute

sed that the revival of Sind's hisrory, was mainly due to the tireless efforts of Maulana Wafai· eminent contemporary literatures have paid glowing tributes to Maulana's stature as a great historian and culogised his services as such. Pir Hisamuddin Rashdi has referred to Maulana Wafai as the Imam of Sindhi historians. Sind's most revered educationist, the late Shamsul Ulema Dr. Daudpota used to call the Maulana as a living dictionary while to Pir Ali Mohammad Rashdi, he was a mobile encyclopaedia.

**'Tauheed'**

In 1943 Maulana Wafai resigned from 'Al Waheed' but continued to write for the "Tauheed" a monthly journal dedicated to the task of propogating the true spirit of Islam among the tradition ridden Sindhi Muslims. Through his columns in 'Tauheed', Maulana bodly attacked the depravity and immorality of his times which were taking roots among the Muslim society. He also criticised the superstitious and false customs that had peneterated into the Muslim society through Hinduism. He tirelessly attempted to awaken the Sindhi Muslims to make them conscious of the fresh currents of social, religious and political

Gul Hayat Institute

and long life of the reigning King George V. It was this unfortunate state of affairs in which Maulvi Sahib set himself to work. He felt that a nation without history is a nation without respect, and that as long as the Sindhi people remained ignorant of their own glorious past they can never face the future with confidence.

He was convinced that in the history of Sind there was enough to lift the chin of any Sindhi. It was also enough to inspire the people to yet higher ladders of progress. So he took up the delicate and the intricate work of acquainting his people with the heritage of Sind in new perspective.

**Imam of Historians**

The efforts of the Maulvi Sahib ultimately met with success and many a renowned Sindhi historians took inspiration from Maulana's works.

Gul Hayat Institute

Soon renowned Sindhi scholars like Pir Hisamuddin Rashdi and Pir Ali Mohammad Rashdi inspired by Maulana Wafai's writtings, took upon themselves to write many books on the history of Sind and, to a considerable extent, repaired the damage that the years of neglect and hypocricy had caused. It need not, therefore, be emphasi-

job and joined the movement for the cause which was dear to his people. This was the start of a long career of a man destined to spend his life in the service of the people of Sind. The career that made the name Wafai; one of the most respected and loved in the entire province.

In 1918 Maulvi Sahib established a Sindhi language journal by the name "Al-kashif" (The Explorer). In 1920 a daily newspaper in Sindhi called "Al Waheed" was established under the editorship of Kazi Abdul Rehman. Maulvi Wafai was asked to join as the member of the editorial board. With this began the long and distinguished career as a journalist. His articles are pieces of good Sindhi literature. Being simple and staight-forward, his writing was easily understood by one and all. His articles contained facts and he wrote a prose full of eloquence and the rhetorich used was rare.

Gul Hayat Institute

Another field in which he achieved distinction was history. In those days nobody really cared for the research on Sindh's contributions. Most of the contemporary histories began with accession to the throne by Queen Victoria and ended with the poise note praying for the good health

That man is no more with us today. With his deeds and works, he has, however, interwoven himself into the pages of Sind's history. And though there is no monument to cherish his memory, he, in the words of Thomas Carlyle, with which this article begins, has carved out his biography in the annals of Sinds history. He certainly did not live in vain. That great man was Moulana Din Mohammad Wafai.

**Early Life.**

He was born in the village of Nabiabad (Taluka Garhi Yasin, Sukkur District) on the 27th of Ramzan, 1311, AH. By the time he was 12, Maulvi Sahib had thoroughly acquired a good knowledge of Persian. In the following years he took the Course in Arabic from various madrassahs in the villages around his home village.

By the time he was 18, he had completed his education and was fully equipped to embark on his mission, Soon after he joined a school as a teacher. In 1919, the Khilafat movement began to gain momentum. Maulvi Sahib social felt that his loyalty to the cause of Muslims demanded participation in the movement and that he could not any more remain aloof, so he left his peaceful

Gul Hayat Institute

the 'bania' influence in the services. Trade commerce and industry were practically restricted areas for them.

Such were the harrowing conditions for the Muslims prevailing in the province at the turn of the century and at this juncture, a young man infused with the feeling of the spirit of the great Islamic heritage, endowed with a vision that seemed to foresee the coming events, and inspired by the clarion calls of Jamalhddin Afghani and the Great Ali Brothers, came out from the recluse of his abode in a far-off unknown village, with the burning desire to serve the Mussalmans of his province. And in this he was to wage a war. The pen was to be his weapon. He gave a new trend to thinking among the Sindhi Muslims. His simple but bold, forthright but appealing writings revolutionised the intellectual sphere. His message soon started bearing results. The Sindhi Muslim youth had caught the signal of the message. Later years were to see an upheaval in all the areas of activities of the Muslims. The message gave them the realisation of the potentials they had and the great force they could forge themselves into.

Gul Hayat Institute

# *The Great Sindhi Scholar Who Did Not Live In Vain*

By A. H Haquani

**"No great man lives in vain. The history of the world is but the biography of great men"**

The history of Sind is interspersed with many a page of glorious periods. And these periods have, in fact, come to be synonymous with personalities whose works and deeds gave monumental image to them to live with; and be cherished through, the passage of time. The beginning of the persent century saw the Muslims of Sind in the grip of gruelling moments. The feudal overlords, under the patronage of colonial 'sahebs', had virtually paralysed the masses under their tyrannical rule. Illiteracy amongst the Muslims was rampant. The few who could manage through school and college education hardly matched

Gul Hayat Institute

on April 10, 1950. In him Sind lost a great veteran whose services will always be remembered His whole life was devoted to the cause of the people trying to uplift their social, educational and moral conditions. Maulana left 50 books which he wrote mostly on the history and religion.

(Daily News, April 29, 1975)

Gul Hayat Institute

writing in the Sindhi literature as Maulana has his own style of writing with clear expresion and masterly narration which people used to read. Another field in which Maulana achieved land-mark was the research in history of Sind. The Maulana painstakingly recounted the glorious past of the province and enlightened people through his writing. Maulana inspired the people with the heritage of Sind in its true perspective.

The efforts of Maulana Wafai did not go in vain and soon he emerged as a distinguished writer; research scholar of Sindh's art history and literature. It needs no mention that the revival of history of Sind was mainly due to the tireless efforts of Maulana Din Mohammad Wafai. Eminent contemporary of Maulana have paid him glorious tributes for the service he rendered. Titles such as "Imam of Sind's History". "living dictionary and encyclopaedia of Sind" were given to Maulana by many scholars and historians.

Gul Hayat Institute

In 1943 Maulana Wafai resigned from Al-Waheed but continued to carry out Tauheed in which Maulana Sahib bitterly criticised the dep-raved and unscientific traditions and customs of the Muslims of Sind and reformed their religious, social and political thinking. Maulana Wafai died

ture and journalism of Sind is unparallel and he was the first Sindhi scholar who initiated research in the history of Sind and made his mark in this field.

He was born in the village of Nabiabad (Taluka Garhi Yasin of Sukkur District) on 27th Ramzan-ul-Mubarak. 1311 AH. At the very young age af 12 Maulana had thoroughly acquired the knowledge of Persian and later he studied Arabic at various madrassahs in his village and after completion of education he soon started his teaching career.

In 1919 when Khilafat Movement began Maulana left the job and joined the movement for the cause which was always dear to him, and his people. This was a beginning of a path of a man destined to spend his life in the service of the people of Sind. That made Maulana Wafai the most respected and loveable personality of the entire province. In 1920 Sindhi journal Al-Waheed was brought out under the editorship of Kazi Abdul Rehman and Maulana was asked to join the editorial board of the newspaper. With this began the long carrier of Maulana as a journalist. His writings were declared pieces of marvellous

Gul Hayat Institute

# *Sind's Great Writer*

## (Maulana Din Mohammad Wafai)

**By: Jaffer Bilgrami**

Sind with its glorious past has produced great personalities whose work and deeds would be cherished for a long time to come.

The advent of the current century saw the Muslims of the subcontinent in one of the most grueling moments of their history engaged in waging war against illiteracy on the one hand and overthrowing the yoke of the British tyrannical rule on the other. The Muslims living in Sind were no exception to those harrowing conditions and their struggles launched in various fields are of great importance. Among many personalities who made their debut in various fields at that crucial juncture of the history one was Maulana Din Mohammad Wafai whose name is synonymous with the struggle of Sind in the freedom movement Maulana's contribution in the litera-

Gul Hayat Institute

kinds of birds, the camel races and their names, the means of earning one's life etc. For the Sindhi reader who is familiar with all the aspects of rural life, the book will be very intersting because it enables him to see many of his own experiences reflected in Shah Latif's poetry, and I am sure that he will look upon his own daily life with quite another view after having understood in what a wonderful manner the great Sindhi poet has transformed thing he sees every day into symbols of highest meanings. And the foreigner who reads for the first time the 'Risalo' will find most useful informations in Din Muhammad Wafai's book, informations which enable him to admire the subtle blending of mystical ideas, and of simple folklore even more.

We do hope that the book will find the interest which it deserves, and we are sure that it will help to a better understanding of the masterpiece of Sindhi literature.

Gul Hayat Institute

BONN (West Germany)
7th August, 1961.

Professor, **Dr. Annemarie Schimmel**

# FOREWORD

Every reader of the Shah-jo-Risalo is confronted with the problem in how far Shah Latif has alluded to contemporary customs, and to objects and situations peculiar to Sindh and to the social life in his time. In the history of literature and mysticism, scholars have often forgotten that mystics and poets do not live in a vacuum but that they are bound to their environment and have to use symbols and **rumuz** which can be understood by their countrymen and contemporaries, though these words bear, for the mystic, a deeper spiritual significance. Sorley has, in his book on Shah Abdul Latif, given a large picture of the social and political conditions of Sindh in the 17th and 18th centuries, so that the Europeun reader may get a right impression of Shah Latif's environments and the background of his outward life.

Gul Hayat Institute

In the present booklet, **Shah jo Mutalao,** the well known author Din Muhammad Wafai (died 1950), has tried to show the peculiarities of Shah's poetical language and to trace from his poetry a picture of the daily life in Sindh in the Kalhora period. We learn, through his book, the different

# سنڌ ۾ اهل حديث جو پهريون علمبردار

حضرت مولانا دين محمد وفائي (رحہ) تاريخ سنڌ جو امام هو. سنڌ جي تاريخ برزبان ۽ مشاهير جون حياتيون ياد، انهن جي تولد ۽ وفات جي تاريخن تائين به ياد پڌائيندو هو. سنڌ ۾ اهل حديث جو پهريون علمبردار هو.

(پير حسام الدين راشدي)

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي تاريخ تي گويا انسائيڪلوپيڊيا

مولانا دين محمد وفائي (رحه) سنڌ جي مشاهير جي تاريخ ۽ ڪارنامن جو حافظ، سنڌي ادب، زبان، لغت ۽ انهن جي تقابلي مطالعي جو ماهر، سنڌي تصوف، سنڌي شاعري ۽ سنڌي فڪري معيار جو وڏو ڄاڻو، سنڌ جي تهذيبي روايات ۽ سنڌ جي تاريخ تي گويا "انسائيڪلوپيڊيا" هو. سندس دماغ سنڌ جي بزرگن ۽ مشاهير جي ڪارنامن لاءِ گويا زنده ڪتبخاني جو ڪم ڏيندو هو.

(غلام محمد گرامي)

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي چرندڙ پرندڙ تاريخ

سنڌ جي تاريخ، علم ۽ ادب، قديم آثارن، مشاهير بابت مولانا دين محمد وفائي (رحه) جي معلومات ايتري ته وسيع ۽ اهڙي صحيح ۽ ثابت هئي جو ڪيس ڊاڪٽر علامه دائود پوٽه (رحه) سنڌ جي چرندڙ پرندڙ تاريخ سڏيندو هو.

(ڪريم بخش خالد)

Gul Hayat Institute

# مولانا دين محمد وفائي مرحوم

نوٽ: علامه وفائي مرحوم جي سوانحعمريءَ جو مواد، مولانا جي خود نوشت سوانحعمريءَ ۽ ٻين اهل قلم حضرات جي مضمونن تان ورتل آهي.

سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ اهڙين بزرگ، محبِ وطن ۽ انسان دوست شخصيتن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن جي پرخلوص ۽ بي انتها ڪوششن سبب سنڌ جو نالو هميشه روشن ٿيندو رهيو آهي. انهن شخصيتن نه فقط سنڌ جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو، بلڪه انساني تهذيب جي ارتقا جو خنده پيشانيءَ سان آڌرڀاءُ ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين کي به دنيا جي انهن سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون اڻٿڪ ڪوششون ڪيون، جن جي ڪري آهي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسجڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

جيتوڻيڪ سنڌ جو هر دور ڪنهن نه ڪنهن مذهبي، تهذيبي ۽ علمي اهميت جو حامل آهي، ليڪن ويهين صديءَ وارو دور سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي اهميت رکي ٿو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. نه فقط سنڌ ۾، بلڪه سموريءَ دنيا ۾ هيءُ دور هڪ اهڙي حيثيت رکي ٿو، جنهن جي شروع ٿيڻ تي دنيا

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي على رسوله الكريم

# فصل پهريون

## شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي انقلابي حالت

حضرت شاه عبداللطيف رح جو زمانو سنڌ ۾ هڪ وڏو ڳرو انقلابي زمانو آهي، سلطان عالمگير جي وفات وقت شاه صاحب جي چمار سورنهن سالن جي هئي ۽ مغلي سلطنت جا گورنر اڪبر اعظم جي زماني کان وٺي جو سنڌ ۾ مقرر ٿيندا ايندا هئا تن جو سلسلو شاه صاحب جي سامهون ڪپجي ويو هو ۽ سنڌ جي حڪومت جا سمورا اختيار ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حوالي ڏي چڪا هئا، ميان نورمحمد پنهنجي طاقت سان سموري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو هو جنهن ۾ هاڻوڪي بلوچستان جو سبي تائين حصو به اچي وڃي ٿو. هوڏانهن سلطان عالمگير جي وفات سنه ١٧٠٦ع ١١١٨هه کان پوءِ عالمگير جي همه گير انتظام کي سنڌس پويان نه سنڀالي سگهيا ۽ نه وري هنن ۾ اها لياقت ڏي هئي.

Gul Hayat Institute

اڪبراعظم جي زماني کان وٺي جو "همه اوست" جو فلسفه هندستان ۾ پکڙجي رهيو هو تنهن مان ڪي بي سمجهه غلط معنائون ڪيدي گمراه ٿيڻ لڳا ۽ اسلامي واٽ کان ٿڙڪڻ لڳا انهي ساڳئي صوفيانه فلسفه جي مقابلي ۾ امام رباني جي فرزندن "همه از اوست" جو فلسفو پيش ڪيو، عالمگير اورنگزيب عام رعايا جو لاڙو امام رباني جي فلسفي ڏانهن ڏسندي پنهنجي حڪومتي انتظام کي قائم رکڻ لاءِ هن پوئين فلسفي جي تائيد ڪئي. انهيءَ فلسفي وارا يعني نقشبندي طريقي جا پوئلڳ ۽ سندن اڳوڻ ظاهري شرعي حڪمن جا ڏاڍا پابند هئا ۽ بادشاه پڻ هڪ وڏو ديندار ماڻهو هو جنهن ڪري هڪ طرف هنن کي اها ڳالهه ڳري لڳي ٿي جو سندن دل گهريو ويدانت فلسفو يا همه اوست واري خيال کي ڌڪ لڳي رهيو هو ۽ ٻئي طرف کان ايراني (شيعن) اميرن ۽ توراني (حنفي سنين) سردارن جو اختلاف وڌي رهيو هو، بادشاه عالمگير جي پوين ۾ ايترو حوصلو ڪونه هو جو سموري هندستان جي انتظام کي سنڀالي قابو ۾ آڻي سگهن، جنهن ڪري ايڏو جلد ڦيرو اچڻ لڳو جو اورنگزيب عالمگير کان وٺي سلطان محمد شاهه جي وفات ١٧٤٧ع ١١٦١هه تائين ڪل ٤١ سالن ۾ ٣ مغل بادشاه ختم ٿي ويا مغلن جي ڪمزوريءَ مان سنڌ ۾ ميان نورمحمد پورو پورو فائدو ورتو ۽ پنهنجي طاقت کي وڌائيندو ۽ وڏيڪ مضبوط ڪندو رهيو. مغلن

ڪن هندن ڪي زوري مسلمان بنائڻ جو ڪم به چالو ڪيو ويو هو، جنهن ڪري هندن جون دليون سنڌي مسلم راڄ کان تنگ ٿي رهيون هيون، مگر هنن لاءِ ٻي ڪابہ واهہ ڪانہ هئي تہ اوڏانهن ويهي واجهائين، اهڙي زماني ۾ حضرت شاه عبداللطيف پنهنجي وطن جي اهڙي خدمت ادا ڪئي آهي جنهن جو مثال پيش ڪري نٿو سگهجي.

شاه صاحب سنڌ جي قوميت ۽ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي تمدن سنڌي رهڻي ڪهڻي، سنڌي تصوف، سنڌي ٻولي جي بچاءَ لاءِ اهو املهہ ڪم ڪيو آهي جو سموري هندستان ۾ ڪنهن بہ شاعر انهي انقلابي زمانہ اندر ڏيهي ٻولي ۾ ڪونہ ڪيو آهي. هي ٿي هڪ صوفي بزرگ شاعر آهي جيڪو پنهنجي زبان ۾ سنڌ ڪي ڌاري تهذيب ۽ ڌارين جي غلبي کان بچائڻ لاءِ پنهنجي شاعري جي وسيلي هڪ امر ۽ لافاني امانت اسان وٽ ڇڏي ٿو.

شاه صاحب جي سامهون فقط سنڌ آهي، سنڌ جون وٿون آهن، سنڌ جا نظارا آهن، سنڌي زبان وارا ٻر ڪٿا آهن الهن کي سامهون رکي ٿو ۽ انهي ٿي دائري اندر هو پنهنجي مٺي سر ۾ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ٿو.

شاه صاحب واري سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جدا جدا حصن ۾ جدا جدا لهجہ ۾ ڪجهہ سنڌي سيلهي سان ڳالهائي ويندي هئي.
(١) سرائڪي ويندي سنڌ جي اپرندي پاڱي ۾ بهاول پور ۽

سبزل ڪوٽ تائين ڳالهائي ۽ ايندي هئي . ڪلهوڙن جي درباري يا گهرو زبان به سرائڪي هوندي هئي، ٻي عام سنڌي جا سنڌ جي هيٺين ڀاڱي ۾ ڳالهائي ويجي ٿي ، جنهن کي پوء علمي زبان جو چولو ڍڪايو ويو ۽ اهائي زبان آهي جنهن ۾ شاه صاحب پنهنجي شاعري جا جوهر پيش ڪيا آهن ، ان کانسواء سنڌ جي ٿرپارڪر ضلع جي ريگستاني ڀاڱي جي ٻولي جو ٻين حصن کان ڪجهه فرق آهي .

ڪڇ يج رياست ۽ ڪاٺياواڙ يا سورٺ علائقن ۾ به سنڌي ڳالهائي ويجي ٿي مگر ان جو گجراتي سان ڳنڍو چوکو ڳانڍاپو آهي هيڏانهن هالوڪي بلوچستان جا ڪي حصا جن ۾ ناڙي جو علائقو جيڪب آباد کان وٺي سبي تائين، هوڏانهن رياست لسٻيلي ۽ ايراني نار جو اهو ڪنارو جو پنج ڪور مڪران تائين هليو وڃي ٿو سو سنڌ ۾ داخل هو ، اڄ تائين انهي جي رهاڪن جي ٻولي سنڌي آهي . بلوچ قومون جيتوڻيڪ پنهنجون ٻوليون بلوچي ۽ براهوئي ڳالهائين ٿيون پر عام طرح ڏيتي ليتي ۽ بازار ۾ وري به سنڌي ڪم آڻين ٿا .

شاه صاحب سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ملڪ جي حصن جو سفر ڪري ٿو ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌي تهذيب تي گوڙهو ويچار ڪندو رهي ٿو ۽ ان کانپوء انهن جي بچاءَ ۽ حفاظت لاء پورهيو ڪرڻ گهري ٿو . شاه صاحب ڏاري ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ ڏاريـن

ماڻهن ۾ ڪابہ نيڪي جي اميد نہ ٿو رکي، هنن کي خود مطلب سمجهي ٿو، انهيءَ پنهنجي دلي مطلب کي سمجهي جي واتان سندس ڌاريں پرديسي ڌمرن جي ڊوه واري واقعي جي رنگ ۾ بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

١- ڀيم پٺاڻن سين ڀولي جي نہ ڀڄهن،
آءُ سنڌي جو سعيو ڪريان، هو پارسيون پچن،
مون پڻ مُلا تن، سرتيون سور پرائيو.

٢- برو فازان بات جن جي ٿانگوروان ٿيشي،
ڏين پارسيون پاڻ ۾ ايزا ابليشي،
ليڙا رات لطيف چئي، نڌايون نيشي،
پنهون ڀرويشي، ڪج پيادن پنڌ ۾.

٣- برو بگيرد بام بليخا، مون نہ پروڙين مام،
ٿودئي، ٿومان خشتگان، چلي چپر جي لام،
اچي ٿئي تنهين سام، دراه، دراه ڪن جي.

٤- برو بگيرد جي، ٿا ڏين پارسيون پاڻ ۾،
مون لوڏان ڏي لڪيا، تہ هاچو ڪندا شي،
ماريندا مونکي، پنهون نيندا پاڻ سين.

شاه صاحب جي انهي انداز مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو ڌارين ماڻهن ۽ ڌاري ٻولي ڳالهائيندڙن مان هاڃي ۽ هڇا جي اميد رکي ٿو، اگرچہ هنن جي سام پئجي، هنن جي غلامي ڪجي پر

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن غافل رهبو تہ جيئن سئل سسئي کان سندس پنهون کسي ويا هئا تيئن غافل سنڌين کان سپڪجهہ کسبو ويندو، انهيءَ ڏي شئي کي سامهون رکي شاه صاحب سنڌين کي سجاڳ ٿيڻ لاء سڏي ٿو.

شاه صاحب پنهنجي عاشقانہ يا صوفيانہ شاعري جو دائره سنڌ ۾ محدود ڪري ڏنو، هو سنڌ کان ٻاهرين قصن ليليٰ مجنون، شيرين خسرو، هير رانجهو ۽ ٻين کي هٿ ڏي نٿو لائي، هو سنڌ جي ڪهاڻين کي پنهنجي پياري ٻولي ۾ هڪ خاص رنگ ۾ بيان ڪري ٿو، هن جي سرزمين سنڌ جون مشهور آکاڻيون آهن، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو، عمر مارئي، تماچي، نوري، نٿي جي ولجاري ۾ ولجارو.

بهادريءَ جو بيان ڪري ٿو تہ موروڙي ميربحر جو قصو آڻي ٿو، قرباني ۽ سخاوت ۾ سخي سهڙ ۽ جادي سمي جا گيت ڳائيندي سورٺ جي راء ڏياچ کي وجهي ايتري لاتو انس جو منگتي کي سر ڏيئي سرهو ٿيو.

وٺ سر تيء سرهو مڪي ڳهاء م ڪاء،
جاچڪ تو متاڻ، ملڪ مڙوئي ڳهوريان.

شاه صاحب هڪ فطرتي شاعر آهي، شاعر جيڪي اکين سان قدرت جي ڪتاب ۾ ڏسندو آهي سوئي بيان ڪندو آهي، هن جي سامهون سنڌ هئي. سنڌ ۾ ڏي جيڪي ڏنائين يا ٻسيائين سوئي

Gul Hayat Institute

هڪ خاص انداز ۽ خاص رنگ ۾ سنڌين جي سيڪت لاءِ پيش ڪيائين. سنڌ کان ٻاهر ڇا وهيو ڇا واپريو ۽ ڇا ٿي گذريو ان سان هن فطرتي عاشق شاعر جو ڪهڙو لاڳاپو آهي. جڏهن پنهنجي سنڌ ۾ اهو سڀڪجهه ملي سگهي ٿو جو ٻاهرين ڏيساورن ۾ به ڪونهي ته پوءِ ڇو ويهي سنڌين کي ڌارين جي قصن يا ڪهاڻين سان رجهائجي ۽ سنڌين صاف ذهنيت کي ڌارين جي غلامي هيٺ آڻجي.

شاه صاحب عام شاعرن وانگي ڪنهن به عاشقانه قصي کي ترتيب وار بيان نٿو ڪري. سنڌ کان ونڃي پڇاڙي تائين جيڪي قصو ٿي گذريو آهي تيئن نٿو ٻڌائي پر هڪ نئون ۽ نرالو رستو ورتي ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي جن هڪ واقعو پوري طرح ڄاڻ ۾ آيل آهي، هو چڱي ريت هن کان سڃاڻ آهن. شاه صاحب انهيءَ اکر ڏي ڇاتل ڪهاڻي کي نظم جي لڙهي ۾ پوئڻ شروع ڪري ٿو، ڪٿي سهڻي جي سهاڳ ۽ ڏهاڳ ۾ لس لهرين ۾ لڙهڻ جو بيان ڪندو وڃي ٿو، ڪٿي سسئي جي جهنگ جبل جالڻ ۽ فراق جي ڦوڙائن جو دردمندانه داستان آلي ٿو، ڪٿي مارئي جي سيل ۾ ست ۽ عمر جي ٻاڪ حياتيءَ جو اهڙي انداز ۾ ذڪر ڪري ٿو جو جن اهي ڪهاڻيون اکر ڏي تفصيل وار ماڻهن کي معلوم آهن ۽ شاه صاحب ٻڌل ۽ ڇاتل شئي جو هڪ نرالي انداز ۾ نروار ڪري رهيو آهي. قرآن مجيد جو به ساڳيو انداز بيان

چورايون ويون آهن جي هوند مذهبي ماڻهو سموري ڄمار مٿو کپائين ته به هڪ هندو کان ان جو اقرار ڪرائي نه سگهن.

وحده وڌيا اِلاالله اڌ ڪيا،
محمد رسول الله چئي مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي انهي پڻ پيا،
تيلان ڏٺي ڏٺا، جيلان وحدت ويا گڏجي.

آگي ڪيا اکهين نسورونئي نور،
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ ان جو.

الله جي هيڪڙائي ۽ رسول الله جي رسالت جي قبوليت ۾ قرآن شريف جون آيتون، شاه صاحب هندن جي واتان به ان ريت چوائي ٿو جيئن هڪ مسلمان چوي يا ان جو اقرار ڪري، هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن شاه جي زماني ۾ ڪنهن مذهبي ماڻهو جي اڳيان ڪو غيرمسلمان ڪري ها ته جهٽ مٿس مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيئي کيس مجبور ڪيو وڃي ته اٿي اسان جي ہر ۾ گڏجي رهه.

شاه صاحب پنهنجي زماني وارين نرالين حالتن کي سامهون رکندي نه فقط سنڌ وارن کي ڏارين جي غلامي کان آزاد رهڻ لاءِ آواز بلند ڪيو پر ان سان گڏ صوفيانه رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي به ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو جو هو شاه صاحب جي

قبضو ڪيو جتي سنڌي زبان ڳالهائي ويندي هئي ۽ جتي شاه صاحب سير واري وقت ۾ پير گهمائي آيو هو.

شاه صاحب سنڌ جي بچاءَ لاءِ پنهنجي شاعري سان جنهن شيءِ جو بنياد رکي گهريو ٿي تنهن کي سندس هڪ معتقد حاڪم ڪماليت تي پهچائي دم ڪنيو، سنڌ ۾ ميان غلام شاه جو دور هڪ سنهري دور ٿي گذريو آهي، سنڌ ڏاڍي ساڻي ۽ ساڃي هئي ۽ ڌارين جي غلامي واري ڏوکي کان آجي هئي.

شاه صاحب سنڌ سانيه لاءِ مارئي جي واتان جيڪو سنڌ وارن کي پيغام پهچايو هو تنهن تي هر هڪ ماڻهو عمل ڪري رهيو هو، هندن مسلمانن ۾ جيڪا نفرت پيدا ٿيل هئي سا حڪومت جي حڪمت عملي سان ختم ٿي چڪي هئي، ملڪ پوري سک سانت سان گذاري رهيو هو.

سنڌ تي منڌل وچيا، ڪي اوهيڙن اوڪ
چاچر تي چنن ۾، مينهيون چرن موڪ
سرهيون ٿيون سنگهاريون پوريو پائين طوق
ميها چيڙ ڦنگيون جت ٿين سيئي ٿوڪ
لاهين مٽان لوڪ ڏولائي جا ڏينهڙا.

ميان غلام شاه جي زماني ۾ اهو پويون شعر هن ريت پڙهيو ويو ٿي.

لٿا مٿان لوڪ ڏولائي جا ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

## فصل ٻيو

### شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ وارن جي رهڻي ۽ گذراني حالت

حقيقت ۾ سنڌ جي معنيٰ آهي ٻهراڙي ۽ واهڻ، هي ديس کيتي ڪندڙ ۽ چوپايو مال چارينڌڙ آهي، ان تي گذران ڪندڙ آهي، جنهن ڪري سنڌ جي رهاڪن جو وڏن شهرن کان وڌيڪ ٻهراڙي سان لاڳاپو آهي، هو دهات جي صبح ۽ سانجهي جي نظارن ۽ تازين هوائن جا مزا ماڻيندا رهندا آهن ۽ ٻهراڙي جي ڏڌ، مکڻ ۽ سچر سچي کير ۽ سڀني جهڙن جون نعمتون به ڳوٺائن کي نصيب ٿين ٿيون، جن کان وڏن شهرن جا ماڻهو وانجيل آهن، هن کيتي واري ٻرڳڻي ۽ مالدار ملڪ هجڻ ڪري ئي سنڌ ۾ وڏا شهر ڪونه آهن، خاص طرح شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زماني ۾ ته ٺٽي کان سواءِ ٻيو ڪو ايڏو وڏو شهر ڪونه هو، بکر (سکر) ۽ سيوهڻ به وڏا شهر ۽ ڳورنرن جي ويهڪ جا هنڌ هئا پر ٺٽي جيڏو نگر ٻيو ڪوبه ڪونه هو، شاهه صاحب جو انهن وڏن شهرن سان به جيتوڻيڪ لاڳاپو هو مگر ٻاڻ هو ٻهراڙي جو ماڻهو، هن جي سامهون سچي سنڌ جا صحيح نظارا هئا، هو ٻهراڙي ۾ گهمندو ڦرندو ۽ واهڻن جي واءُ سواءُ لهندو رهندو هو،

سنڌ جي تهذيب ۽ سنڌي تمدن، رهڻي ڪهڻي ۽ سنڌي ٻولي ٻهراڙي ۾ ٿي سمجهندو هو تنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ جو ڪجهه بيان ڪري ٿو ان مان سڄي سنڌ جو ٺيڪ صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

## ماهيو مال

شاهه صاحب جي زماني ۾ سنڌونديءَ کي بچاءُ بند ڪونه هوندا هئا ۽ نه وري پنجاب ۽ سنڌ ۾ هاڻي وانگي براجون هيون جنهن ڪري سنڌ دريا ساوڻي جي موسم ۾ لس ليٽ وهي پوندو هو ۽ پاره وڏي پوڏيون ۽ ليٽيون لڳيون پيون هونديون هيون. ملڪ ۾ وڏا وڏا ٻيلا ۽ جهنگل هوندا هئا. درياهه جي ڪنڌي سان ڇاهڪ ۽ ڪانهه به جام ٻيٺا هوندا هئا جتي مالدارن جي مينهين جا وڳ پيا چرندا هئا، ميهارن جون مينهيون دريائي ٻيلن ۾ چرنديون ۽ ميهارن جي تنوارن تي ڪاٽ ڪٽي تنوارن تي ڪن ڏينديون هيون.

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي آر
ڪوڙين ڪر ڪشنديون سڻي سڏ ميهار

مينهين جا به ڪيئي قسم هوندا هئا، جن سان ٻيلا پيا ٻه ٻه ڪندا هئا شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:-

ڪاريون، ڪنڍيون، ڪڪيون وارا ڪيو ويمن
جوءِ جا جانارن جي ٻيلا ٻه ٻه ڪن.

انهي زماني ۾ مينهن کي جيڪي ساز پاتا ويندا هئا تن ۾

ننڍي قسم جا چڙا به ھوندا ھئا:-

محبتي ميھار جي چڙن ڇوريا ڇاڪ

چڙن کان پوءِ وڏا ڏنڀر يا وڏا چڙا مينھن کي پائيندا ھئا جن کي ڪرڪي يا گھنڊ به چيو وڃي ٿو.

ڪرڪن خوش ڪيا محبتي ميھار جي

گھنڊ جو آواز ته ميل ڪن تي سانيٺي جھنگل ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو آھي.

ڪيڏانھن گھنڊ گڙن، ڪيڏانھن اتي وييون

انھن سازن کان سواءِ ٻين وڏن چڙن جو قسم سانيرَ يا سانيارا به آھن. جن جو آواز ستل ماڻھوءَ کي سجاڳ ڪري وجھي ٿو.

ستي جاڳايس، سانير سپرينءَ جي.

---

ھن پر سيم ھوءِ، ستي سانيارن جي.

ننڍي چڙيءَ يا وڏي چڙيءَ کي جيڪا شئي ڏڪ لڳڻ سان ٻولائي يا پرلاءُ پيدا ڪري ٿي ان کي چئو آھي "لار"، شاھ صاحب ان تي به ويھي ويچار ڪيو آھي.

لارن جا لنؤن لائي، سا ڪيئن آڇيان عام.

لاري سانير جي سنگ يا ڪي ڪاٺي جي ٿيندي آھي، جا چڙيءَ جي اندرين گولائيءَ ۾ چلي سان لٽڪائي ڇڏبي آھي.

ميھار پنھنجين مينھن لاءِ ڇڙن کان دونھيون دکائيندا ۽

باهيون ٻاريندا هئا، مهمان يا مسافر دونهين جي وسئون تي لنگهي اچي ميهارن وٽ آجهاپا ڪندا هئا.

دونهين دوست ميهار جي، ڏرڻي جيئن ڏنائين.

شاهه صاحب هت ڪاري دونهين دوست جي ڪي ڏرڻي سان تشبيهه ڏيئي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

هـوءَ جا ٻري باهه، منهن ميهارن جي.

سنڌ وارن جـو سنڌونـديءَ سان ساهيڱو رهندو آيـو آهـي، سنڌوندي کي اڪرڻ لاءِ مڪڙي يا مـلاح نه ملندو هون تـه پوءِ سيڻه، سانڊارو، سنڍ، تُرهو ترڻ لاءِ ڪم آئيندا هئا، پر جيڪڏهن اهي نه هٿ ايندا هون ته پوءِ گهڙو ڪٺي گهڙي پوندا هئا. سهڻي جي سر مان فرمائي ٿو ته:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ڪري الله تـوهار.

ننڍين واهڙن تي به ٻيڙيون هونديون يا وڏا نـوڙ آرپـار ٻڌي ڇڏيندا هئا، ائا لاهي مولهيالي وانگي ٻڌي پاڻيءَ ۾ گهڙي پوندا هئا، سهڻي ويچاريءَ کي اهي سمورا وسيلا ڪونه هئا، جنهن تي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

نه ملاح نه مڪڙي، نڪي ٻڌائـون نوڙ.

مولهائي جو بيان شاهه صاحب هيٺين شعر ۾ ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

ڪهڙو ڀڳو تان ڪھوريو، پڇي تا م ڪھڙي،
مولهائـــو محب جـــو، پڇي ٿيو پـــري،
مٽان ويـــر وري، ساهـــڙ ڏنـــم سڏڙا.

سانوڻ جي برسات ۾ سـاوڪ ۽ سبزي ٿئي ٿـي ۽ مينهن ۾ ڪير مکڻ جام ٿئي ٿو، شاه صاحب ٻهراڙيءَ ۾ اهـي نظارا ويهي اکين سان ڏٺا آهن ۽ سنڌ جي صحيح رهڻي ڪهڻي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

ٻـر وٺا، ٿـر وٺا، وٺيون ٽرايـون،
ڀره جا ڀٽن تي ڪن ولـوڙا وايـون،
مکڻ پري هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏنن ساميون، ٻولاهيون رايون،
ٻاڍيون ۽ ٻايون، پکي سونهن پنهنجي.

---

مينهيون پـاڻ مـراديـون ٿـڌا چـرن تـر،
وڏي اوه آيـــون، پـئيءَ لائـــي ڦـــر،
ساري اچيو سامهون ڏين، سنجهي ڪير سڄر،
ساڻ وانديـن ور، پريون ٻـرچڻ جون ڪيون.

انهن ڏينهن ۾ هـي بہ رواج هو تـہ مالدار ماڻهو ڪن خاص ڏينهن تـي ڪير وڪڻڻ جـو وارو وارينـدا هئا ۽ ڪير جيترو بـہ ٿيندو هون سو خيرات خدا جي واسطي ڏيئي ڇڏيندا هئا، ان رسم ڏانهن هيٺيئن شعر ۾ شاه صاحب اشارو ڪيو آهي:

Gul Hayat Institute

ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين،
جنهين جي خميس، واريون واري ڇڏيون .

آيل ماءِ - سنگهار - مالدار ماڻهو - خميس - وسپت يا خميس جو ڏينهن . هن مان سمجهه ۾ اچي ٿو تہ خميس ڏينهن مفت ڪير ڏين جو وارو واريو ويندو هو . ٻي هنڌ فرمائي ٿو : -

ڪير ڪريندي ريس، آيل سنگهارن سين،
جنهين جي خميس، منڊي مور نہ مٺ ۾ .

هن اسان جي سنڌ ۾ ڪي ڀاڳيا ١١ تاريخ هرمهيني جي ڪير نہ وڪڻندا آهن پر پيران پير جي نالي تي ڏيئي ڇڏيندا آهن، هن ارادي سان تہ پيران پير اسان کان راضي ٿيندو ۽ مال ۾ برڪت وجهندو . اهو ارادو ڪرڻ ۽ نفع نقصان خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان سمجهڻ اسلام جي حڪم موجب صفا ڪفر آهي تنهن ڪري گهرجي تہ مالدارن کي وارو وارڻ وقت نيت صاف رکڻ گهرجي .

شاہ صاحب جي آسپاس ڀاڻيءَ جا ڇڇ ۽ ڇاڇر هوندا هئا ۽ پٽ جي هيٺان گهاٽي گاہ جا ٻيلا هئا، ڪراڙ ڏيڏ ۽ ٻيون ڏيڏيون هونديون هيون ، لڱولڱ درياہ پيو وهندو هو جنهن ڪري شاہ صاحب سنڌ ۾ مينهن جو گهڻو بيان ڪري ٿو :

واحد وڏائي ڪيا ڪنديين ساڻ ڪرم .

Gul Hayat Institute

چاچر ٿي چنن ۾، مينهيون چرن موڪ،
مرهيون ٿيون سنگهاريون، ٻويو پائن طوق.

مالدار ماڻهو مکڻ وکڻي گهرج جون وٿون وٺندا هئا، ساوڻي جي مند ۾ جڏهن پاڻي به جام ٿيو ۽ مينهيون به موڪ چرڻ لڳيون، تڏهن سنگهاريون يا پاڳياڻيون ڳهه ڳهنا ٺهرائڻ لڳيون.

طوق- يعني هس ۽ ڪنڍيون. مالهائون، ٻورائي ڪچين ۾ پائين ٿيون. مالدارن جي وسنوءَ ۽ وس وقت جڏهن مانڊائيون پيون ڦرنديون آهن ۽ ڏڌ جا ولوڙا ٿيندا آهن ان جو جيڪو مشاهدو شاه صاحب پيش ڪري ٿو سو ڏاڍو وندرائيندڙ آهي، فرمائي ٿو:

منڊيون مٿ ڪڙين جهوڪين سو هن پيڙا،
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙي.

سنڌ وارن لاءِ ڏڌ هڪ وڏي وٿ ۽ هڪ وڏي نعمت آهي. مارئي عمرڪوٽ جي قيد ۾ آهي ته به اتي جيڪو سپنو لهي ٿي سو به ڏڌ ولوڙڻ جو آهي:

ستي لڌم سپنو، لوڏيءَ ۾ ليٽي،
ته منڊي ٻاڙو مٿ ۾ ولوڙيان ويٺي،
ڪڪي آءٌ پيٺي، کيرون ڏنيم جيڏيون.

شاه صاحب سنڌ ۾ سڪار جو بيان ڪندي فرمائي ٿو:

هڪ آن ارزان ٿيو، پيو مکڻ منجھه مالــي،
ڪلمي سان ڪاٿـي، لاٿــم ڪس قلوب تان.

ماڻهو جڏهن جس وس وارو ساڃـو سڀاڳـو ٿيندو آهي تڏهـن ئي ٿو ڦري ويندو اٿس پر شاه صاحب جي زمانـي ۾ اڻين نـہ هو جو آن بہ ارزان ٿئي ٿو ۽ مکڻ بہ ماڻيءَ ۾ آهي پر تنهن هوئـدي بہ ڪلمو ياد آهي ۽ ڪلمي سان ماڻهو پنهنجن قلبن تان ڪس لاهي رهيا آهن. ماهي مال ڪانپوءِ ڳاهي جو نمبر آهي پر شـاه صاحب جي پريت ماهي مال سان گهٽي آهي جنهن ڪري ڳنوارن جـو بيان ڏاڍو گهٽ ڪري ٿو. برسات پـوي ٿي ماڻهو خـوشيءَ ۾ نٽا ماڻن، سنگهاريون ڏاڍيون سرهيون آهن، ڳنوار بہ پنهنجي مال چارڻ جون ڳالهيون پيا ڪن:

وري وڏي وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چـــوي سيـن، آهـــي توتـــي آســـرو،

سنڌي ماڻهو تمام پلا ڏاند بہ ڌاريندا هئا، جـن جـي پاڄ جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ڏاندن سان سيد چئي ڪي پياديون پهچن.

وهڙن يعني ننڍن نينٽن ڏاندن جو نالو بہ آڻي ٿو:

هٽي چيلهه چرون ڪئي وه پئي وهڙن.

## سنڌ جو اوٺو مال

عرب ديس وانگي سنڌ ۾ اوٺو مال بہ شاه صاحب جـي زماني

Gul Hayat Institute

۾ عام جام هو، ماڻهو ڪيترو جو ڪم ٻه اُن ڪان وٺندا هئا ۽ واپار لاءِ ٻه اُن جا قافلا ڪم ايندا هئا، سنڌ ڪان نڪري اهي قافلا هڪ طرف ڪيچ پيچ ۽ ڪاٺياواڙ ڏانهن مال کڻي ويندا هئا ته ٻي طرف قنڌار ۽ هرات وچي دنگ ڪندا هئا. اُٺ خشڪي جي ٻيڙي آهي جو هفتن جا هفتا اڃ ۽ بک ۾ پنهنجو تي مال لڏيو هلندو رهي، ديس پرديس ماڻيندو وتي، سنڌ ۾ اُٺن تي واپار ڪانسواءِ ٻيا ڏکيا سفر جهنگلن ۽ جبلن، ٻرن پٽن جا اُٺن جي وسيلي ڪيا ويندا هئا جنهن ڪري سنڌي ماڻهن جو اُٺن سان هڪ قسم جو چاهه ۽ پيار هوندو هو. اُٺن جي قافلن جون پرديس ۾ قطارون ڪاهي هلندا هئا، مسافرن کي تاڪيد ڪيو ويندو هو ته قطارن ڪان ڪيچي نه وڃن متان لوڙائين جي ور چڙهي وڃن ٻوه هٿ هٿا پون.

چيچ م قطاران سات چڙهندو لڪئين،
مچڻ ٿئين پيان، وکب وات نه لهين.

سنڌ ۾ کهليون ۽ غنيم گهوڙن تي چڙهي آهي گهيرا وجهندا هئا، هاچا هٿي رمندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن اُن جي وسيلي ٻه اهڙا واقعا ٿي گذرندا هئا، پر تمام ٿورا، چوته اُٺ پاچوڪڙ جانور آهي تنهن ڪري ڏاڙيلن کي گهٽو گهٽ ڪم ايندو آهي. سسئي جي واتان شاه صاحب فرمائي ٿو:

گهوڙن هنئين سيڪا، اُٺن هنئين آهٖ.

جيئن عربن وت شينهن، ترار ۾ اُت جا کيترائي جدا جدا نالا آهن تيئن سنڌ ۾ اُت جا به کيترائي نالا رکيل آهن. هن وقت اوٺي مال جو اڳين سمي جيترو چلاء ڪونه آهي جنهن ڪري هنن جو سماء به ڪونهي. شاه صاحب جي سنڌ ۾ اُنن کي جن جدا جدا نالن سان سڏيندا هئا تن جو سندس ڪلام مان پتو پروڙي سگهجي ٿو. (١) اُٺ کي ڪرهو- ڪرهل- ڪره به سڏيندا هئا. لفظ ساڳيو پڙهڻيون الڳ الڳ آهن.

ڪرهو نه کي ڪان پرين آءٌ نه پڄڻي.

آءٌ ستي هو هليا ويا ڪرهل ڪاهي.

(٢) **ميو**- جنهن جو جمع آهي مين.

ميا ميچ منت، اڄ منهنجي ڪرها.

مين کي مذڪور آهي، اُٺ تن اڳين پنڌ جي.

(٣) **ڏاگهو**- جمع ڏاگهن- پوروهيءَ ۾ پهتل اُٺ.

ڏاڻي نه ڏاگهن کي، اوڳي ساڻ اڳٺ.

(٤) **چانگو**- چانگا چندن چاريان انثي پهر اپار.

(٥) **پور**- اُٺ جو رنگ گهٽو ڪري ڪڙو، ڪاڙهو ٿئي پر ڪن جو رنگ وري پوراڻ تي وڌيڪ هوندو آهي تنهن کي پور چوندا آهن.

Gul Hayat Institute

پور نہ چري ہور، ڇڏيون تور تڪون ڪري.

(٦) **ليڙو** - جمع ليڙن.

ليڙو لاڻي ڪي چري، نير ساڻ نئي.

---

آس م لڳي اونئين، ليڙن لڪ م لڳ.

(٧) **گنگو** - اُٿ جو اھو نالو سندس حقيقت حال موجب سنئي جي واڻان رکايل آھي، جو راتو رات چپ چاپ ۾ سندس پنهون ءِ کي آئن تي پلاڻيو پرديس ڏانهن ہريا ويا، نہ تہ ہي صورت ۾ اُٿ پريو بہ رڙي تہ سگھو بہ رڙي، فقط ايترو سو آھي جو هاڻ ويل جهڙو گنگو، چپ ٿي چپ - چپ ٿي نہ چوريندو آھي. پٽاڻي سسئيءَ پاران فرمائي ٿو:

گنگن ساڻ جنگن منڊ اسونهين ميڙئين.

---

جم ورچي ڇڏين سندو گنگن گس.

Gul Hayat Institute

(٨) **گورو** - جمع گورن، اھو اگرچ ڏاڍي جي ڪير ھياڪ ڦر لاءِ ڪم آئيندا آھن. پر شاه صاحب وڏي چمار واري وهو گھو اُٿ لاءِ ڪم آندو آھي.

ونڳئي نہ وارن سين گورن جا گوڏا.

(٩) **توڏو** - جمع توڏا - معني ٿوڙھو. اُٿ کي سگن نہ هجڻ ڪري انهي لقب سان سڏيندا آھن.

اڳئين مٿي اوهرا جڏهن ڏٺئي توڏا.

(١٠) ٻوٽو- جمع ٻوٽا ۽ ٻوٽن.

لطف سان لطيف چئي لنگهيو ٻـر ٻوٽن.

---

ٻوٽي ۽ بلوچ جي رڙهي پسان روءِ.

(١١) ليڙو- جمع ليڙا- ليڙن.

ليڙن جـي لطيف چئي هلڻ سندو هوس.

(١٢) ڪنوات- نوجوان اٺ.

ڪسر چڏ ڪنوات، وڪـون وجهه وٺنديون.

(١٣) مهري- تمام پلو اٺ.

مزمانـن مهري، آئي جهوڪيا جهوڪ ۾.

(١٤) پربت- وڏو قداور اٺ.

آءُ ستي هو هليا، پلاڻـي پربت.

(١٥) ناقه- عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ڏاچي، جنهن تي سواري ڪئي وڃي.

منڊ پيادي پنڌ گهڻو، نه مون اٺ نه ناقو.

(١٦) اولاڪ- سنڌ جـي بلوچستان واري پاڱـي ۾ اولاڪ لفظ وهٽ جي ڪم ايندو آهي ۽ شـاه صاحب سُر سسئيءَ ۾ ان کي اٺ جي معنيٰ ۾ آندو آهي.

Gul Hayat Institute

معذور ڪي ماريو اولاڪن اڇي.

(١٧) شتر - فارسيءَ ۾ اُٺ کي شتر سڏيندا آهن، شاه صاحب اهو لفظ به سُر ديسي ۾ ڪم آڻي ٿو.

ڪچاڙيا ڪاهي، شتر اُن سينگاريا.

(١٨) جمازه- جمازه عربي لفظ آهي، معنيٰ تکي مان تکي رفتار وارو اُٺ.

جتي جمازن ڪي جبل ٿين جنجال.

پڻ هنڌ شاه صاحب "ز" جي بجاءِ "ج" ڪم آندو آهي، جماز کي جماج آندو اٿس، سنڌيءَ ۾ زاءِ کي جيم سان بدلائڻ جو جهونو رواج آهي.

ڪيهون ڪوهن پڻين، ڪوڪو جماجسان.

(١٩) روڏو- ڳنجو اُٺ جنهن جي ڳچي تي ٻج نه هجي.

ڪرڙا ڏونگر ڪه ڳهٽي جت ويا روڏا رنگائي.

ان سمي ۾ اُٺن جي چمار سالن پٺاندڙ جيڪا مقرر هئي شاه صاحب ان کي پنهنجي هڪ ڏوهيڙي ۾ هڪ هنڌ ڏي وڍهي بيان ڪيو آهي جنهن مان سندس مطالعه ۾ سنڌي زبان جي وسيع ڄاڻ جو پرو پئجي سگهي ٿو. فرمائي ٿو:

دوڏڪ دهليا جت، ڳورا هلن نه ڳس ۾،
چوسال ٿي نه چلڻا، ڏي تنگ نهاري تت،

Gul Hayat Institute

سودي انهي سيد چئي، ٻوء پنجارين ٻرت،
ان اڙانگي ٻنڌ جي ڪا نيشن ٿئي نرت،
سسئي وڏي سٽ، جا اهڙي ٻر ٻنڌ پئي.

دوئڪ - يعني ٻن سالن جو وهٽ جنهن کيرئي جي ڏندن پڇڻ کان پوء ٻه نوان ڏند پاتا هجن.

چوسال - چئن سالن وارو جنهن چار نوان ڏند وڌا هجن.

پانجاريل - پنجن سالن وارو يعني پورو جوان وهٽ.

اهي اصطلاحون گهوڙن جي چمار لاء به ڪم ايندڙيون آهن. ڏاندن لاء دوئڪ کي ٻڙاندو ۽ چوسال کي چوگهو ڪم آڻيندا آهن. نيش انهيءَ اُٺ کي چئبو آهي جو ڦوه جوانيءَ کي رسندو آهي. حقيقت ۾ اُٺن جي جدا جدا چمار لاء نالا هن ريت آهن: ١- کير ڏاڍڪ گوري کي لاعرو چوندا آهن اهو ساڳيو لفظ ڪٺون جي کير پياڪ ڦر لاء به ڪم ايندو آهي، اهو نالو اُٺ جي گوري لاء هڪ وره جي چمار تائين ڪم آڻيندا آهن. ٢- ٻن سالن واري ڦر کي ڏيڙ يا ڪنوات چوندا آهن. ٣- ٽن سالن واري کي ٻهاڻ. ٻهاڻ گهوڙي جي انهي ڦر کي به چئبو آهي جو اڃا سنجڻ وجهڻ جهڙو نه هوندو آهي. ٤- چئن سالن واري کي ٽهاڻ يا نرات سڏين. ٥- پنجن سالن واري کي چيٽ. ٦- ڇهن سالن تائين دوڪ. انهي چمار ۾ هيٺين جاڙي ۾ ٻه نوان ڏند ڄمندا آهن. ٧- ستن واري کي چوگهو يعني چئن ڏندن وارو.

٨- اٺن سالن واري کي ڇڳو، ان وقت اُن کي ٦ ڏند ٿيندا آهن. ٩- انهي ڄمار ۾ اُن جي پنهي ڄاڙين جي پاسن کان ٻه ٽڪا ڊگها ڏند نڪرندا آهن پوءِ چئبو آهي ته هاڻي اُٺ نيش ٿيو آهي. ١٠- ان کان پوءِ ٽن سالن اندر ٻيا چار نيش نڪرندا اٿس، اما اُٺ جي وهي موڻ جي نشاني آهي ان کي ارموش چئبو آهي، جيئن پوءِ ٽيئن وهندو هئندو. کاڌ خوراڪ واري اُٺ جي ڏيهن ورهن تائين ڄمار جٽاهه ڪري ٿي.

اُٺن کي ڏاوڻ ۾ پاڻند ٻه وجهندا هئا ته جيئن جهنگ چرڻ ويل ورائڻ يا هٿ ڪرڻ ۾ سولائي هجي. زوراڪ اُٺن کي نيل يا نير پائيندا هئا ته چنائي پچڻ کان قابو رهي.

نو نيسر، ڏه ڏاوڻيون، پندرهن پنڌ پياس،
جڏهن سچڻ ياد پياس، چرڪ چنائين هڪڙي.

اُٺن کي ڳچيءَ ۾ ڳانا ۽ مالهائون ٻه پائيندا هئا ۽ ڪجاون يا هيدي تي ريشمي جهليون وجهندا هئا. اُٺ کي سواري لاءِ سينگاريو ويندو هو:

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتين ڳتيس مال،
ڪديفي جي ڪرها، هيدي پائين حال.

اُٺن جي سونهن لاءِ ٽليون ٻڌنسدا ۽ مهارن ۾ ٽونٽر پوئيندا هئا، هلويون هٽائيندا هئا:

ٽليون ٽونٽر هلويون، مين سرمو چار.

Gul Hayat Institute

آئن جي جهان ۾ جهوڙا ٽانڪيا ويندا هئا، وس آهر ڪي امير ماڻهو ته موتين جي جڙاءُ جا جهوڙا به جهان ۾ لڳائيندا هئا:

جهوڙا جن جهان ۾ هيري لک هزار.

سون جون ڌهريون به آئن کي پائيندا هئا.

ان کي ناڪيليون نڪن ۾ ڌهريون دليلا.

سنڌ سونهاريءَ ۾ ماهي ۽ ڳائي مال ۽ آئن سان ڏاڍو پيار هوندو هو. آءٌ آهي به ڪمائتو جانور. ويچارو ”ڪائي ڪوڙ ۽ ڪمائي سچ“ وهانوَ شادين تي آئن تي ڪڄاوا ۽ پاکڙا ڪري هار سينگار ڪري هلندا هئا، جنهن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي مٿين ڪلام ۾ آندو آهي.

## ريڍو ۽ پاڪرو مال

شاهه صاحب جي سنڌ ۾ پاڪرو ۽ ريڍو مال به جام هوندو هو، خاص طرح ٿر ملڪ ۾ ته ريڍون پاليون ويندڙيون هيون ۽ رڍن جي اُن ڪتيون ۽ ڏوڙا تيار ڪيا ويندا هئا جي ديس پرديس اوڊيا ويندا هئا.

پنوهارن پاهيو، ڪي وس واهوندن،
لٿو سيءُ لطيف چئي، پٽو ڦٽ ڦرن،
اونا ڪورين ڪوٺري، سرتيون مٿان سسن،
عمر! آئن اگوندري، پاسي ڪانڌ ڪتن.

Gul Hayat Institute

هن بيت ۾ چيٽ جي بهاري منڌ جو بيان ٿيل آهي جو شاهه صاحب مارئي واتان ٿر جي واهوندن يا بهاري جي ڏڌي هير جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته سيءُ لٿا آهن ردين ڪرن جا ڦـر جي سيءَ ۾ سڪا پيا هئا تن ڦڻ ڦٽو آهي يعني تازا متارا ٿيا آهن، ان موسم ۾ کهڙن ۽ ڪرين ۾ ڪاتر به پوندي آهي. مارو لوڪ به انهي گلابي اَن ۾ پنهنجين سنن يعني ننڍڙن کهڻن جي ڪونري اَن ڪتري رهيا آهن. عمر کي ته منهنجي هر هڪ ساهيڙي هن منڌ ۾ جهجهي اَن پنهنجي ڪانڌ جي ڪچ ۾ وبهي ڪتيندي آهي. مطلب آهي ته شاهه صاحب جي سنڌ ۾ سياري گذرڻ کان پوءِ ٻاڪري ۽ ريـڍي مال وارا مالهو جو ڪجهه پنهنجي مال سان پورهيو ڪندا هئا سو هن بيت ۾ چاڻايل آهي. ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي برساتي پاڻي ۾ منڊائتو وسڪارو نه ٿيندو هو ته هو مال ڪاهي وسندي واري سائي حصي ڏي ويندا هئا اتي وچي مال کي تاتيندا ۽ تڳائيندا هئا، سندن ٻراڻا وٿاڻ پڙ پينگ لڳا پيا هوندا هئا.

ٻري نه ٻڪر دانهن، ان جي پٽڪو نه سٽان،
ميان! مـاروئـڙن جـا اونهـان ڏنـسـر آنهـن،
پکا کٽي ٻرانهن، جيڪس لڏيو لوئـڙيارين.

هن بيت ۾ مالدار ماروئڙن جي لڏڻ جو ورتاءُ ٿيل آهي. هن جي لڏڻ کان پوءِ کوهن جو پوڻ يا گرٽا چڙهيل هوندا هئا

۾ مال کي پاڻي پياريندا هئا تن جـو آواز ڪونہ اچي ٿو ۽ نـہ ٻڪريـن جي ٻيڪ ڪا ٻڌي ٿـي ، اوڏانهن هنن جـي کوهن جا آنهن يا حوض بہ وڏا هوندا هئا، شايد هو پڪا ڪٽي پـري هليا ويا آهن جو لوئـڙ يا "لوبون ڊيڪيندڙ" ڏسڻ ۾ نـي نـہ ٿا اچن. ڪيڏانهن هليا ويندا هئا ، ان جو بيان هيٺئين شعر ۾ ڪيل آهي :

جهڙ ڦڙ جت ٿيان ، آت اڏيون ٻڪڙا .

ڏراڙ (ڌنار) يا مالدار مالهو کهٽو ڪري پاڻ ۾ هڪ هنڌ وٿاڻ ڪري ويهندا هئا، ڇوتہ سنڌ ۾ چوپائي مال جي چوري جو تمام جهونو رواج آهي. مالدارن جو ڪڏجي رهڻ کهربل هوندو هو تہ جيئن وقت سر هائن (چورن يـا ڏاڙيلن) سـان هاچي هٿڻ وبل مڙس ٿـي مڙي مقابلو ڪري سگهن. شـاه صـاحب انهي حقيقت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ :

ڌڻ ڏارڻ ڌار رهـڻ ، اي نـہ سنگهارن سٽ ،
ڪاهـي ايـندا ڪڏهـين ، مٿي وانـيد وهٽ ،
جي هاڻو هون مٽ ، تہ بہ اوبو نہ لاءِ ان جو .

يعني ڌڻ بہ ڌارجي پوءِ بہ ڌنارن کان ڌار رهجي اها سنگهارن يا سانگين جي سٽ يا رسم نہ آهي ڇوتہ ڪڏهن بہ چور وهٽن تي سوار ٿي وانيد (مالدارن) جي واهـڻ تي ڪاهي اچـي سگهن ٿا. جيڪڏهن انين ڪو سمجهي تہ چـور يا هاڻو منهنجا دوست يا

Gul Hayat Institute

ميث آهن تہ انهن کان بيخيالو يا ويسلو ٿي نہ ويهجي. چوڻي آهي تہ:

چوران پٽ نہ ڪائي، توڙي هون سڳا پائي.

## ڪيٽي

سنڌ ۾ گهڻو ڪري جونر، ٻاجهر ۽ ڪڻڪ جي ڪيٽي ٿيندي هئي، ان زماني ۾ پالي ترتيب سان نہ ملندو هو جنهن ڪري سارين يا چانورن جي ڦوڪ اهتري گهٽ ڪانہ ٿيندي هئي. ڪيٽيءَ جو ڪم هاري منداڻتن ڏينهن ۾ ڪندا هئا. ڪتي جي فصل کي نر فصل ڪري ليکيو آهي. جنهن ۾ ساوڻي جي پاڻيءَ جا وهڪرا ۽ برسات جا وسڪارا ٿيندا آهن. شاه صاحب هارين جي حالت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ:

سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي،
ڪوي تو ڪمان ۾، آيو کي آيو،
هارين لاءِ هرجاء ۾، هادي هلايو،
متان اٿين هلايو، تہ بادل آهي بس ڪئي.

مطلب آهي تہ سارنگ مينهن وسڻ جا سعيا ڪري رهيو آهي پر توکي ڪم ڪار جو ڪو سعيوئي ڪونہ آهي. برسات يا سارنگ فقط هن لاءِ هاديءَ هلايو آهي تہ هاري هر ڪاهي آبادي ڪن ۽ سنگهاريون سکي ٿي رهن.

Gul Hayat Institute

مند ڏي منڊل وڇيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هاريـن هـر سنڀاهيا، سرهـا ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

”تاڙو“ هڪ ننڍڙي پکيءَ جو نالو آهي جو برسات پوڻ کان اڳ ۾ تنواريندو ۽ لنؤندو آهي، جنهن جي لات مان اندازو لڳايو ويندو آهي ته اڄهو ڪي اڄهو مينهن آيو. هاري موڪن يا واهن تي به آبادي ڪندا هئا ۽ هرلا يا ايٺ به چاڙهيندا هئا. ساونڍي جي ٻاڙ پوڙ ارلي کي ڏسندي شاه صاحب فرمائي ٿو:

سورن سانگهاهـو، ٻاڙ ڀڏو پوڙوهي.

ٻاڙ چئبو آهي هرلي جـي سموري ڏينگي جي سامان کـي جنهن ۾ ڦرهيون ۽ اوپارا ۽ ارڙين سان اڪيل مالهه به هونـدي آهي. مالهه ۾ لوٽا ٻڌل هوندا آهن. ساونڍي جي ڪچن ڪوهاڏن جو ٻاڙي اچي انهيءَ ٻاڙ تائين پهچي ان کي به ڀـوڙي ڇڏيندو آهي. جنهن کي ڏسندي شاه صاحب فرمائي ٿو ته مون کي سورن ايڏو سانگهاڻو ڪيو آهي جيئن ساونڍي جو ٻاڙي ٻاڙ کي به پوڙي ڇڏيندو آهي. ڪن ڪوهن تي به نار چاڙهيا ويندا هئا.

جيئن سي ڪوهي نار، وهـن واريءَ ڳاڏئان.

انهيءَ زماني ۾ ڪي مسڪين هاري پورهيت به هونـدا هئا جن کي ڏسندي شاه صاحب فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

چنا چيچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهيي خاطر پنهنجي آٿن سوارا.

ڀهراڙيءَ جا سهنديءَ وارا آبادگار اوطاقون ۽ وٿاڻ ٻنهي اڇي ارلن يا نارن تي اڏائيندا هئا. پاڻي ملڪ ۾ مٿو هوندو هو پوءِ ان وقت جيڪا لٿي لڳندي هوندي تنهن جي کهڙي ڳالهه ڪجي.

اڳ تازي، ڀهر ڪنڌيون، ڀڪا ڀٽ سونهن،
سرهي سيج ڀاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

هن بيت ۾ ساون ستابن ڀاڳين جي ڀهراڙيءَ جي حياتيءَ جو کهڙي نه سهڻي نموني ۾ نقشو ڪڍيو ويو آهي. اڳين ۾ گهوڙا بيٺل آهن ۽ ڀاهر ڪنڌيون مينهيون، رهڻ لاءِ وڏا لانڍ يا ڀڪا لڳل آهن، موسم ساوڻي ۽ مينگهه ملهار جي آهي سيج وڇايل آهي ۽ ڀاسي ۾ پريتم ويٺل آهي ان حالت ۾ جيڪا سرهائي سربسر ۾ سمائجي سگهجي ٿي ان جي بچاءَ لاءِ دل مان آواز نڪري ٿو ته:

اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

سنڌ ۾ جهونو رواج آهي ۽ شاهه صاحب جي سنڌ ۾ ته اهو رواج چوٽيءَ تي پهتل هو ته ڀهراڙيءَ جا ڀاڳيا ماڻهو واڻهڙن

Gul Hayat Institute

کي ماني نہ کر کارائيندا هئا ۽ ٻاڻي بدران لسيءَ جو وٽو پري ڏيندا هئا، سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اڄ تائين اهو رواج هلندو اچي. اڳئين زماني ۾ سنڌ وارا لسي ۽ کير وڪڻندائي ڪونہ هئا، ٻہ مکڻ وڪڻڻ هنن وٽ عيب نہ هو. لسي وڪڻندڙ کي ميٽڙو يا ڪنجوس ڪري سمجهندا هئا. لسي ولوڙڻ کان پوءِ ٻاڻ پيئندا هئا يا وري ڪو سنگتي ساٿي يا ڪو واٽهڙو لسي چڪو گهرندو هون تہ وڏي خوشيءَ سان ان کي پاندو ڀري ڏيندا هئا. شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

سائين کي سيد چئي ڀري ڏهن پاڻ.

پاڻ يا پالو جي معني آهي وڏو ولو يا ڪٽورو. مطلب تہ شاه صاحب واري سنڌ ۾ لسي جام هوندي هئي ۽ ٻين کي بہ پاڻ ڀري پياريندا هئا. شاه صاحب ٻاڻ بہ ڏاڍو لسي جو پياڪ هوندو هو جنهن جو ورثاهُ ڪتاب ”لطف اللطيف“ ۾ ڪيل آهي. مينهن يا ڳئون جي لسيءَ کان سواءِ ٻاڪري لسي بہ سنڌ ۾ ٿيندي هئي جا مينهن جي لسي جهڙي گهاٽي نہ ٿيندي آهي پر ڇڊي يا پتڙي ٿئي.

ٻهي ٻاکي پتڙي، پرينءَ ساڻ پيان.

ٻہ معني ٻهرون، ٻڪري يا رڍ، ٻاکي لسي. ڪيترا ٿري ماڻهو ٻاکي معني ٻاڪري لسيءَ کي ٻاه تي ٿهڪو ڏياري گهاٽو

ٻڌائي پوءِ پيئندا آهن. اها هنن ڏوٿين لاءِ ڇڻ ڪيرڻي آهي.

شاهه صاحب کي سنڌ سان محبت آهي، الفت آهي، هو سنڌ کي سدائين سائو ستابو ڏسڻ گهري ٿو. سارنگ جي موسم ۾ ڪنوڻ ملڪ ۾ چوطرف ڪنوي ٿي ته ان حالت ۾ به شاهه صاحب کي سنڌ ياد پوي ٿي. فرمائي ٿو:

ڪنوي خراسان، سڪ وسايو سنڌڙي.

هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو:

موٽي ماندائڻ جي واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، ڇوڙس ۽ چوڌار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي ڪڙن مٿي گرنار،
ڪنهن جنهن جيسلمير تان ڏنا بيڪانير بهار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪن اچي عمرڪوٽ تان وسايا ولهار،
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهه صاحب جي ڪلام سان پروڙي سگهجي ٿو ته هو دنيا جي جاگرافي، شهرن ۽ ملڪن جي نالن کان چڱيءَ طرح سڃاڻ هو. ان زماني ۾ ايشيا کنڊ تي مسلماني راڄ هو مگر وطنيت جي لحاظ سان هن کي جيڪا سنڌ جي سانيه سان پريم آهي ان جو

Gul Hayat Institute

ڪاٽوڻي نٿو ڪري سگهجي. هو سنڌ جي ساوڪ ۽ مالدارن ۽ هارين ۽ جهانگيئڙن جون جهوڪون ڏسي پوءِ فرمائي ٿو ته:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهه صاحب جي زماني ۾ ڪي اهڙا واپاري به هوندا هئا جو آن جي اٽالٽ واري وقت ۾ ميڙي ڪري انبار لڳائيندا هئا پوءِ اڻ هوند وارن مسڪينن تي مهانگو وڪڻي هنن جو رت چوسيندا هئا. شاهه صاحب برسات پوڻ ۽ سُڪر سٺائي ٿيڻ جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

وچون وسڻ آئيون، لـه لـه مينهن ٿمن،
جن مهانگي لاءِ ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن مان پنڌرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورڻ،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موذي سڀ مرن.

هت شاهه صاحب سڪر واري حالت ۾ پنجن مان پنڌرهن بنجڻ جو بيان ڏيندي چوربازاري يا بليڪ مارڪيٽ ڪندڙن کي بددعا به ڪئي آهي ته اهي ماڻهو جيڪي اسان جي سنڌ ڏيهه ۾ ڏڪار وجهي ان مهانگو ڪري رهيا آهن، سي موذي يعني غريبن کي ايذائيندڙ شال سيئي مرن ته عام مسڪينن جي جند ته ڇٽي پوي. صوفي انسان ذات جو خادم ٿيندو آهي هن جي سامهون انسانن جي خدمت ۽ سندن پيٽ جي بندوبست جو وڏو

Gul Hayat Institute

اهم سوال رهندو آهي . جيڪي ماڻهو انسان ذات سان ظلم ڪندا ۽ هنن جي پيٽ تي لت ڏيندا آهن ته اهڙن ماڻهن لاءِ هڪ صوفي عارف جي دل مان ”ڏکاريا ڏيه مان شال موذي سڀ مرن“ ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي آه نڪري سگهي ٿي .

سيد چوي سپين ، آهي تون تنهنجي آسرو .

## فصل ٽيون

### سنڌ ۾ اميري ۽ غريبي

دنيا ۾ اميري ۽ غريبي شروعات کان هلندي اچي . جتي شاهوڪار آهن ته اتي نادار به آهن ، نادارن ۽ مفلسن جو انگ دولتمندن کان هميشه وڌيڪ رهندو ايندو آهي . شاه صاحب واري سنڌ ۾ اهي ٻئي شيون آهن . هن درويش شاعر جو لاڳاپو آهي ٻهراڙيءَ وارن ماڻهن سان . تنهنڪري هنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ ڳوٺاڻي تمدن ۽ رهڻي جو بيان ڪندو رهي ٿو . جيڪڏهن ڪٿي ڪٿي هوند وارن جي ڳالهه اچي وڃي ٿي ته اها به غريبي گذران وارن جي سلسلہ بيان ۾ ڳالهه مان ڳالهه ڪندي ايندي رهي ٿي .

سنڌ ۾ شاه صاحب جي زماني ۾ ماڻهن جي گهرو زندگي ڪهڙي هئي ، ان جو تفصيل اوهان هيٺ پڙهي سگهو ٿا .

Gul Hayat Institute

ماٺهن مان رواج نڪرندو ٿو وڃي. ڪنن ۾ جهومر ۽ پنڙا پاتا ويندا هئا، ڪڇيءَ ۾ هار پهرينديون هيون.

سونا ڪُرَ ڪنن ۾، ڪڇيءَ ڳاڙها هار.

هت پنڙن لاءِ "ڪُرَ" جو لفظ ڪم آيل آهي جو عربي اکر "قرط" جو بگڙيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪن جو زيور. ڪن جا زيور سون جا به هوندا هئا ۽ چانديءَ جا به.

سونهن رپي سون سين ڪامڻ سندا ڪن.

جهومر بابت فرمائي ٿو:

جهومر بستر پاس، وسي مينهن پسائيا.

مٿئين بيت ۾ ڪڇيءَ جي زيور جو بيان به اچي ويو آهي يعني ڪڇيءَ ڳاڙها هار. شاهه صاحب جي زماني ۾ اميرن جون عورتون سونيون ڌريون، سونيون ڪنڊيون ۽ سونا چندن هار ڍڪينديون هيون جن کي "ڳاڙها هار" سڏي سڀني جو گڏيل بيان فرمائي ويو آهي. ڪڇيءَ جي سنڌي زيورن مان هس به هڪ آهي جو ٻهراڙين جون زالون چانديءَ جو جوڙائي ڍڪينديون هيون ۽ هوند وارن وٽ سونا هس به هوندا هئا.

سيڻي سهاڳڻيون سيڻي ڪڇيءَ هس.

شاهه صاحب جي زماني ۾ هوند وارن گهرن جي زالن ۾ سونين يا چاندي جي ٻاهين جو رواج هوندو هو ۽ غريب گهرالي

Gul Hayat Institute

واريون مايون ڪچ جا ڪوڙا ڇوڙا پائيندڙيون هيون. مارئيءَ جي واتان بيان فرمائي ٿو ته:

ڪراين ڪچ جا ڇوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جتان لوڪ لڄ ٿئي.

ڇوڙن کان سواءِ ٻانهوٽا به پائيندڙيون هيون.

ٻانهوٽا ٻانهن ۾، سينڌ سٽيا وار.

زالون پنهنجن وارن جي سنڀال لاءِ گهڻا جتن ڪنديون آهن. گهڻن کي جدا جدا مصالحن سان گنڌائيندڙيون آهن. جن ۾ اڳ سڀيئون وجهي چڏيندڙيون هيون ۽ هاڻي زبينن جو رواج پيو آهي. شاه صاحب جي زماني ۾ امير زالون خوشبودار تيلن سان وارن کي مڙهائيندڙيون هيون جو هاڻي اهو رواج سنڌ مان نڪرندو وڃي ٿو.

مڙهيا سان مشڪ سين، چوٽا سان چندن.

غريب عورتون سڀيئون ميريون ٿين ته وري ڏوئي سنڀالي ڪم آڻين ۽ ٿري زالون سڀين کي ڏاڳا سڏين.

اُنا مينهن ملير ۾ ڏاڳا ڏہر ڏئندي.

ٿر ۾ برسات پوندي آهي ته ترايون تليون ڀرجي وينديون آهن. انهي پاڻيءَ مان ٿرليون پنهنجا ڏہڙ (رلڪا ۽ رليون) به ڌوئن ۽ چوليءَ جا ڏاڳا به ڌوئي آجاري وري ڪتب آڻينديون

آهن. شاهه صاحب جي سنڌ ۾ امير عورتن ۽ غريب گهر وارين جي لباس ۽ لٽي ڪپڙي ۾ وڏوئي فرق هوندو هو، جيئن اڄڪلهه هلندو اچي ٿو. ڪن ويچارين کي ڪلهن ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اگهاڙو ته ڪن کي ريشمي گهگها هوندا هئا.

جن پوتا پٽ جا گهگها ساڻ ڳان.

---

جهڙا پانس پڻ، تهڙا مٿن ويس،
ڇوتا تيل چنبيليا، هاڻاهو هميس.

گوري رنگ واري گجر کي هلڪي سائي رنگ وارو ڪپڙو ڏاڍو ٺهندو ۽ موهيندڙ ٿيندو آهي. شاهه صاحب هت پان جي پن سان ويس کي تشبيه ڏيئي ڪمال بلاغت جو مظاهرو ڪيو آهي، ڇوته پان پن جو رنگ نه گهرو سائو ٿيندو ۽ نه وري ڦڪو سائو پر وچٿرو هلڪو سبز ٿيندو آهي جوئي هڪ ڇاڪلي جي بدن تي سونهندو آهي.

Gul Hayat Institute

شاهه صاحب جي زماني ۾ ريشمي روا، شالون يا پَٽ جون شالون، الاچي نالي هڪ ريشمي پٽاپٽي ڪپڙو به هوندو هو. بخمل ۽ بافتن جا قسم ارنچ ۽ بين نالن سان به اوڍيا هئا. ارم هڪ قسم جي فلالين يا باريڪ لسو آوني ڪپڙو ۽ پٽ چيرو ۽ عبير نالي جنهن کي انبر به سڏيندا آهن. هڪ ريشمي ڪپڙو جنهن تي وڏا گل پوتا ٿيندا آهن اهي به امير عورتون استعمال ڪنديون

هيون. ازانسواء کهنبا ۽ ڪٽن جون پانڊوڙيون يا ڇريل چادرون
به هونديون هيون. اهي سڀ ڪپڙن جا قسم ڪان جا جڙيل
ڪونه هوندا هئا پر هٿ جا اُٽيل ۽ آڏاڻن جا اڏيل هوندا هئا.

شاه صاحب مارئي جي واتان ڪيئن نه انهن شين جو صنعت
تضاد جي رنگ ۾ بيان ڪري ٿو:

پٽولا پنهواريون، سور نه مٿي ڪن،
جي لاک رتاڙون لوئيون، ته سانئا سونهن،
اُن ايلاچيون اکسري، بخمل بافتن،
سکر پايان سومرا، ڪٿي ڪان ڪهنبن.

—

ارم هڏ نه اوڍيان پٽولا پٽ چير،
پانڊوليان پن ڏيان، ارنچ ۽ عبير،
ماروءَ سان شل ماڻيان، ڪٿيون جهڙيون ڪير.

هت شاه صاحب سنڌ وارن جي ساون ۽ سهندي وارن ۽
غريبي گذران ڪندڙن پنهي ڌرين جي پوشاڪ جو هڪ ٻئي جي
مقابلي ۾ بيان ڪري ويو آهي. ٿر جي اڃي ڪٿيءَ کي پاروڙي
به چوندا آهن.

پرم پاروڙي رهي جنهن ۾ اڃي اُن.

ولائتي بلاڪين جو رواج ڪونه هو پر ماڻهو عام طرح
سوڙيون سبائي سيءَ جي مند کي مٿائي ڇڏيندا هئا پر ڏوٽي

Gul Hayat Institute

مسڪين کي سوڙهون کٿي ملي سگهيون ٿي:

آءُ ڪيئن سوڙين سمهان، مون ور گهاري سيج،
ور ابائڻ سين اَڄ، ڪوءِ شربت تنهنجو سومرا.

انساني آرام ۽ آسائش لاءِ وهاڻا، پتراڻيون ۽ هيون تہ سمهڻ لاءِ ڇپر ڪٽ، توشڪون يعني طول ۽ هئا.

ڇپون ڇپر ڪٽ، پهڻ پتريون پايان.

سسئيءَ کي ماءُ ڏاج ۾ اهي شيون ڏنيون هيون، جوئس ٿي تہ:

ماءُ وهاڻو وار، ڪڻ پتراڻي پنهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏاج ۾ سو سيئي سار.

کٽون ۽ پلنگ ۽ انهيءَ زماني ۾ ڪم ايندا هئا.

پئي ڪہ کٽن تي، ٿيا پلنگ پراڻا.

اميرزاديون هندورن ۾ ۽ هسواريون ڪنديون هيون.

هيس هندورن ۾ هيم ڪانہ پروڙ.

رهڻ لاءِ محل، محلات، رنگ محل ۽ هئا جن جو بيان مارئي ۽ سورٺ جي سرن ۾ آيل آهي.

متان روھ چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراڻن ۾.

هت بنگلي يا محلات جي عربي لفظن جي بجاءِ ”ڏوراڻو“ معنيٰ رنگ محل جي معنيٰ ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آيل آهي،

Gul Hayat Institute

غريبن جي رهڻ لاءِ "ڀنگا" ڀر ڀتار جا آهن. ڀنگن کانسواءِ مارو لوڪ نہ فقط ڀٽن تي بہ ويهي وقت گذارين ٿا.

جت ڀنگا ڀٽون ڀٽيون، تہ ڪنوڻ تي ڪڙي.

اميرن لاءِ قناتون آهن، مومل چوي ٿي تہ:

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

تہ وري مسڪينن ميربحرن جا پکا آهن:

پکي ڀڃي ڀچار تہ چام تماچي آئيو.

مارن جا "مَنَهن" بہ آهن، پنهوارن جا پکا بہ آهن. وانديون يا لانڍيون بہ هونديون هيون. مالدار ماڻهو ڪچن گهرن کي (ڍينگر) ڍنگرن جا لوڙها ڏيئي اَن ۾ رهن تہ ان کي بہ وانڍ چيو ويندو آهي.

هن منڊ مارو سڱرا ڍنگر ڍار رهن.

ڍنگرن جي ڍار رهڻ جي معنيٰ آهي لوڙهن جي اجهن ۾ رهڻ، ساڳي ريت سنڌ وارن جي ڀراڙيءَ جو ڀيو ڪاڏو هوندو هو تہ وري وڏن شهرن جو ڀيو هوندو هو. مارئي پنهوارن جي ڏت سان شهرن جا پلاءُ نہ ٿي ڀانڙي ۽ ڪنڊيءَ جي سڪل ۽ سيڪيل سڱر کي سيمين کان وڌيڪ سمجهي ٿي.

سڱر ڪيين سرتيون، سيمين جان سيڪي.

ڀراڙيءَ جا غريب ماڻهو تہ ائين بہ هوندا هئا جو:

آئين ۽ چاڙهين، ڏٺ ڏهاڙي سومرا،
منجهان لنب لطيف چئي، ڇانور ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نه پاڙين، عمر آراڙي سين.

لنب جو ڪاهه پراڻ درياءَ جي ڪپ سان توڙي ٿر ۾ جام ٿئي، سندس پاڙ زمين ۾ ڪا ٿورو هيٺ هوندي آهي. هٿ لاءِ نه پهچيو پوي جڻ ته بي پاڙو ڪاهه آهي، ٿورو خوشبودار به ٿئي ٿو. ٻهراڙي جا ڏوٽي ماڻهو انهي ڪاهه کي سڪائي ڇانورن وانگي چاڙهي ڪائيندا آهن. آرڙو معنيٰ ڏٺ. سارو لوڪ ٻنهنجي ڏٺ برابر پلاءُ کي ڪجهه ڪري نٿا سمجهن.

سنڌ جي ٿر واري پاڳي جون حالتون اڄ به ٻه سو سال اڳ وارئيون آهن، ٿورو ڪجهه انهن ۾ به ڦيرو ابندو وجي ٿو. باقي عام سنڌ جي ٻهراڙي ۽ وڏن شهرن جي رهڻي ڪهڻي، ڪاڏي پيتي ۾ جيڪو شاه صاحب جي زماني ۾ تفاوت هو سو هاڻي به ڪنهن حد تائين قائم آهي. هن ڪان پوءِ ڏسجي ته هن آيل نئين انقلاب ڪان پوءِ ڇا ٿو ٿئي.

## سنڌين جا ڪي خاص ديسي رواج

هرهڪ ديس جا جدا جدا رواج ۽ جدا جدا ريتون ۽ رسمون ٿينديون آهن، جن جو ٻين ملڪن جي ماڻهن ۾ رواج ڪونه هوندو آهي. انهن ريتن يا رواجن جو سندن مذهب يا ڌرم سان لاڳاپو هجي يا نه پر اهي هن لاءِ ڪيون وينديون آهن جو عام

Gul Hayat Institute

ملڪي عادتن ۾ داخل ٿيل هونديون آهن. شاهه صاحب جي زماني ۾ شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ ڪنوار کي ڳانا يا سڳڙا ٻڌا ويندا هئا.

سون برابر سڳڙا، مونکي ٻانهن ٻڌائون.

گهوٽ ڪنوار جي ميلاپ ويلي هنن جا هڪٻئي سان مٿا ملائي ڪين لائون ڏنيون وينديون هيون.

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون.

مارئي لوئيءَ ۾ پنهنجي ماروءَ سان لائون لڏيون پر سمئيءَ ويچاريءَ لڪن ۾ مرڻ ۽ سفر ۾ ڏکن ڪاڻ لاءِ پنهون سان لائون لڏيون هيون. پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي ته:

لڳنديون لڪن سين، آءٌ جي مران ايئن،
ماءُ منهنجي نينهن، ته ڪر لائون لڏيون.

شاديءَ ويلي جڏهن گهوٽ ڪنوار واري ڪوٺيءَ جي ٻنيي تي پهچندو آهي تڏهن ڪيتريون ڪنواريتيون زالون سندس رستو روڪي بيهنديون آهن. انهن مان گهوٽ جي سالي يا ٻي ڪا سهاڳڻ هڪ ڪچو ڌاڳو ڪٽي ٻير جي آڱوٺي کان وٺي سندس مٿي تائين ڏاوڻ ڏائيندي آهي ۽ هڪجهڙ لاڳ وٺي پوءِ ڇڏينديون آهن. انهيءَ جو مطلب هوندو آهي ته مرد پنهنجي ونيءَ وٽ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌو پيو هجي. اها رسم شاهه صاحب جي زماني ۾ به هئي. سسئيءَ جي واتان چورائي ٿو ته:

کيچن آءُ نہ ڪڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏانوڻ ڏائيو.

شاديءَ جي رسمن مان نيڪيٽي بہ آهي، يعني تہ گهوٽ ڪنوار کي پرڻائي ساهري گهر مان آلي پهريان ڪنهن ويجهي عزيز جي گهر ۾ رهائيندا هئا ان کان پوءِ ٻيءَ رات نيکيٽي ڪري پنهنجي اصلي گهر ۾ آڻيندا هئا.

پرڻائي پنهونءَ کي، نيکيٽي نکڙايو.

گهوٽ جڏهن ڪنوار جي ڪوٺيءَ واري ٻنيءَ تي ايندو هو تہ اتي هڪ ڏيکڻ رکيو ويندو هو، جنهن تي اڳ ۾ ڪنوار کان پير رکايو ويندو هو ۽ ان کان پوءِ گهوٽ جو پير برابر رکائبو هو. پر جيڪڏهن گهوٽ جو پير ٿورو پاسيرو پيو تہ ان کي بڇڙو سنوڻ ليکيو ويندو هو.

پوچا ڏنم پير، ڏيکڻ مٿي ڏول جا،
مون پانئيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پريڙي.

پوچا جي معنيٰ آهي اڻ پورا يا ڏنگا. شادي وقلي ڏيکڻ تي پير رکڻ يا ڏيکڻ پچڻ جو رواج سنڌ جي پهراڙيءَ ۾ ڪيترو زمانو هلندو آيو ٿي جو شايد هاڻي ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

شاديءَ جي موقعي تي جڏهن زالون اچي گڏ ٿينديون آهن تڏهن ڪنوار کي پيڪن وٽان يا ٻين عزيزن ۽ دوستن وٽان ڪپڙا يا پيو ڪجهہ ڏاج ۾ ملندو آهي تنهن کي سنڌي اصطلاح

Gul Hayat Institute

۽ ڳنڍائڻ ڇوندا آهن. شاه صاحب جي زماني ۾ سيج ۽ ڳنڍائڻ جي اصطلاح هئي. مارئي جي پاران فرمائي ٿو:

مونکي مارو ٽڙن، سج ڳنڍائي سيج ۾.

سيج جي معنيٰ آهي اها کٽ يا پلنگ، جو ڪهوٽ ڪنوار کي پرڻي رات نصيب ٿيندو آهي. هت سيج جي معنيٰ آهي شادي يا پرڻو. مرڻي جي موقعي تي ڪيتريون زالون گڏ ٿي پار يا ورلاپ ڪيدي هڪ ٻئي سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ روئنديون ۽ پنبڻ ڪنديون هيون. امير ماڻهو ڪو مرندو هو ته لنگهيالي زالن جي وچ ۾ ٻيهي اوسارا چوندي هئي ۽ ٻيون ڪيس ورائيون ڏيئي گڏجي روئنديون هيون.

نڪي روڄ واريون، نڪي اوسارين،
مونکي مون مارين، مونهين سندا ڏکڙا.

اهڙن موقعن تي روئنديون ته اهي ئي جن کي لڳل هوندي آهي باقي ٻين کي ڪهڙي ضرورت هوندي، پر لوڪ لڄا ڪري هو به سر ملائينديون آهن.

اڻ ڏکوئيون ڏکن جي ڪوه ٿيون پٽر پون،
ناه اوراتون ان کي، ٿيون لوڪ رياڻون روئن،
پنهنجي پيريون جن، پسار تنهين جا پڌرا.

پٽر پوڻ معنيٰ ماتم جي تڏي تي ويهڻ. لوڪ ريائون-

Gul Hayat Institute

جيڪي لوڪ لڄان ڪان روئنديون آهن، جن جي دلين تي ڏک جو ڏيرو ڇمايل آهي تن جا پار يا ورلاپ ئي پڌرا هوندا آهن.

ڪنهن ڪان گناه يا ڏوه ٿيندو آهي ته معافي وٺڻ واسطي سنڌواسي ڳچيءَ ۾ پاند پائي وڃي معافي وٺندا آهن. شاه صاحب واري سنڌ ۾ به اهو رواج هوندو هو ته عورت پنهنجي ڳنڍي يا رئي جو پانڌ وجهندي هئي ته مرد پٽڪو لاهي پاند وجهي پرچائيندا هئا.

پهائيندي پنهون ڪي ڳچيءَ پائي ڳنڍي.

—

ويندي هوت، پنهون ذي پاند وجهي پٽڪي.

سنڌ ۾ پيرن کڻڻ يا پيرن آهوڙڻ جو فن هن حد کي پهتل آهي جو پاڻيءَ مان چور يا ڪم ٿيل ماڻهو يا جانور جو پير کنيو هليا ويندا آهن. انهي هنر جي ڪاريگرن کي پيري يا پيرادو ڪري سڏيندا آهن. اهو هنر سنڌ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به ملڪ جي ماڻهوءَ کي ڪونه ايندو آهي. اهو فن شاه صاحب جي زماني ۾ به سنڌ جا رهاڪو ڄاڻندا هئا.

لڪن ڏان لڙيو پير نهاريان پرينءَ جو.

—

پير سڄاتائين پنهونءَ جو منجهان ........

پير جي پکي ڪرڻ لاءِ پير کي چوڌرف ليڪو هنيو

Gul Hayat Institute

ويندو هو جنهن کي پير ڪڙڻ چوندا آهن. شاه صاحب انهيءَ سنڌي اصطلاح کي هيٺين ريت ڪم آندو آهي:

ڪڙهي ۽ ڪڙي پر ۾ پير پنهونءَ جا.

مسافر جڏهين گهر مان سنهري سهي پرديس پڌاربو آهي، تڏهن وات هلندي هن جي ڪپي پاسي کان جيڪڏهن تتر پکي اُڏري وڃي پڳو تہ ان کي بدسنوڻ يا بدفالي ليکيندا هئا. شاه صاحب سسئيءَ جي وانان چورائي ڏو تہ:

تتر تئي م تن کي ڏونگر ۾ ڏاڻو.

ساڳي ريت عرب قوم ۾ وري رواج هو تہ سفر ڪندي جيڪڏهن سهو سندن سامهون لنگهندو هو تہ ان کي بڇڙو سنوڻ سمجهي گهر ڏانهن موٽي پوندو هو. سڀڪنهن ملڪ جون ريتون ۽ رواج جدا جدا آهن.

آسمان جي ستارن تي سنڌ جي پهراڙي وارا رات جي وقت ۽ ٽائيم جو اندازو لڳائيندا هئا جو بالڪل ٺيڪ نڪرندو هو. ڪتيون، ٽيڙو، لڏا، انهن کي نهاري رات جي گذرڻ جي ڪٿ ڪري سگهندا هئا ۽ انهن هلندڙن ستارن کي نکٽ چوندا آهن.

ڪتين ڪـَر موڙيا، ٽيڙو آيا ٽيمي.

ٽيڙو يعني ٣ تارا جي ڪتين جي پوءِ تان هلندا رهندا آهن. مطلب آهي تہ ڪتيون لڙي رهيون آهن ۽ ٽيڙو منجهند اچي

آئيندا آهن، نہ مذهبي فرض سمجهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کي پنهنجو مذهب يا ڌرم سمجهي ان جي ڪرڻ تي هوڏ ٻڌي ته اها ان جي حماقت آهي.

شاه صاحب جي زماني ۾ سنڌ ۾ اسلامي راڄ هو ۽ مذهب جي محافظ مخدومن جو ڏاڍو زور هو ان هوندي به مٿيون ريتون رائج هيون فقط هن ڪري جو اهي رسمون فقط ملڪي رواج طور رائج هيون نہ مذهبي طور جنهن ڪري ان وقت جي عالمن انهن تي ڪوبہ خيال ڪونہ ڏنو ٿي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کي مذهبي يا اسلامي سمجهي ادا ڪري ها تہ حڪما بند ڪيون وڃن ها.

## سنڌ ۾ ڪتڻ جو رواج

شاه صاحب جي زماني ۾ ڪلون ڪونہ هيون جن تي سٽ ڪتجي ۽ اڇي اڇي ماڻهن کي ڍڪڻ لاءِ ملي ها پر هر هڪ گهر ۾ ايئن هوندو هو جنهن تي سگهڙ سلڇڻيون هندو ۽ مسلمان عورتون ڪاپي جو ڪم ڪنديون هيون. ننڍي ٿهي وارين نينگرين کي گهر جي ٻي ڪم سان گڏ ڪتڻ جو هنر به سيکاريو ويندو هو تہ هو گهر ڏياڻي ٿيڻ کان پوءِ جيئن پنهنجي عيال جي ڍڪڻ لاءِ پاڻ ٿي پورهيو ڪندي رهي. جيڪڏهن ڪو وهاءُ وڏور ٿي ويو تہ ان جو هٿ هڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو. اهڙي نينگريءَ کي مت ڏني وڃي ٿي تہ:

سي تو ويهي وچائيا ڪتڻ سنڌا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نہ ٿئين، پوري ا پوري سٿين،
تند پسند ٿي ڪيئن، هاڻي تون وڏي ٽيئين.
سگهڙ ڪاتياريءَ لاءِ فرمائي ٿو:

تنبائي تاڪيد سين جن پڄايو پاڻ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هلاءِ،
ململ منجهان ماڻ، جي سکيون تن سون ڪيو.

ڪيہ تنبائن يا پڄائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويندو هو تہ صاف سڦري پڄي وچي جنهن جي تند لسي ۽ سنهي نڪري تہ ململ جهڙو مهين ڪپڙو اُڻائي سگهجي. ڪي ڏاڍ ڪتيون وري ڪاپي جو ڪم ڪنديون هيون. ڪتڻ جو پورهيو ڪري ان تي پنهنجو گذران ڪنديون هيون.

پليءَ پائي پوليون، در در پيرا ڏئي،
ڪا مون ڪتائي، آءٌ ڪاپائتي آهيان.

ڪي عورتون ملهہ ڏيئي ڪتائينديون هيون ۽ ان مان سٺا ڪپڙا اڻائينديون هيون پر سڀئي گهرو معاملن کان ايڏو بيزار ٿي پيئي آهي جو پاڻ تہ ڪتڻ جي ويجهو نہ آهي پر ماڻ ڪي چوي ٿي تہ:

ڏئي ڪين ڪتاءِ، مونکي نيہ نهوڙيو.
ڪتيل ست بازار ۾ وڪامندو بہ هو. سڦري جو اگهہ الڳ

تہ رنڍن روڙيل جو ملهہ الڳ هوندو هو. شاه صاحب سٽ ڳنڍڙن کي صراف سڏيو آهي يعني پارکو. فرمائي ٿو تہ:

اٿـي اور ارٿ سيـن، ويهہ م ويڳاڻـي،
تـہ صراف سڀاڻي، موٽائـي هٿي نہ منهن تي.

---

ويهي ڪنڊ ڪاپو ڪر، ڳهڻون ڳهوهيون ڇڏ،
تـہ صرافاڻـي سـڏ، مرڪيون هونـد مٿائيين.

ڪورين کي سٽ ڏيڻي ڪپڙي جو نمونو سمجهايو ويندو هو. ڪي نڊي بر وارا تاڪيا اهڙا هوندا هئا جن جي تاڃي ۾ فقط ۳ سؤ تندون هونديون هيون ۽ وڏن ٻـرن وارن ٿانهن جـي تاڃي هڪ هزار تند جـي رٿـي ويندي هئي جنهن کـي ڏهسئي سڏيندا هئا ۽ ٽن سون واري کي ٽسئي چوندا هئا. انهن اصطلاحن کي ڪم آڻيندي شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

تنهنجي ٽسئي تاڻ، هت ڏکن ڏهسئي واريون.

ٽسئي- ٽن سون واري. تاڻ- تاڃي. ڏهسئي- هڪ هـزار واري تاڃي.

Gul Hayat Institute

شاه صاحب جي ڪتن ۾ ڪاپاٽي ۽ صرافن مان معني مراد تہ هڪ ئي آهي مگر هت هي ڏيکارڻو آهي تـہ سندس زمانـي ۾ سنڌ اندر جو ڪجهہ ٿي رهيو هو تنهن کي سامهون رکي شاه صاحب ان مان پنهنجي مطلب لاءِ سمجهاڻيون پيش ڪري رهيو

آهي ۽ ڪتن جو هنر، جو انهيءَ زماني ۾ گهر گهر ۾ چالو هو ان جو اهتار ڏاڍو تفصيل سان پيش ڪيو اٿس، مگر افسوس جو هن وقت سنڌ مان اهو گڻ سنڌي عورتن مان صفا نڪري چڪو آهي. سنڌ ۾ ڪپهه به جام ٿئي ٿي. ووڻن جا وڻ به ايترا آهن جن جو ڪاٽوڻي ڪونه ڪري سگهجي ٿو پر انهن مان سنڌي ڪو به فائدو ڪونه وٺي رهيا آهن جنهن ڪري لٽي ڪپڙي واري معاملي ۾ هو وڏن شهرن جي واپارين جا محتاج ٿي انگ اگهاڙا ٿيندا رهن ٿا. چئن ته اڄوڪي سنڌ لاءِ شاهه صاحب جو هي شعر بلڪل ٺيڪ ٺهڪي اچي ٿو:

نه سي ووڻ وڻن ۾، نه سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

## ڏٿ ڏوريندڙ ماڻهو

شاهه صاحب جي زماني ۾ هڪ اهڙي ڏولي ماڻهن جي به هوندي هئي جي هميشه ڏٿ ڏوريندا ۽ جهنگل جها ڳهيندا وتندا هئا. شاهه صاحب هنن کي ڪاهوڙي جي لفظ سان ياد ڪيو آهي. ڪي ڪاهوڙي نانگ ڦاسائيندا ۽ انهن کي نپائيندا به هئا، ڪي ڪاهوڙي وري جهنگ ۾ ڪتا وٺي شڪار ڪندا هئا. ويچارن جو دنيا جي هار سينگار سان ڪو لاڳاپو ئي ڪونه هوندو هو. صفائيءَ سان نه رهڻ ڪري مٽيءَ جهڙا ميرا، سندن دلق (گودڙي) به ڏوڙ جهڙا هوندا هئا.

ڦڪليا ڦوٽن، دلق ڳنڍيو ڏوڙ ۾.

ڦڪليان - مٽي ۾ ميرا ٿيل. ڦوٽن - ڳهندا وتن. هنن جو ڳهڻ سان ڪو واسطو ئي ڪونه هوندو هو:

مون ڪاهوڙي لکيا، ڳهڻ نه ڳهاڻ.

ڏت ڏورڻ هلندا هئا ته پاڻيءَ جون ڪليون ڀري ڀري ڀري نڪري ويندا هئا:

هلو ته هلون ڏت ڪي، اٿيو اٿيو ڪن،
پاڻي پولڙن ۾، ڪندر سير ڪاهن،
ڏونرا ڏور سڄهن، وٺي وهامي راتڙي.

جهنگ جبل جي جهاڳڻ ۾ ڪاڏي پوري نه ملي ڪري وبچارن جا منهن سڪا پيا هوندا هئا، بدن تي پوري اگهڙي به ڪانه هوندي هون. پيرن ۾ ڀراٽا ڪيٽرا پيا هوندا هون:

سڪا منهن سندن، پيرين ڀراٽا ڪيٽرا،
ڪاهوڙين آهجاڻ، انگ نه سڄي اگهڙي.

ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي ڪاري جهنگ ۾ وڃي دونهيون دکائي ۽ باهيون ٻاري ويهندا هئا جتي ماڻهو ته ايرقيئر ڪونه هوندو هو ۽ ڪڻيءَ جو به ڀير ڪونه هوندو هو:

جت نه ڪڻيءَ ڀير، تت ٽمڪي باهڙي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري.

تمڪڙ - هلڪي ٻاھ جو ٻرڻ . ڪير - جماعت ، ٽولي .

ڪاھوڙين مان ڪي آهيڙي يا شڪاري ٻہ ھوندا ھئا . شاھ صاحب شڪارين جي شڪار جي حقيقت ڏٺي ھئي وري ھڪ دفعو جھنگل ويران ٿي ويو ۽ شڪاري (ڪاھوڙي) ملڪ ڇڏي ھليا ويا تہ ان بابت فرمائي ٿو تہ :

جھنگل آهيڙن ڪـي پنڌ ڪيو روءِ ،
نہ ڪتا نہ ڪوڙڪيون ، چڙھيو اُپو چوءِ ،
ھاڻي ھنھان ٻـوءِ ، لڳي لوڻـو نـہ ٿئي .

شاھ صاحب جي الاھي عشق واري نظر تمام وسيع ھونـدي ھئي . ھو پنھنجي ديس ۾ جو ڪجھ بہ ڏسندو پسندو ھو تہ ان کي پنھنجي عاشقانہ ڪلام ۾ ادا ڪندي معنيٰ ھڪ اور وجـھي ڪيندو ھو .

ڪاھوڙي يا اھيڙي ٻـي ٿو ، ھنن جو رڃ ۽ جھنگ ۾ رلڻ ، ڏت ڏورڻ بـہ ڏسي ٿو . ڪتا ، ڪوڙڪيون بـہ سندس سامھون آھن . انھن جي ھرھڪ ڪم کي جنھن وڻندڙ انداز ۾ بڌائـي ٿو تنھن مان ھنن مسڪينن جي زندگي تہ ھوبھو سامھون ٿئي ٿـي پر ھڪ ٻي معنيٰ بہ نڪرندي اچي ٿي يعني تہ الله جا ڳولائـو جن جو دنيا سان ڪو لاڳاپو ڪونہ رھندو آھـي محبت الاھي واري ڏت ڏورڻ ۾ لڳا پيا ھوندا آھن تنھن مام ڏانھن بہ مطلب

جو موڙ ڏيندو رهي ٿو. ڪٿي ته مرڪوڙي ڪليءَ رهت فرمائي ٿو ته:

ڪاهوڙين خفي ڪان سوجهي لڌو سبحان،
عاشق اهڙيءَ اڪرين لنگهيا لامڪان،
هُوءَ ۾ ڪڏجي هُو ٿيا بابو سي ٻرِيان،
سپوڻي سبحان، آيو نظر آن جي.

اڄوڪي زماني ۾ سنڌ اندر ڪي ڪاهوڙي ۽ ڏوٿي منهن لٿل مسڪين ڪٿل ڪپڙن سان لڀندا، مگر شاهه صاحب جي زماني وارا ماڻهو جن ڏانهن اشارا ڪري ٿو، ڪٿي ٿا لڀن. اهي جهنگل ئي سچ تي سڙي ڪامي لوٽ تي وڃا جتي اهي ٻريان (سين سان عشق جي داغ وارا) بابو (فقير) ملندا هئا. اڄ ته:

ڏونگر نه ڏوٿي، ڏونگر سچو ڏوٿين ريءَ،
ڀچان ٻرو تي، ڪ ڏوٿي ڏٿ اڇڙا؟

## سنڌ جا واپاري

سنڌ ۾ هڪ طرف ڪاهوڙي ۽ ڏوٿي به هئا ته ٻئي طرف وري وڏا وڏا واپاري ۽ جواهري به هئا جن جي موتين جو ڏنڌو ملڪان ملڪ هلندو هو. شاهه صاحب پنهنجي صوفيانه رمزن ڪي سامهون رکندي صرافن ۽ وڻجارن جو بيان ڪيو آهي جنهن مان انهيءَ زماني واري سنڌ جي تجارتي تمدن تي به روشني پئجي

Gul Hayat Institute

سکھي ئي. اسان جي اڳيان سنڌ جي تمدني تاريخ جو شاه صاحب جي هٿان هڪ نئون باب کلي پوي ٿو.

سنڌ جي جھوني کان جھوني تاريخ تي نظر ڪجي ٿي ته ديبل بندر جو واپار ايران، عراق، عرب ۽ هندستان سان سمنڊ جي رستي کان گھڻيو پيو هوندو هو. اسلام جي اچڻ کان پوءِ ڪنهن زماني تائين ديبل بندر آباد هو ۽ واپار جي وڏي منڊي هو. ان کان پوءِ انهيءَ بندر جي ڦٽڻ بعد ساڳئي هنڌ تي مٽي ۽ کاري درياهه جي ميلاپ وارن هنڌن تي نوان نوان بندر قائم رهندا آيا ٿي جن ۾ لاهري وڏو هاڪارو بندر ٿي گذريو آهي. شاه صاحب جي زماني ۾ ٺٽو وڻج واپار ۾ تمام زور هو، ڏورانهن ڏيساورن تي ٺٽي جا وڻجارا ٻيڙا ڇوڙائي واپار سانگي ويندا هئا. ٺٽو اڳ موتين جي واپار کان ڏاڍو مشهور هو. شاه صاحب جو ٺٽي ۾ گھڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ان موتين جي وڻجارن جي سفر جون حقيقتون اکين سان ڏٺيون ۽ ان جو بيان سُر سراڳ ۾ ڏنو اٿس ۽ وڻجارن جي سفر تي وڃڻ کان پوءِ سندن گھر وارن جي وڇوڙي ۽ ڦوڙائي ۾ جيڪا حالت ٿيندي هئي ان جو ورنن سر سامونڊي ۾ ڪيو اٿس. سنڌ ۾ شاه صاحب جي سامهون گھڻو واپار ٿيندو هو ان بابت فرمائي ٿو:

قرقل، قوتا، پارها، پائيٽ پاتائون،
ڪوئيون قيمت سنديون، تڙ ۾ تاڪيائون.

قرقل - قرنفل معني لونگ . پارچا - ڪپڙا . پاٿيٽ - آبدار موتي . لونگ ، الاچي ، ڦوٽا سنڌ جي پيداوار نہ آهن پر سنڌ جا ولڻجارا اهي شيون هڪ ڏيساور تان گهرائي ٻين ڏيساورن ڏانهن موڪليندا هئا ؛ باقي ڪپڙو تہ تنهن ۾ اڄڪلهہ ٺهندو هو . ريشمي ڪپڙن جي پيداوار انهيءَ زماني ۾ ٺٽي کان پوءِ بس هئي . موتي بہ هن سنڌ واري عربي سمنڊ ۽ ايراني نار مان ايندا هئا . اڄ تائين ڪراچي ڪسٽم وارا موتين جي واپارين کي ٽيڪو ڏيندا آهن جو ٺٽين ڏموني ٿوهرا موتي ڪيڏي اڄن ٿا . شاهہ صاحب پنهنجي زماني ۾ سنڌ واري سمنڊ مان موتي ڪيندي ڏٺا آهن جو منهن تي شيشي جو خول يا ٽوپ پائي سمنڊ ۾ لهي ويندا هئا، شيشي مان سمنڊ جي صاف پاڻيءَ ۾ سندن آرپار نظر پوندي رهندي هئي جنهن ڪري سچن موتين وارڊون سپون جهلي ايندا هئا .

ويا جي عميق ڏي منهن ڪائو پائي ،
تنين سپون سوجهي ڪيڻيون پاتاران پيهي ،
پسندا سي ڏيي ، امل اکڙيــن سين .

عميق معني اونهون سمنڊ . آمل - جنهن موتيءَ جو ملهہ ٿي نہ ڪٿي سگهجي .

سنڌ جا ناکئا اڄ تائين ملبار ۽ بنگال پاسي سڙهن جي ٻيڙين تي مال لڏي ويندا آهن . شاهہ صاحب جي زماني ۾ اهي کهڙي کهڙي پاسي ويندا هئا :

Gul Hayat Institute

سودي ڪارڻ سنبهي ويهون وڻجارڻ،
وڃا چين بنگال ڏي، رکي مالڪ من.

سنڌ جو چين ۽ بنگال سان واپار هوندو هو سا هڪ تاريخي ڳالهه آهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پنج سال اڳ ۾ ١٨٣٨ع ڌاري سنڌ ۾ جيڪو واپار هليو ان جو بيان سنڌ گزيٽر ۾ ڄاڻايل آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته فقط بنگال ۽ چين مان بي انداز ريشم سنڌ ۾ آيو. انهيءَ سال ٢١ لکن جو سنڌ ۾ واپار هليو. سنڌي وڻجارا سلون يا لنڪا به ٻيڙا پار ۾ وڃي سون جي واپار لاءِ هليا ويندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن، لٿي لنڪا جي اوهريا،
سٿي سون لنڪا جو، سک نه ساموندين.

سون جي سودڻ ۽ پرکڻ جو ڪم به ٿيندو رهندو هو. ٺٽي ۾ صرافن جا دوڪان جام هوندا هئا. شاهه صاحب هڪ صوفيانه مام ۾ انهيءَ معاملي کي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

سون وٺن صراف سٺين، پچي ڇڏي بازي،
چاندي ڪيو چلائين، رهو روازي.

ساڳيءَ ريت انهيءَ زماني ۾ جواهرن جا پارکو به هوندا هئا، جن کي شاهه صاحب پارکو، وڻجهار، صراف ۽ جوهري سڏي ٿو، جي ڪنير يا عينڪون اکين ۾ پائي مالڪن جو ملاحظو ڪندا هئا.

Gul Hayat Institute

ڪنير ٻايون اکين لهن سپڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو قدر منجهہ ڪنار.

شاهه صاحب پنهنجي زماني جي سنڌ ۾ ڏسي ٻسي ڇڏيا ٿو ۽ ان مان معرفت واريون معنائون ڪڍيون ڪيدي ٿو، عميق يا سامونڊين جي سفر ۽ موتين ۽ مالڪن مان سندس ڪهڙيون مرادون آهن، هت انهن معنائن جو بحث نہ آهي پر هت ڏيکارڻو آهي تہ شاهه صاحب جي زماني ۾ سنڌ ڇا هئي ۽ سندس تهذيب، تمدن ۽ ريتون رواج ڪهڙا هئا ۽ هن وقت تائين انهن ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو آهي ۽ ملڪ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي.

## فصل چوٿون

## سنڌ جا پکي

سنڌ جي، سچي عاشق حضرت عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌ جي هرهڪ نظاري ۽ ڏيک کي پنهنجي سامهون رکندي انهن مان معرفت جون جيڪي ماٺون معلوم ڪري وري سنڌ وارن کي تعليم ڏني آهي، تنهن کي ڏسندي حيرت وٺيو وڃي ٿي. ٻيو تہ ٺهيو پر سنڌ جي پکين کي ڏسي ٿو تہ ان مان هو پنهنجو مطلب ڪڍي ٿو. هو باز بہ ڏسي ٿو ۽ شڪرو بہ ڏسي ٿو ۽ ڪجهہ جهڙو ماس کائو پکي بہ پسي ٿو. سڀني جي عادتن کي سامهون

رکي فرمائي ٿو:

ڪٿو ٻاراؤ ٻاز ڪي ڪجھ جي ڪج ۾ ڪول،
ٻوڙ جنهن جي ڏوندي ڏي، رڻ ۾ وتي رول،
جو ڀھون ڀاري ٻول، سو هتان چڏ ۾ شڪرو.

ڪڻ باراؤ باز ڪي، ڪجھ ڪي ڏي ۾ ڪل،
هماء ڏي تون هل، شڪرو ساڻ ڪٿي.

هماء هڪ پکي جو نالو آهي جو ڪهڙو ڪري اکين کان غائب رهي ٿو ۽ ڪنهن به جانور جو شڪار ڪري نه کائيندو آهي فقط هڏين تي گذران ڪندو آهي. شيخ سعدي فرمائي ٿو ته:

همای برسر مرغان ازان شرف دارد،
که استخوان خورد طائرے نیاز آرد.

باشاه جهانگير پنهنجي روزنامچي "توزڪ جهانگيري" ۾ لکيو آهي ته هڪ دفعي چڙي مار هماء پکي ڦاسائي منهنجي خدمت ۾ کڻي آيا. تجربو ڪيو ويو ته هو پنهنجي چهنب سان هڏيون سنهيون ڪري کائي رهيو هو. ايراني شاعرن جو خيال آهي ته هماء پکي جو جنهن ماڻهوءَ جي مٿان پاڇو پوندو آهي سو بادشاه ٿيندو آهي يا ولي خدا جو ٿي ويندو آهي ۽ ان ماڻهوءَ جي دنيا تابع ٿي رهندي آهي. غياث اللغات ۾ لکيل ٿو ته:

Gul Hayat Institute

”برسر هر که سایه او افتد بدولت و سلطنت رسد“
شيخ سعدي شيرازي ان ڳالھ ڏانھن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته:

کس نیاید بزیر سایه بوم،
ور هما از جهان شود معدوم.

يعني ته جيڪڏهن هماء جھڙو برڪت ڀريو پکي دنيا ۾ ناياب به ڪٿي آهي ته ان هوندي به ڪوبه ماڻهو چٻر جي ڇانوَ هيٺان ڪونه اچي ويهندو.

شاه صاحب هماء جي انهي عام تصور کي سامهون رکندي فرمائي ٿو ته شڪري جھڙو سچو شڪاري سان ڪري هماء ڏي هل جتان تنهنجي من جون مرادون پوريون ٿين. ڳجھه، جو ڍونڍ ڍونڍيندڙ پکي آهي تنهن جي ويجھو نه وڃ. هماء پکي اگرچه سنڌ جي سر زمين تي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي پر عام خيال آهي ته هو لامڪاني پکي آهي ۽ هوا ۾ اڏرندو رهي ٿو اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب ان جو ذڪر ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

سيچالو: هڪ شڪاري پکي شڪري وانگي باز جي قسم مان آهي، شاه صاحب سيچالي جي خصلتن کي ڏسي پوءِ فرمائي ٿو ته:

نيڻهن، سيچالي، شيڻهن، تنهي قصد ڪباب سين،
ڪائن راتو ڏينهن، توءِ پوئن بکيا.

يعني تہ عشق، سيچاڻو پکي ۽ شينهن ٿنهي جو ڏنڌوئي آهي ماس کائڻ. رات جو ڪباب ڪڻي کائيندا تہ ڏينهن جو ساڳي ريت بکيا هوندا. باز يا سيچاڻي کي گرمي جي مند ۾ ڪريز ۾ وهاريندا آهن، سندس پر ڪتري هڪ ڪوٺيءَ ۾ پوري بند ڪري ڇڏيندا آهن. اتي ئي باز پال ماڻهو سندن خدمت چاڪري ڪندا رهندا آهن پوءِ جڏهن سياري جي موسم گهرندي آهي ۽ والڪي ڏياريءَ جو ڏيو ڏسبو آهي تڏهن هو نوان پر ڪڍي ايندا آهن ۽ کين ڪريز مان ڪڍيو ويندو آهي شاه صاحب ڪريز جو معاملو ڏسي فرمائي ٿو:

آهي عشاقن کي ڪاڙهو منجهہ ڪريز،
جي مٿي وڃي کيجهہ، توءِ نهاري ڍوند ڏي.

شاه صاحب سيچاڻي کان سواءِ شڪاري پکين مان بحري، شهباز، شڪري جا نالا بہ آندا آهن. شهباز جي معنيٰ آهي بادشاهي باز، اهو پکي ڏاڍو سوڌيل ۽ شڪار ڪرڻ جو تکو ٿيندو آهي، ڪن جو چوڻ آهي تہ باز پکي جي ماديءَ کي شهباز سڏيو ويندو آهي.

مور پکي کي ڪارايل بہ چوندا آهن. مور پکي پاڻيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي، هو پکين جو شڪار ڪونہ ڪندو آهي پر نانگ بلائون ناس ڪري ڇڏيندو آهي. سنڌ ۾ مور پکي جام ٿين ٿا، خاص ڪري ٿرپارڪر ضلع ۾ جهنگلن جا جهنگل

Gul Hayat Institute

جهنگلي مورن سان پريا پيا آهن. شاه صاحب مور جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

سر ۾ سانجهيءَ وار، مورن ماندائا ڪيا،
سڱون ڏين سپن تي، ڪنئين ڪارايل ڪنڊار،
ساري نانگ ابار، وه پيتائون وتيين.

—

موران مولڻ مهڙو، نوڙي نانگ نه ڪن،
ڪارايل ڪارن ڪي، ڪارا ڪيو ڳهن،
ولڻين وه پين، سڪ سرڪين نه لهي.

نوڙي- نوڙت، نياز. ڪارن- ڪارا نانگ. ڳارا ڏيڻ- همت سان اڳتي وڌڻ.

سنڌ ۾ چتون، طوطا، چهون، چيها جهنگلي پکي هوندا هئا. سسئيءَ جي سر ۾ وڻڪار يا جهنگل جو بيان ڪندي فرمائي ٿو:

وڏا وڻ ولڪار جا، جت چتون چانگارين.

—

وڏا وڻ ولڪار جا، چهون جت چيها.

چب- ڪڪڙ کان ننڍو پکي جٿ ڪمرو ٿيندو آهي، گهڻو ڪري ويران هنن، جهنگلن ۽ قبرستانن ۾ رهندو آهي ان جو هيو قسم چپرو ٿيندو آهي جو سرڻ کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو ۽ سندس شڪل ٻليءَ جهڙي ٿيندي آهي. هن کي منحوس يا چنڊو

Gul Hayat Institute

سمجهيو ويندو آهي. ڪنهن گهر ۾ اچي لنوي ته ماڻهو سمجهندا آهن ته ندورو پکي لنوي ويو خدا ڪو خير ڪري.

چيهو - جهرڪي ڪان ننڍو پکي رنگارنگ ٿئي ٿو. سندس پوليون ڏاڍيون مٺيون ٿين، گهاٽن وڻن ۽ ساون جهنگلن ۾ پاڻيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي. فارسيءَ ۾ ان کي سرخاب سڏيندا آهن. سرخ آب- ڳاڙهو پاڻي. غياث اللغات ۾ لکي ٿو ته اهو نالو هن ڪري پيو اٿس جو سندس ماديءَ کي پين پکين جي برخلاف حيض ايندو آهي جنهن ڪري سرخ آب جي معنيٰ ٿي ڳاڙهي پاڻيءَ جي ڏياڻي.

## پاڻيءَ جا پکي

پاڻيءَ جي پکين جو ذڪر شاه صاحب هڪ جدا سر ڪارايل ۾ آندو آهي. هنج ۽ ٻلو پکي پاڻيءَ وارن پکين ۾ ڏاڍا مهانڊي وارا ۽ وڻندڙ پکي ٿيندا آهن.

ڪنگ ۽ ٻگهه ٽنگن ڊگها اڇا پکي به پاڻيءَ جي جيتن ۽ سنهي مڇيءَ تي گذران ڪندا آهن پر هنن ۽ هنن ٻهرين پکين جي ڊيل ڊول ۾ گهڻو فرق آهي.

شاه صاحب پنهنجي ديس ۾ پکين جا اهي قسم ڏسي ٿو، هنج کي خاص انداز ۾ نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته:

هاريا هنج، ٻگهن سين ڪيهي پڌرين پياهه؟

Gul Hayat Institute

ميرو منائج تون، اچي ڪر اُڪيل،
ڪنگن سان ڪويل، للا جم لڱ پئين.

هاريا- بيڪار. ٻيلهه- دوستي. اڪيل- اڪلائڻ. ڪويل- بيوقتو. جم- ڇو. لڱ ٻوڻ- پاڻيءَ ۾ ترڻ.

هنج جي عادت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

ماڻڪ چوڻو جن جو، هنج حضوري سي،
ڇلر ۾ ڇهنب هڻي، مڇي ڪين نه اي،
لوڪ نه لکا تي، جيلانهن ٻوڏن ٻگهن ڪڍيا.

ڏنڊ جي ٻڪين ۾ ڪانگن جهڙا ڪارا ٻکي به ٿيندا آهن جن کي ڪانئيرو سڏيندا آهن، انهن جون عادتون نه هنجن جهڙيون هونديون آهن نه وري للان جهڙيون. مڇيءَ جي ورن لاءِ پاڻيءَ کي ميرولڙو ڪري ڇڏيندا آهن.

سر وڃايو سرڪ، وڙن ڪانيرن،
آڏيءَ رات اٿي ڪري، ددا ڏانهون ڪن،
سنڌي ذات هنجن، منهن ڪوڙي موتي چڻي.

سَر- تلاءُ يا چشمه. سُر- رنگ يا لمونو. ٻيوڙو- ٻي ڏنگو. دد- فارسي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي جانور. ڪالڏ جو راتِ جو لنوڻ سنڌي رسمن موجب بد سوڻ آهي. هن بيت ۾ شاه صاحب ان ڏانهن اشارو ڪندي ڪانئرن جي بد ذات ڏانهن

اشارو ڪري رهيو آهي.

سنڌ ۾ تاڙو پکي برسات جي موسم ۾ ٿيندو آهي جنهن مان ڳمان ڪڍيو ويندو آهي ته اجهو ڪي اجهو برسات آئي. شاه صاحب تاڙي ڪي ڏسندي فرمائي ٿو:

اڄ ٻڌ انبر پار ڏي تاڙي ڪئي تنوار.

يعني ته سارنگ ٻوري ساز سامان سان اچي رهيو آهي ڇوته تاڙو تنوارون ڪري رهيو آهي:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهه، مينهيون،
اڙٻون ابر آسري، تاڙا تنوارين.

ميرگهه - هرڻ. آڙي - ٻاڙيءَ جو پکي آهي جنهن جا ڪيترائي قسم آهن. جن مان ٽيتا ۽ اسناف مشهور آهن جنهن جو ماس شڪاري ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. هڪ پڙهڻي ۾ آڙيون جي بجاءِ اڙون لفظ آيل آهي، اڙون جمع آهي اڙ جو.

"اڙ" هڪ تمام ننڍڙو ڪارانجهڙو پکي آهي پر هن جو آواز تڏ وانگي ڏاڍو تکو ٿيندو آهي. ماڻهو چوندا آهن ته اڙ پکي مينهن لاءِ تنوازي ٿو ۽ مينهن جي پڪ تڏهن ٿيندي آهي جڏهن تاڙو تنواريندو آهي. رات ڏينهن سندس ڏم لڳي ويندي آهي ته برسات پوي، برسات پوي.

تاڙو پکي ڪٻڇي پکي کان ٿورو وڏيرو ٿيندو آهي. هن جو پچ به ڏگهو ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ ميهڻ چوندا آنس جو برسات جي

Gul Hayat Institute

موسم ۾ اچي پر گهٽ ٿيندو آهي. سارنگ، چانڪ، ٻاپيهو ٻه کيس سڏيندا آهن. چون ٿا ته هو هميشه برسات جي پاڻيءَ تي گذران ڪندو آهي ۽ ترڪ جيتري ٻه ڳري سهي نه سگهندو آهي. شاه صاحب سسئيءَ جي سر حسينيءَ ۾ انهي ڏانهن خاص بليغانه انداز ۾ اشارو ڪيو آهي:

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساڄن وسري،
ته مَرُ لڳي لوه، ٿر ٻاپيهو ٿي مران.

پاڻيءَ جي پکين مان هڪ ڪانو به آهي، جنهن جي لات لنوڻ سان پاڻي پوپون ٿيندو ۽ سانگارا ڪري لهي لڳندو آهي:

سڪي ڍور ڍيون ٿيون، ڪنڌي ڏنو ڪانو،
پاڻي پنيهل ۾، اکيون نه آيو،
ماڙهن ميڙانئو، ڪنهين ڪنهين پيئين.

ڍور - ڍورو يا ڍنڍ. ڍيون ٿيڻ- تري ۾ وڃي پوڻ. پنيهل هڪ ڍوري جو نالو. هن شعر جي هڪ ٻي پڙهڻي هن ريت آهي:

سڪي ڍور ڍيون ٿيون. ڪنڌيءَ ڏنو ڪانو.

هت ڪانو ڏيڻ جي معنيٰ ٿيندي لهي وڃڻ. ڪنڌيءَ ڪان پاڻي هيٺ لهي ويو آهي. درياءَ جي پکين کي ماريڙي يا شڪاري جن اتڪلن سان شڪار ڪندا هئا، تن مان شاه صاحب جي زماني ۾ هڪ هي ڍينگ هوندو هو جو ڪاٺ جو موئرو ٿاهي

Gul Hayat Institute

مٿس هڪ ٻا ڪنڀ چنبڙائي پاڻيءَ ۾ آڻي تاريندا هئا. ٻيا پکي سمجهندا هئا ته شايد اهي به سچ پچ اسان جا ساٿي آهن جڏهن انهن وٽ آڏي اچي ويهندا هئا تڏهن ڦاريهڙي، جو وجهه وٺيو ويٺو هوندو هو سو هنن کي اماڪ ڦاسائي پنهنجي ڦندي ۾ آڻيندو هو:

پکيءَ جنهن پڇاڻيا، تنهن ۾ ساه نه ماه،
منجهه ڪرنگهر ڪاٺ جو، مٿي پکين چاه،
ويچارن ويساه، مٿن پکين آئيو.

پڇاڻن - پهچاڻڻ. ماه - ماس. ڪرنگهر - ڀوتو، جسم. پک - ڪنڀ.

دلبو منجهه درياء، پکي پسي آئيا،
ويچارا ويساه، آڻي ات اڙائيا.

دلبو - ٺڳي، ڏوڪو. پر شڪارين جي اصطلاح ۾ خود انهن مؤرن کي به دلبو چئبو آهي جيڪي پکين ڦاسائڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ تاربا آهن. ڪڏهن ڏيئن يا دامن ۾ به پکين کي ڦاسايو ويندو هو. شاه صاحب هنج پکيءَ کي هن دنيا ۾ هلت بابت فرمائي ٿو:

جئن قطر چٽيو ڪڙ پرين، ٻول ٻجهندين هنج،
موتي جي مهراڻ جا، پسورا ڇڏج پنج،
اڄ ڪ صباح سنجهه، ڦو ڏيئن ۾ ڏيسر ٿئين.

قطر - داڻا. چٽڻ - چونڊڻ. ٻول ٻجهڻ - وعده ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

هيءَ دنيا هڪ ساگر آهي، سالڪ هن هنج پکي مثل آهن. هن دنيا ۾ نفساني خواهشن جا موتُرا ۽ ڪاڻ جا ڪرنگهر ناهي نيڪ انسانن جي ڦاسائڻ لاءِ جتن ڪيا ويئن ٿا، تنهنڪري شاهه صاحب انهن حالتن ڏانهن پنهنجي شعر ۾ اشارا ڪيا آهن. سالڪ کي چوي ٿو تہ دنيا جي گندگين کان جند ڇڏائي اکيتي وڃ نہ تہ شڪارين جو طعام ٿي ويندين:

آءُ اڏامي هنجڙا، سَرَ ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پارهيڙي پہ ڪري.

## ڪونج پکي

ڪونج هڪ پهاڙي پکي آهي جو سنڌ جي لڳولڳ باوچستان وارن پهاڙن ۾ رهندو آهي. سخت سرديءَ جي مند ۾ سنڌ ۾ لهي ايندو آهي. هو وکر ۽ ولر ڪري دالو پاڻي حاصل ڪندو آهي. اڇي رنگ جو قداور پکي، ڏکهي ڳچيءَ سان ٿئي، ان جي آواز ۾ چگو ميٺاج آهي. مسافر پکين جون ٽوليون ڏسندي شاهه صاحب کي خاص امنگ پيدا ٿين ٿا. ڪونج کي پيار کان ڪونجڙي بہ سڏي ٿو ۽ هنديءَ ۾ڪيس ڪونجي چون تنهن سان بہ ياد ڪري ٿو فرمائي ٿو:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سنڌن روهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾.

Gul Hayat Institute

هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي ڏسي فرمائي ٿو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهئان ميٺ گهڻو.

يعني تہ ڪونجون پاڻ ۾ ڏاڍي اتحاد ۽ اتفاق ۾ آهن ۽ وڳر ڪري هلڻ سان سندن پريت ٻڪي ٿيندي رهي ۽ ان ڪري پاڻ ۾ ميٺ يا ميثاج بہ وڌي ٿو، پر افسوس جو انسانن ۾ اها شئي ڪانہ رهي آهي جو پاڻ ۾ هڪ ٿي رهن ۽ هڪ ٿي رهڻ جو هميشه نتيجو مٺو نڪرندو آهي. فارسي جو شاعر ٿو فرمائي:

ز اتفاق مگس شهد مي شود پيدا،
خدا چه لذت شيرين در اتفاق نهاد.

يعني تہ مکين جي اتفاق يا ايڪتا سان ماکي پيدا ٿئي ٿي. ڏسو تہ الله تعاليٰ ايڪتا ۾ ڪيڏو نہ ميٺاج رکيو آهي. پرديسي پکي جي ڪڪن ۽ لنوڻ کي شاه صاحب سندن وڇوڙي‌ن ٻچن جي يادگيري ۽ فراق جا ڦوڙائي سمجهي فرمائي ٿو:

ڪونجيون ٿيون ڪڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوء اٿن، وچن وانيا ڪيو.

---

ڪونجهڙي ڪالهہ لئي، سچڻ وڌم چت،
آءٌ جنهن ريءَ هت، گهنگر گهاريان ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

ڪونج پنهنجي وڳر مان وڇڙي ويئي آهي، اڪيلي رڙندي وتي ٿي، ماري سندس ڦاسائڻ لاءِ ڦاهيون اڏيو ويٺو آهي:

وڏي وڳر هيرئين، ڇڏي نه پين ڳڻ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويئي وهامي راتڙي.

هوڏانهن ٻيءَ تان ڪيس وڳر وارين به سنڀالي ۽ سندس سلامتيءَ لاءِ آسيسون ڏئي رهيون آهن:

وڳر ۾ واڻي، ڪاله تنهنجي ڪونجڙي،
سَرَ ۾ سارينئي گهڻو، پيڙ ۾ پاڻي،
ڦسين نه ڦاهي، جا ماري سندي من ۾.

هن مسڪين مسافر پکيءَ کي ماريءَ جي دام ۾ ڦاسندو ڏسي فرمائي ٿو:

ماري مرن شال، ڏِڀ وجنئي ڏيپون،
جيئن تو اڇي ڪاله، وڌو وچ ورهن کي.

هي دنيا مسافرخانو آهي جتي دنيا جون وٿون هڪ پاڪ روح لاءِ ڏيپون آهن ۽ بچڙيون سڏون ماري آهن. انسان جنهن جو اصل وطن ڪو ٻيو آهي، جيڏانهن هن کي وري وڃڻو آهي، تنهن کي خدا وارن جي ٽوليءَ کان جدا ٿيڻ نه گهرجي. ٿورو به ويسلو رهيو ته ٻيءَ ماريءَ کي مار جو موقعو ملي ويندو.

Gul Hayat Institute

ماري ٻه ته ساڳي انساني صورت ۾ شيطان آهن ، پر انهن جو سڃڻهن ڪي ڪتو ڪونه پوي ٿو :

بغل منجهه بندوق ، ماري ميرا ڪپڙا ،
مارهو مير ملوڪ ، لتاڙيو لڪ چڙهين .

حضرت جلال الدين رومي فرمايو آهي :

اي بسا ابليس آدم روءِ هست ،
پس بهر شخصي بنايد داد است .

يعني ته ڪيترائي شيطان ماڻهو انساني روپ ۾ آهن تنهنڪري هرهڪ شخص کي نيڪ انسان سمجهي هن جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ نه گهرجي . يعني ته ان جي صحبت اختيار ڪرڻ نه گهرجي . متان داڻو ڪارائي خانو خراب ڪري ڇڏي . انهيءَ معنيٰ ۾ شاه صاحب فرمايو آهي ته ماريءَ کي ميرا ڪپڙا آهن جو پورو سڃاڻڻ ۾ نٿو اچي . ميرن يا خاڪي ڪپڙن ڪان شڪار نه ڇرڪندو آهي جنهن ڪري سولائيءَ سان هن جي دام ۾ گگدام ڦاسي پوندا آهن . هوڏانهن انهيءَ ميرن ڪپڙن واري جي بغل ۾ بندوق آهي جو غافل ڏسي هڪدم شڪار ڪري سگهي ٿو .

## ڪانگ ٻڪي

سنڌ ۾ هي ٻڪي جام ٿئي ; رنگ جو ڪارو ، گردن تي سفيدي ، اکين جو تکو ، ٽورو ٽيڏيرو ، ڏاڍو سياڻو پکي ٿئي ٿو .

Gul Hayat Institute

داڻا به چڳي ته ماس مڇي به کائي. ننڍن پکين جا ٻچا شڪار ڪري ڪِرڪائي وڃي. هنن جي چمار چون ٿا ته ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. پنهنجي بچاءَ لاءِ پوري هوشياريءَ کان ڪم وٺندو آهي. هن جي سيالپ ڀلاڪي طور ڪم ايندي آهي. چوندا آهن ته "سياڻو جهڙو ڪانءُ"، "سياڻو ڪانگ ٻه چنگهو ڦاسي". سنڌ وارن جو رواج هو ته ڪنهن گهر جي ٻنيءَ يا ڀِت تي ڪانءُ ويهي لنوي ته ان مان گمان ڪيندا آهن ته اڄهو ڪي اڄهو ڪو سڄڻ يا دوست ايو. سنڌ جي ڪن زالن کي ڪانءُ جي ٻوليءَ جي ڄاڻ ٿيندي آهي هن جي هڪ خاص آواز مان اندازو ڪندي چونديون آهن ته ڪانءُ تو لنوي اڄهو ٿو ڪو مهمان اچي. سنڌيسن وٽ ڪانگ کي هڪ قاصد جي پوزيشن آهي جا سپرين جا سنيها ۽ هنن جي ميلاپ جو پرانيو يا پيغام کڻي ايندو آهي. شاهه صاحب واري سنڌ فقط ڀرازڙي واري سنڌ آهي، هن جي ساڻهون ڀرازڙيءَ جون ڏي ريتون رسمون آهن جنهن ڪري ڪانگ کي ڪڏهن قاصد واري صورت ۾ وڻ ني وٺيل ڏسي ٿو:

آءُ ڪانگا وڻ ويهه، سڏيون ڏي ساڻيه جون.

ڪڏهن وري ڀرازڙيءَ جي گهرن ۾ جو مُنيون ڪتل هونديون آهن جنهن سان مينهيون يا ٻيو مال ٻڌبو آهي تنهن کي ڏسي ٿو:

Gul Hayat Institute

ڪرُ ڪنيو ڪانگ لنوي مٿيءَ تي مضبوط.

ڪڏهن ڪڪانئين مٿهه تي ويٺل نظر اچي ٿو:

مٿان منهه منهنجي ڪنهن اڏايو ڪانگ.

سنڌي ماڻهو ڪانگ کي قاصد يا پرينءَ جي پيار جو پڪي سمجهي هن کي سڏورو چوندا آهن پر اسلام کان اڳ وارا عرب ڪانگ کي ڏاڍو بڇڙو پکي ۽ دوستن، عزيزن ۾ جدائي ڪندڙ سمجهندا هئا. هن وقت تائين پهراڙيءَ جا عرب ائين سمجهندا آهن. ڪانگ کي هو سڏيندا ئي "غراب البين" آهن، يعني ته جدائي آڻيندڙ پکي. غراب جي لفظ مان غربه ۽ اغتراب ڪڍيا ويا آهن يعني سفر ۽ پرديس ماڻهو. عرب جن به شين يا جانورن مان سوڻ يا بدفالي وٺندا هئا تن ۾ ڪانءُ سڀ کان وڌيڪ هنن وٽ بڇڙو پکي آهي. هڪ شاعر جو قول آهي:

وصاح غراب فوق آعواء بالـه،
بـا خبار احبابـي فقسمني فكري،
فقلت غـراب بـاغتراب و بـانـه،
بين النوي تلـک العيافـه والزجر،
وهبت جنـوب بـا جتنابـي منهـم،
وهاجت صبا، قلت الصبابه والهجر.

يعني ته ڪانگ بان وڻ تي ويهي منهنجن دوستن جي ڳالهه

Gul Hayat Institute

ڪئي. (٢) جنهن تي مان چيو ته ڪانگ تہ ساٿين ۾ ڏورانهين ۾ جدائي آڻڻ لاءِ آهي ۽ سندس لنوڻ هڪ تنبيه آهي. (٣) ان ڪان پوءِ ذڪر جو واڳ لڳو ته پاليم ته دوستن کان ڏوراهي ٿئي ٿي ۽ صبح جي هير گهلي ته چيم ته عشق سان گڏ جدائي آئي.

عربن جو ڪانگ بابت اهو تخيل آهي، ته سنڌين جو وري هي آهي ته ڪانگ قريبن جو قاصد آهي. هرهڪ ملڪ جا رواج نرالا آهن. عربي يا فارسي شاعر دوست يا معشوق جو نامه بر يا قاصد ڪبوتر کي تصور ڪندا آهن ۽ ڪبوتر هٿان سڄڻ ڏانهن سنيها موڪليندا آهن جئن ته فارسيءَ جو هڪ شاعر فرمائي ٿو:

تا برد سويش ڪبوتر نامه چندان سوده ايم،
ديده بر پايش ڪه پايش رابخون آلوده ايم.

ڪبوتر جا پير ڳاڙها ٿيندا آهن. شاعر ان جي علت بيان ڪندي چوي ٿو ته ڪبوتر جڏهن خط کڻي رواني ٿيڻ تي هو ته مان سندس پيرن تي رت روئندڙ اکين کي ايتري قدر مليو جو سندس پير خون آلود ٿي پيا ته جيئن معشوق کي منهنجي سچي سڪ جو ڪو سماءُ پوي.

شاه صاحب جي سامهون فقط سنڌ آهي. ايراني شاعري جي ورجيس کان گهٽي حد تائين بچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تنهن ڪري هو قاصد يا پيغام پهچائيندڙ ڪبوتر جي جاءِ تي

Gul Hayat Institute

ڪانگ کي قاصد ڪندي نج سنڌي رواج جو پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

ڪري ڪانگ ڪرنشون پرين پرين پڇيج،
آءٌ جو ڏيئين سنيهو، وچ ۾ وساريج،
للهه لڳ لطيف چئي، ڪجهه ڳالهائيج،
ڇمان تيئن ڇنئيج، ته ڪنياتا خوش هئين.

پرين پڇڻ فقط سنڌ جو ئي رواج آهي. ڪانگ کي نياپو ڏيندي هيئن چوڻ ته پرينءَ کي پرين پڇي پوءِ پيغام ڏجا سنڌي زبان جو هڪ ايڏو بلند تخيل آهي جنهن کي ٻي ڪنهن به زبان ۾ هرگز ادا ڪري نٿو سگهجي. ايراني شاعر ڪبوتر جي پيرن تي خون آلود ڪوڙها ڳاڙي پنهنجي پرينءَ جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو پر شاه صاحب فرمائي ٿو ته:

ڪڏي ڪانگا تو ڏيانءِ، هنيون ساڻ هٿن،
وڃي ڪاه ولايت ۾، اکيان عجيبن،
پرين مانَ پڇن، ته هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي.

Gul Hayat Institute

محبوب جي متوجه ڪرڻ لاءِ پنهنجو هنيون ڪانگ کي ڪڏي ڏيئي ته معشوق جي ملڪ ۾ وڃي سندس سامهون ڪُٺي ته من پڇا ڪن ته هي ڪير قربان ٿيو آهي جنهن جو هنيون ڪانگ جو کاڄ ٿي رهيو آهي. ايڏو بلند تصور شايد ڪنهن

شاعر پيش ڪيو هجي. شاهه صاحب هن خيال ۾ اهڙي ايڏو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي جو اتي سيڪنهن سخن ڪوءِ سگهڙ جو پهچڻ بي حد مشڪل آهي. ڪانگ جو قاصد بڻجڻ واري حالت ۾ ٻه حالتون آهن. (١) هر پرين جو پارانهون يا پيغام آڻي ۽ سندن وصال جي ڪا واڌي اچي واري:

ڪي جو زاغ زبان سين لنئيو مٺي لام،
پهچايائين پرين جا، سرتيون رات سلام.

(٢) ڪانگ پرينءَ ڏي پيغام يا ڪو خط کڻي وڃي ڪيس پهچائي:

اڏر لڳس الله، وڃلو ڪرم وچ ۾،
آءٌ جو ڏيانءِ سنيهو، ساڻيان برابر ساهه،
سندي ڳجهاندر ڳاهه، ڪهج م قريبن ريءَ.

ڪڏهن ڪانگ کي خط ڏيئي، محبوبن ڏانهن موڪلڻ لاءِ چوي ٿو:

ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب کي،
لالن لايئي ڏينهڙا، ڪنهن سنائي سانگ،
اوهان ري اڙانگ، ويئي وره وسائيان.

هت ڪانگ جي معنيٰ خط آهي جنهن کي شاهه صاحب ٻئي شعر ۾ ڪتابت ۽ خط جي لفظ سان به آندو آهي. ڪانگ مان

Gul Hayat Institute

مراد ڇا آهي ۽ ڪنهن ڏانهن قاصد ڪري موڪلي ٿو؟ ڪانگ ڪهڙي قسم جو هجي جنهن بابت فرمائي ٿو ته:

زاغ تنهنجي ذات جو ٿورو مٿي مون.

هيئن به فرمائي ٿو ته:

قريبن جو ڪانگڙو، مٿي لار تلي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوست جو.

هن ۾ دوستن جي محرم راز عارف ڏانهن اشارا ڪيل آهن پر جيڪڏهن اهي وصفون قاصد يا وچ واري ۾ نه آهن پر ڪانءَ جون جيڪي مشهور بريون عادتون هجن ته ان بابت فرمائي ٿو ته:

سو ڪانگ نه قاصد ڪر، جو سدا ڏوونڌ ڏري،
ڪه ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪي ويندو دوست در،
جنهن جي پوليائي پر پر، سو نياپا نيئي رهيو!

جنهن ڪي صوفيءَ جو سينو نه آهي فقط مائهن جي ڏيکاءَ لاءِ ٺوڪي آهي ۽ دنيا جي ڏوونڌ تي ڏريو پيو آهي تنهن کي قاصد يا سونهون نه بنايو وڃي ڇو ته هو پنهنجين نفساني گهرجن جي پورت ڪندو يا رهبر بڻجي راه ڏيکاريندو.

هنههن:

سنڌ جو هڪ پکي آهي جنهن کي فارسي ۾ مرغ سليمان ۽ سنڌيءَ ۾ ڪاٺ ڪٽو، چنبول چوندا آهن.

Gul Hayat Institute

طالع طاؤسن جا پسيو زاغ جلندا،
هدهد پسيو هنجڙا، ويٺائي وهسندا.

ڪانگ جي بدخصلتن جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته طاؤس يعني مور جو بخت ڏسي ڪانگ پيو جلندو پر هنج پکي هدهد کي ڏسيو پيو خوش ٿيندو.

هدهد يا چنبول پکي چٽ ڪمرو ٿيندو آهي سندس ڪنپ ۽ پر زرديءَ تي مائل ٿيندا آهن. مٿي تي هڪ ڳاڙهو موڙ يا چوٽي ٿيندي اٿس جنهن کي پيو کوليندو ۽ بند ڪندو آهي. حڪمت جي ڪتابن ۾ آيل آهي ته هدهد جا ڪنپ پٽ جي اڳڙيءَ ۾ ٻڌي دشمن کان بچاءَ واري ارادي سان زمين ۾ پوربا ته ماڻهو دشمن جي شر کان امن ۾ رهندو.

## ڪوئل

ڪوئل قد ۾ ڪانگ جيڏو ڪاري رنگ جو پکي آهي، آواز ڏاڍو مٺو ۽ دردناڪ ٿئيس ٿو. سنسڪرت ۽ هندي شاعري ۾ معشوق جي آواز کي ڪوئل جي ٻول سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. هي پکي سمنڊ يا برساتي هندن تي رهندو آهي. شاه صاحب هن جو بيان سسئي واري سفر ۾ آڻيندي فرمائي ٿو:

رڃن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوئل جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، اِي تان آهي عشق جي.

ڪوٽل ڪراچيءَ جي باغن ۾ بہ جام ٿئي ٿي. سسئي جو پنڌ بہ ڪراچيءَ کان ٻري سمنڊ جي ڪناري سان هليو وڃي ٿو جتي ڪوٽل جو ٻڙلاءَ پوندو رهندو آهي.

## فصل پنجون

## سنڌ جا ڪي ٻيا جانور

### ڪتو:

سنڌ جي جانورن مان سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ ڪتي جي ڏاڍي گهرج ۽ ضرورت آهي. ڪتو مال جي سنڀال ڪري، کيتيءَ جو رکوالو ٿئي، گهر ٻار جي نگهباني ڪري، ٻهراڙيءَ جو هاري يا مالدار ياڪيو ماڻهو ڪتي کانسواءِ رهي نہ سگهي. ڪتي ۾ ڪي خصلتون آهن. هو مالڪ سڃاڻي، مالڪ جو دوست سڃاڻي، دشمن کي ٻري کان تڏي جهلي بيهي. مجال جو ڪو ڌاريو ماڻهو هن جي مالڪ جي ٻنيءَ تي پير بہ ڌري سگهي. شاهہ صاحب سر معذوري ۾ ڪتي جو بيان شاعرانہ انداز ۾ آندو آهي. ڪيچ جا ڪتا جيڪڏهن سسئي کي ٻوليون ڪري ڪاٽي وڃن تہ اها بہ هن جي پهچ ۽ ڪاميابي آهي.

ٻانهن تي ٻوليون، تہ ڪتا کيننئي ڪيچ جا.

ڪيچ جا ڪتا ٻه ڪتا ڪهڙا؟ ان جي جواب ۾ فرمائي ٿو:

ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
اکهيئن هوند اسونهن، جي جانارن ياد پئين.

ڪتو ڀونڪندو آهي يعني واڪو ڪري آواز ڪندو ڪرندو به آهي يعني هري هري آواز ڪيندو آهي. ڏاڙهن لاءِ کهڏي ـ لڏي گهور ڪري به ايندو آهي. ڪتي جي انهن سڀني لازمي وصفن کي هيٺين شعر ۾ آڻي ٿو:

جاڪاپس * جنبور، ڪتي قريبن جي،
ڀهي ڀؤنڪي اٿيو، کهڏي منجهان کهور،
سپ لاهيندو سور، ڪري هن غريب تان.

ڪتو ته مالڪ جا دوست به سڃاڻندو آهي پر ڌاريان واڳهڙو تي ڀونڪي ايندو آهي، جڏهن ڏسندو آهي ته هي ته پنهنجا آهن ته پوءِ ڪڇي بس ڪندو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪتو جني قريب جا، آهيون ساڏ سهي،
ڌريـن بات بهي، ڀڇون پوءِ ڀانڏين کي.

---

* جنبور ـ زنبور فارسي لفظ آهي. معني ڏينيو. تکي ويڙهو ڪتي کي جنبور سڏيندا آهن.

ڪتو هڪ طرف ڏاڍو وفادار جانور آهي پر ان سان گڏ هو ڍوند جو طالب به آهي.

ڪتو طالب ڍولـيـ جـو، اسين ڪتي ڪيڙ،
ڇهتي آيــو ڇيڙ، ڪاراڀل جــي ڪن ۾.

هتي ڪتي کـي ڪارابل يا ڪاراڻي يعني مور سڏيـو ويو آهي. اڳ سنڌ ۾ دستور هونـدو هو ته پيار کان هوشيار ڪتن کي مور ۽ موتيڙو سڏيندا هئا.

سگهان سينداريـا، ٻچيا تـــي ٻهــن،
ڦريا نــه فرمان کان، ملهه نــه مــوتيڙن،
ڪونهي ڏوه ڪتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين ٿا.

هن شعر ۾ ڪتن کي موتيڙو سڏيـو ويـو آهـي. سينداڙن- سيڻي ڏيڻ، سڏ ڏيڻ. ڪتو ڪنهن کي ٻچاڻو هوندو ته هن کي سيند ڏيئي هوشيار ڪري پوءِ ٻچائبو آهي. ڏاڪارڻ- ٻچ ڪرڻ. هنن ٽورن شعرن ۾ سنڌي زبان جون اهـيَ سموريـون ورجيسون شاعر آلي گڏ ڪيون آهن جيڪي ڪتي سان لاڳاپـو آهن. ان مان شاه صاحب جي سنڌي زبان تـي حـاوي هجڻ جو پـورو پتو پئي سگهي ٿو.

هت ڪتو ڇا آهي؟ ۽ قربن جي ڪتي سان مراد ڪهڙي آهي؟ ان جو تفصيل هيٺين شعرن مان پروڙي سگهجي ٿو:

ڏکا ڏونگر جا مرون، مر ٿا مون تي ڪن،
هوندا ڪين پريٺ ني، جنهن جا سڌر ٿا سڄن،
سگهائي جي سيد چئي، آهي سڌ سڄن،
هوند نه هت لڳن، پر قرابت ڪم ڪيو.

ڏکا - حملا. پريٺ - ڏوهياڙي. سڌر - سگهارا، طاقت وارا.
مطلب ته ڪتا يا ڏونگر جا مرون آهن سور سختيون جي محبوبن يارن عاشقن ڏانهن مهماني طور ايندا آهن پر اهي اپڙي نه سگهندا آهن جڏهن عاشق جي طلب سچي هوندي ۽ گهاڻاپو نيڪ معشوق سان گنڍيل هوندو آهي، ان حالت ۾ محبوب جي يادگيري ۽ ميلاپ جو خيال تڪليفن کي اپڙڻ ئي نه ڏيندو آهي. بلڪ عاشق ته انهن تڪليفن کي چمي سرچائيندا آهن. فارسيءَ جو هڪ شاعر فرمائي ٿو:

پائي سگ بوسيد مجنون خلق گفته اين چه سود،
گفت مجنون گاه که در ڪوئي ليلي رفته است.

شاه صاحب فرمائي ٿو:

ڪتو اچي جي ڪانهُ، پريان سندي پار جو،
انهيءَ مٿي آنهُ، ڪوڙين قرباني ٿيان.

## جهنگلي جانور:

ڪتو ته هڪ پالتو ۽ گهريلو جانور آهي پر ان کان سواءِ

ٻين جھنگلي جانورن جو بہ شاه صاحب جي رسالي ۾ ذڪر اچي ٿو.

**هرڻ:**

هي هڪ مشهور جھنگلي جانور ٻڪريءَ جيڏو قد ۾ ۽ لاسرات ميري ڪاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. سنڌ جي خشڪ ۽ ٻهاڙي حصن ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو. ٻوڙ جو تمام تکو ٿيندو آهي جنهن ڪري هن جي شڪار ڪرڻ ۾ ڏاڍا ڏاکڙا ڪرڻا پوندا آهن. انهيءَ جانور کي هندي ۾ مرگهہ بہ چوندا آهن. هن جون اکيون ڏاڍيون سهڻيون ٿينديون آهن جن سان معشوقن جي اکين کي هندي ۽ فارسي شاعريءَ ۾ تشبيہ ڏني ويندي آهي. شاه صاحب انهيءَ جانور جو سر ديسي ۾ نالو آندو آهي ۽ سر سارنگ ۾ مرگهہ جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

**روجهہ:**

هڪ مشهور ٻهاڙي جانور آهي جنهن کي جابلو ڳئون بہ چوندا آهن. شاه صاحب ان کي روجهڙي تصغير سان بہ ڪم آندو آهي. هنديءَ ۾ نيل گاءِ ۽ جھنگلي بيل سڏيندا اٿس. ڏاڍو متارو، رنگ جو ڪارو پورو ۽ ڪاڙهو ٿيندو آهي. هن جا سنگ ساڙي ڪشتو بنائي طبيب ڪم آڻيندا آهن. اڳ ڪراچي ضلع جي جھنگلن ۽ ٻهاڙي حصن ۾ اهو جانور ٿيندو هو ۽ هاڻي بہ بلوچستان جي ٻهاڙن ۾ ملي ٿو. شاه صاحب سسئيءَ بابت فرمائي ٿو:

Gul Hayat Institute

روجهہ ڏنائين رات، هوت ڪُوليندي حب ۾.

**سرو:**

هرڻ يا ڦاڙهي جي شڪل جو جهنگلي جانور آهي هن جا سڱ تمام وڏا ٿيندا آهن، جبلن جي جهنگ ۾ رهي ٿو. کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي ٿئي ٿو. هن جانور جو پتو ڪيترين ڏي بيمارين ۾ ڪم اچي ٿو.

سره ڳڏيئي سسئي، سوڙهي منجهہ سهي.

**شينهن:**

شاه صاحب جي رسالي ۾ هن مشهور ڦاڙيندڙ جانور جون ڪي خصلتون بيان ڪيل آهن. هن جي قد بت بابت فرمايل آهي:

موڪري تري، چوڙي نري، چوڙو ڪهر پاڻ.

هن جي ڳجگوڙ به ٻين جانورن ۾ گيور يا هيبت وجهي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن ٻيا جهنگلي سيارڙا يا جانار ڳڏجي ڳدڙ وانگي اوناهون ڪن ته:

ڪهر ڪن نه اڊڪي، ٻاء نه ٻڇي تن.

شينهن وڏڙه وقت پورن پيرن تي بيهي وڙهندو آهي ۽ جڏهن جهيڙو نه هوندو ته هو آرام سان پيو هوندو.

ڪلي وير قرار، ري ڪلهي ڪهرو.

Gul Hayat Institute

ڪلي ـ جنگ، جهيڙو. ڪهرو ـ مانيٽو، غريب. شاه صاحب شينهن جو نالو رسالي ۾ سينهن (س) سان آندو آهي جو اصل سنسڪرت ۾ بہ سين سان اهو لفظ ڪم آيل آهي ان ڪانسواءِ هنديءَ ۾ شينهن کي ڪيسري، ڪيهر، واگهہ بہ چوندا آهن جي ٻئي لفظ رسالي ۾ ڪم آيل آهن. ڪيسر سنڌيءَ ۾ بدلائي ڪهر ۽ واگهہ کي واگهہ بہ چون، جي ٻئي لفظ شاه صاحب ڪم آڻي ٿو. شاه صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي ٻيلن ۾ شينهن عام جام هوندا هئا. ان وقت جن نالن سان هن کي سڏيو ويندو هو سي سندس ڪلام ۾ آيل آهن.

## گدڙ:

هي مشهور جهنگلي جانور شاه صاحب جي ڪلام ۾ جنبو جي نالي سان آيل آهي. لاڙ جي علائقي ۾ گدڙ کي جنبو سڏين. هي ڏاڍو ڏاهو جانور ٿيندو آهي. ٻنهنجي مطلب لاءِ گهٽائي ڪيڏ ڪيڏندو آهي، گس گساءِ جو بہ استاد آهي. سنسڪرت جي علم و ادب ۾ هن جانور کي وڏي اهميت آهي. هندي حڪيمن ڪليلہ دمنہ ڪتاب ۾ عقلمنديءَ جون جيڪي آکاڻيون لکيون آهن تن ۾ گدڙ جي گوهين ۽ ڏاهپ جو گهڻو اپٽار ڪيل آهي. ڪليلہ دمنہ جو ترجمو انوار سهيلي فارسي ۾ ١٠ صدي هجري ۾ ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ سنڌيءَ ۾ هن ڪتاب جو ترجمو ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

## هاٿي.

هي مشهور جهنگلي جانور آهي جو امير ماڻهو هن کي پالي سواريءَ ۾ ڪم آڻيندا هئا ۽ اڳ ته ميدان جنگ ۾ هي جانور ڪٽڪن ني ڪاهي گهاهي ماري ڇڏيندو هو. چوندا آهن ته "اندو هاٿي لشڪر جو زيان". سنڌ ۾ هاٿي ڪونه ٿين پر شاه صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي حاڪمن وٽ هاٿين جا ٿلا هوندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن امير ماڻهو هاٿيءَ ۽ شينهن جي ويڙهه به ڪرائيندا هئا. مغلن جي راڄ ۾ ته ان جو گهڻو رواج هو. شاه صاحب ان حقيقت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو ته:

اي ڪيسر جو ڪم، جنهن هاٿي کي هٿ هڻي،
نهوڙي ناپ سين، دمائينس نه دم،
ڪلي وير قدم، ڪوڙي پر ڪٽي نهين.

ڪيسر - شينهن. ناپ - ذات، چنبا. دمائڻ - بند ڪرڻ، ساه کڻڻ جي مهلت نه ڏيڻ. نهين - هندوستاني اکر آهي معنيٰ نه.

## ڏانگ -

سنڌ ۾ ڏانگ بلائون به بيشمار ٿين، خاص ڪري ٿرپارڪر ضلع ته سپن سان ڀريو پيو آهي. شاه صاحب جيئن سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي هڪ هڪ وٿ کي ڏسندي ان مان حڪيمانه

Gul Hayat Institute

معنائون وڏيون ڪيئون آهن تيئن سنڌ جي نانگن جو بہ بيان ڪيو اٿس. نانگ ۽ مور پکي جو پاڻ ۾ ڏاڍو وير آهي. مور جتي بہ نانگ کي ڏسندو تہ اتي ان کي ماري کائي کهائي ڇڏيندو آهي. شاہ صاحب انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ڪاڻي، ڪارايل پاڻ ۾، متي در ڏڙين،
نيو نانگ نہ ڏهن، موران مولن مٺو

ڪاڻي- نانگ جو هڪ قسم. در ڏڙڻ- وڙهڻ. نيو يا نوڻي- نوڙت. نانگ جي قسم مان واسينگ بہ آهي جو تمام وڏو ۽ زهريلو ٿئي ٿو. ايڏا خوفناڪ ٿين جو:

جنهين جي جهڙپ هاٿي، هنڌان نہ چُري.
ڪارا نانگ بہ سخت ڊپائتا ٿيندا آهن:

جنجي واڇنئا وہ وَهي، سي ڪارا ڪارونڀار،
ڪڇيا تان ڪڍيا، وڙهندي ڪن نہ وار،
جن جا اهڙا پار، سي ڳئون ڪن ڳاروڙين کي.

ڪارونڀار- هيبتناڪ ڪارا. ڪڇيا- ڏهيا. ڳئون- ڳسم. ڳاروڙي- نانگ ڦاسائيندڙ جوڳي.
واسينگ يا ڪاريهر جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

آسڻ جن آريج، تن جي وہ جو ورن ڀيو،
تنجو ڪنڊوڻي ڪم ڪري، جي مٿن ڀير ڀيو،

پـريائـي آهـي پـڌرو، تـن نـانگن جـو نهو،
ڪلي ويل ڪهو، جو سامهون ٽئي سهن ڪـي.

آـڻ - هنڌ، ماڳ. اريج - سڪل زمين جتي ريج يا پاڻـي نہ هجي. آرهٔ - ورن، رنگ. نهو - ذات يا سنگت. ڪلي - جهيڙو.

هـن بيت ۾ شاه صاحب ڪاري نانگ جـون چار نراليون وصفون ڄاڻايون آهن:

(١) ارهٔ جي نانگ جي وه جو رنگ ٻي نرالـو ٿيندو آهـي عام نانگ کان اريج واري نانگ جو زهر علحده آهي، چونـدا آهن تہ پاڻيءَ واري نانگ جو زهر هلڪو ۽ بي اثرائتو ٿيندو آهي پر اريجي نانگ جو وه ڏاڍو تکو ۽ جهٽ پٽ اثر ڪندڙ هوندو آهي. شاه صاحب انهيءَ فرق ڏانهن پهرين مصرع ۾ اشارو ڪيو آهي. ان قسم جا نانگ گهڻو ڪري ٿر علائقي ۾ ٿيندا آهـن.

(٢) سنڌ جي پهاڙيءَ وارن ۽ خاص طرح ٿري ماڻهن کي سڌ آهي تہ ڪو زهريلو نانگ مري بہ ويندو آهي تہ سندس ماس سڙي ڳري ناس ٿي رهندو تہ ان جـي فقط ڪنڊي تـي ڪنهن ماڻهوءَ جو پير پئجي ويو تہ سڪل ڪنڊو بہ زهريلو اثـر ڪندو آهي ۽ اهو زهر ماڻهوءَ تي هڪدم چڙهي ويندو آهي.

(٣) ٽيئن مصرع ۾ ڄاڻايل آهي تہ نانگن جي واسينگ ذات جو پاڻ ۾ نيهو يا لاڳاپو رهندو آهـي. سنڌ جـي عام ماڻهن جو

Gul Hayat Institute

خيال آهي ته جيڪڏهن ڪاريهر نانگ جي قسم مان نر کي ماريو ويندو ته مادي ان جو وير وٺندي آهي ، ماديءَ کي ماربو آهي ته نَر وير وٺندو آهي . انهيءَ ڊپ وچان ڪيترا ماڻهو انهيءَ قسم جي نانگن کي ماريندائي نه آهن . اسلام کان اڳ عربن ۾ به اهو وهم ويٺل هو ، هو به ڪاري نانگ جو نالو ڏيئي نه وٺندا هئا تـه متان وير پٺيءَ نقصان پهچائي . مگر اسلام جي ظاهـر ٿيڻ کانپوءِ حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم ماڻهن کي اهـڙي وهـم ڪرڻ کان منع فـرمائـي . جناب عبدالله بـن عباس (حضرت رسول الله جي سوٽ) کان روايت آهي ته هو سيڪنهن قسم جي نانگ مارڻ جو حڪم ڪندو هو ۽ فرمائيندو هو ته جيڪو نانگ جي وير وٺڻ واري خيال کان ان کي ڇڏي ڏئـي تـو سو اسان (مسلمانن) مان نه آهي .

(۴) واسينگ نانگ وڙهندو نه آهي، پـر جيڪڏهـن ويـڙهه لاءِ ميدان ۾ آيو تـــه پـوءِ هـن جـو مقابلو بـه ڪي مڙس ڪري سگهندا .

سنڌ وارن جو خيال آهي ته واسينگ يا ڪاريهر نانگ اصيل ۽ اشراف نانگ آهي . هو اڳرائي ڪري ڪنهن کي نه سنگهندو آهي پر هن سان ڪو ڇيڙ يا حرڪت ڪندو ته پوءِ منهن ڏيندو آهي . شاه صاحب ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته :

Gul Hayat Institute

ڀرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڇر ڪيل ڇيڙ ڪري،
جــــي هٿـي ڏيسائيو تــــہ ويجهو تان نــــہ وري،
جيڪي اُپ مــري، جيڪي سڪي صحت ڪــي.

يعني تہ ڪاري اصيل نانگ جو ڪکيل ويندو تـہ ٽڏي تـي مري، پـر جيڪڏهن ڇڙهـي پيو تـہ سدائين رلـج ڪنج ۾ پيو رهندو. ٿـر جي ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي تہ ڪيترا اهـڙا ماڻهو بہ ڏٺا ويا آهن جن کي بلا ڪاڏي چار پنج سال گذري ويندا آهن پر جنهن ڏينهن گرمي جي مند ۾ ڪهـُـٽ ٿئي ۽ واءُ نہ لـڳي تـہ انهيءَ ڏينهن نانگ ڪاڏل ماڻهوءَ جي مٿي ۾ سور ٿيندو ۽ لـڱن ۾ ڪاموڙ ٿي پوندي، جڏهن هوا ڪلندي تڏهن انهي ماڻهوءَ کـي سڪ ۽ سرت حاصـل ٿيندي. شاه صـاحب جو هنن تمثيلن مان مطلب ڪو ٻيو آهي پـر ظاهـر ۾ سندس معلومات ۽ سنڌ جــي هرهڪ شيءِ جي ٻروڙ ۽ پتو ڪيڻ ۾ هن عارف بـزرگ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي جنهن جو مثال ٻئي ڪنهن بـہ سنڌي شاعر جي ڪلام ۾ نٿو ڳولي سگهجي.

Gul Hayat Institute

—

# فصل ڇهون

## شاه جو ڪلام ڪيئن گڏ ڪيو ويو؟

مير عبدالحسين سانگي پنهنجي وقت ۾ شاه جي ڪلام جو هڪ وڏو ڄاڻو هو ۽ هن جون پيڙهن فقيرن ۽ شاه جي جهونن مريدن سان ملاقاتيون ٿينديون رهنديون هيون. شاه صاحب جي ڪلام سان هن کي هڪ قسم جو عشق هو. مير صاحب مرحوم لکي ٿو ته شاه صاحب پاڻ لکي پڙهي ڪونه ڄاڻندو هو، هو شعر چوندو ويندو هو ۽ فقير اهو لکندا ۽ بي ترتيب جمع ڪندا ويندا هئا. ڪي فقير وري ان کي ياد ڪري ويندا هئا. ان ريت شاه جو ڪلام هڪ طرف ڪيترن ماڻهن کي ڪنٺ ٿيل هو ته ٻئي طرف دفترن جا دفتر لکجي گڏ ٿي رهيا هئا.

جون ٿا ته شاه صاحب پنهنجي لاڏاڻي جي تياري ڪان ٿورا ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي ڪلام جا ڪيترا دفتر ڪٺي وجهي ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي تلف ڪري ڇڏيا، جنهن تي فقيرن کي ڏاڍو ڏک پهتو ۽ شاه صاحب کان ائين ڪرڻ جو ڪارڻ به پڇيائون، جنهن تي پاڻ فرمايائون ته منهنجو ڪلام آهي ڳوڙهو ۽ باريڪ، مون کان پوءِ ان کي سمجهڻ وارا ڪي ٿورڙا ماڻهو ملندا، دل نٿي گهري ته منهنجي ڪلام کي ڏسي ڪي ماڻهو

منهنجي شڪايت ڪن، پوءِ ڏوهاري بنجي الله تعاليٰ جي ڏوراپي هيٺ اچن، جنهن ڪري اهڙو ڏکيو ڪلام غرق ٿيل بهتر آهي.

انهن دفترن ٻڏڻ کان پوءِ جن فقيرن کي شاهه صاحب جو ڪلام ڪنٺ ٿيل هو تن کي گڏ ڪري هنن جي يادگيريءَ موجب لکارايو ويو ۽ انهيءَ گڏ ٿيل ڪلام جي مجموعي کي ”گنج“ سڏيندا آهن جو اڃا تائين پٽ تي موجود آهي. ان کان سواءِ ڪجهه ڪلام ڪن فقيرن وٽ لکيل به هو جو اهو به گنج ۾ داخل ڪيو ويو. پهريان اهو گنج حاجي تمر فقير جي حوالي هو، جنهن بابت شاهه صاحب جو ارشاد آهي. ان کان پوءِ ان جي وارثن ۾ هلندو اچي ٿو. ان گنج جا ڪيترا نقل به ورتا ويا آهن اگرچه ان ۾ ڪلام گهڻي حد تائين بي ترتيبو آهي پر غور ڪيو ويندو ته گهڻي حد تائين رسالي جي بمبئي ڇاپي جهڙو وڃي بيهندو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي هتن سان شاهه صاحب پاران پنهنجي ڪلام کي ٻوڙڻ جو صفا انڪار ڪندي لکي ٿو ته: ”اها ڳالهه بنهه اعتبار جوڳي نه آهي ته ڪو شاعر پنهنجو ڪلام ناحق ويهي ضايع ڪندو، ڄڻ ته انسان پنهنجي اولاد جي پرورش ۽ پرگهور خاطر ڪيتري نه دقت ۽ هلاڪي ڪري ٿو انهيءَ لاءِ ته سندس وفات کان پوءِ سندس در ڪايل رهي، ته پوءِ شاعر

ڪيئن چاهيندو تہ پنهنجا روحاني دادلا يعني شاعرانہ خيال، جي هن رڳن جو رت ڏيئي اپايا آهن تن جو پنهنجن هٿن سان گهات ڪري" (مقدمه لطيفي). ان ڪان پوءِ ان تي وڌيڪ دليل ڏيندي تفصيل سان بحث ڪيو اٿس، جنهن مان سندس مقصد آهي تہ هڪ ولي ڪامل ۽ عالم فاضل جڏهن شعر چوي ٿو تہ هو گويا سندس زندگيءَ جو ثمر ۽ آخرت جو ثمر آهي تنهنڪري پنهنجي توشہ يا ثمر کي ڪيئن ضايع ڪري سگهجي ٿو سو بہ پنهنجن هٿن سان. هوڏانهن حقيقت هن ريت آهي تہ وڏن ماڻهن جي زندگيءَ جو مقصد شاعري نہ هوندو آهي، شاعري جي ذريعي هو پنهنجن ارادن ۽ خيالن کي ڪنهن وقت ڪري ظاهر ڪندا آهن، پر اها شيءِ سندن پيشو يا ڌنڌو نہ هوندي آهي جنهن کي زندگيءَ جو اصلي مقصد مقرر ڪيو وڃي يا ان جي وسيلي روزي ڪمائي ڪائجي يا نانءُ نمود حاصل ڪجي. هن پوئين قسم جي شاعرن لاءِ جيڪڏهن ائين چئجي جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي راءِ ظاهر ڪري چڪو آهي تہ پوءِ هڪ حد تائين ٺيڪ آهي ۽ هنن جي زندگي سان اها ڳالهہ ٺهڪي بہ اچي ٿي، پر شاه صاحب ۽ ٻين سندس درجي وارن عارفن بابت جيڪڏهن هي راءِ ظاهر ڪئي وڃي تہ:

"شاعري دون مرتبه اوست"

جيئن دولت شاه سمرقندي جي تذڪره مان ڊاڪٽر صاحب

نقل ڪيو آهي ته اها ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي. يعني ته اهڙن ماڻهن جي مان ڪان شاعري هيٺئين درجي جي شيءِ آهي.

پنهنجي ڪلام کي پاڻ ضايع ڪرڻ جي واقعي کي ڊاڪٽر صاحب سمجهي ٿو ته متين موڙهيل ڪنڌين ڳوڙهيل ماڻهن جي ويساه وڌائڻ لاءِ چيون ويون آهن، پر آءٌ هيٺ هڪ وڏي شاعر مير علي شير قانع ٺٽوي جو مثال پيش ڪريان ٿو جنهن پنهنجي ڪلام ناس ڪرڻ جو پاڻ اقرار ڪيو آهي هو صاحب لکي ٿو ته:

”ديوانه قريب هشتاد هزار بيت از هرقسم تدوين نموده که بالآخر بسبب موانع چندے آنرا داخل آب ساخته“. (مقالات الشعراء قلمي.)

يعني ته هڪ ديوان جنهن ۾ اسي هزار هر نموني جا بيت هئا، تيار ٿيو جنهن کي ڪن رنڊڪن سبب دريا داخل ڪيو ويو. علامه مخدوم محمد معين ٺٽوي جو شاه صاحب جو گهاٽو دوست ۽ هڪ وڏو صوفي عالم هو تنهن جي حياتيءَ جو احوال لکندي مير قانع لکي ٿو ته:

”هر چند نسبت به ڪمالات شان شاعري دون رتبه اوست اما استجماع فنون ڪمال وهم براقتضائي مقام چند شعر طبع گرامي ثبت گشت.“ (مقالات)

Gul Hayat Institute

جي ڪلام کي موسيقي جي سرن موجب ورهائي، جدا جدا داستان رٿيا ۽ داستانن تي سندن مضمون پٽاندر راڳڻين جا ٽالا ڏنا ۽ جن کي پويان فقير، علم موسيقي جي سرن موجب جدا جدا آوازن ۾ آلاپيندا رهن ٿا. رسالي ۾ جو هندي يا فارسي شعر داخل ٿي ويا آهن سي به انهن دهلوي گوين جي معرفت، رسالي جي ترتيب ڏيڻ وقت درج ٿيل آهن. هندي شعر يا ٻين سنڌي سگهڙن جا ڏوهيڙا جيترا به رسالي ۾ آيل آهن سي شاه صاحب جي خدمت ۾ فقير ڳائيندا هئا ۽ پاڻ ٻڌندا هئا، جنهن ڪري انهن کي به ڪٿي رسالي ۾ داخل ڪيو اٿن. اهو سڀڪجهه شاه صاحب جي وفات کان پوءِ ٿيو آهي يا حياتيءَ جي پوئين زماني ۾. ان بابت ٺيڪ ڳالهه هيءَ معلوم ٿئي ٿي ته سندس وفات کان پوءِ هالوڪي صورت وارو رسالو جمع ٿيو. سندن حياتيءَ ۾ ڪجهه شعر ناحق ناس ٿي ويا، ڪجهه ڪن فقيرن وٽ لکيل هئا ۽ گهڻو وري گهڻن فقيرن کي ياد هو جنهن کي گڏي هالوڪو مجموعو ٺاهيو ويو.

Gul Hayat Institute

ٻي هڪ روايت آهي ته تمر فقير واري نسخه تان سرن جي ترتيب موجب ٻه نسخا تيار ڪرايا ويا جن ۾ هڪ ڀٽ تي رهيو ۽ ٻيو درگاهه ڪريمي تي رکيو ويو. درگاهه ڪريمي واري اصلي نسخي تان ١١٩٦هه مطابق ١٧٨٠ع جي ٻيو نسخو لکارايو ويو جو اڄ تائين موجود آهي. گويا اهو نسخو شاه صاحب جي

وفات کان ٣١ سال پوءِ تيار ڪرايو ويو، جو، ڪو گهڻو ڏکو زمانو شاهه صاحب جي وفات کي ڪونه گذريو هو ۽ ان وقت شاهه صاحب جا ملاقاتي ڪيترائي هن جهان ۾ موجود هئا. درگاهه لطيفي وارو نسخو ۽ درگاهه ڪريمي وارو نسخو اهي ٻئي نسخا مان پاڻ اکين سان ڏٺا آهن جن جو بمبئي وارن نسخن کان ٿورو تفاوت آهي. شاهه صاحب جا صحبتي يا سنگتي فقير ديندار يا نيڪوڪار هئا، جن رسالي جي ترتيب ۽ تجويز انهيءَ زماني جي ڪتابن وانگي ڪئي، يعني ته پهريان الله تعاليٰ جي حمد ۽ پيغمبر خدا جي ثنا وارا شعر آندا اٿن ۽ ان کان پوءِ صوفيانه وحدت ڪثرت جو بيان آهي. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ جي علم موسيقي ۾ برڪت ۽ نيڪي وارا سر آهن تن کي منڍ ۾ رکي پوءِ رسالي ۾ ٻيا سر آندا اٿن. رسالي جو پهريون بيت آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سون، قائم آهي قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهيان سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

Gul Hayat Institute

هوڏانهن حقيقت ۾ رسالي جو پهريون شعر آهي مثنوي مولانا رومي جي پهرئين شعر جو ترجمو يعني:

بشنو از نے چون حکایت میکند،
از جدائیها شکایت میکند.

شاه صاحب پنهنجي انداز ۾ هيٺين ريت ان جو ترجمو ڪيو آهي:

ويهل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن پڻ پنهنجا سارئيا، هو هنجون هڏن لئي هاري.

هونئن ته مثنوي جي سڏي سنئين معنيٰ هن ريت آهي ته: نڙ جي ڪاني کي ٻڌا! جو ڳالهه ڪري ٿو، پنهنجي جدائي جي دانهن ڪري ٿو پر شاه صاحب نڙ کي ويهل سڏي ڳالهه جي لفظ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ وايون ڪري ادا ڪيو آهي. نڙ پنهنجي اصل کان جدا ٿيڻ جي دانهن ڪرڻ جي مفهوم کي شاه صاحب هن پڻ پنهنجا سارئيا جي عبارت ۾ آلي ٿو. نڙ جي شڪايت يا حڪايت سان سسئي جي سوز گداز کي تشبيه ڏيندي هڪ مختصر شعر ۾ هڪ وڏي معنيٰ کي لڪايو ويو آهي جنهن جو تفصيل شاه صاحب جي شاعري واري فصل ۾ شاه صاحب جي رسالي جي گنج جي صورت ۾ گڏ ٿيڻ کان پوءِ هن جا جدا جدا ڇاپا پڌرا ٿيندا رهيا.

## رسالي جا جدا جدا نسخا:

سڀ کان پهريان شاه جي رسالي جو هڪ نسخو ڊاڪٽر

Gul Hayat Institute

ارنسٽ ٽرمپ صاحب ١٨٦٦ع ۾ جرمني جي پسيا شهر ۾ ڇپارايو. ٽرمپ صاحب دنيا جي مختلف ٻولين جو ڄاڻو ۽ عالم هو. هن سنڌي زبان سکي هن ۾ وڏي پهچ حاصل ڪئي. سنڌيءَ جي واڌاري واري ارادي سان هن شاه صاحب جي رسالي کي اونده مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيو. ٽرمپ صاحب لکي ٿو ته ڪيس ٻه جهونا قلمي رسالا هٿ آيا جن کي هڪ هوشيار پڙهيل سنڌي عالم پيٽي سنڌس لاه هڪ ڪاپي تيار ڪئي. رسالي جي ڇپائڻ لاء ٽرمپ صاحب جرمني ۾ سنڌيءَ جي نئين ٽائيپ تيار ڪرائي جنهن جي صورتخطي نه هاڻوڪي صورتخطي جهڙي آهي ۽ نه وري شاه صاحب جي زماني واري سنڌي لپي يا لکٽي جهڙي آهي. ڀانئجي ٿو ته ١٨٦٦ع واري زماني ۾ جيڪا صورتخطي سنڌ ۾ ڄالو هئي سائي انهيءَ سنڌي فاضل رسالي جي نسخي تيار ڪندڙ ڪتب آندي آهي، جنهن تان ٽائپ تيار ڪرائي رسالو ڇاپيو ويو آهي. ٽرمپ صاحب کي گورنمنٽ برطانيه هن ڪم لاء پيسي جي تمام وڏي مدد ڪئي پر ان هوندي به خرچ ڪئي پيو ۽ ڪيترا سر ڇهجڻ کان رهجي ويا، جيئن ته سر مارئي ۽ ڪي ٻيا. هي نسخو اڄڪلهه بالڪل ناياب آهي. ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي لئبريري ۾ سندس هڪ نسخو ڏٺو ويو آهي شايد ٻين ڪن صاحبن وٽ به موجود هجي.

(٢) شاه جو رسالو بمبئي جو ڇاپيو: اهو رسالو قاضي ابراهيم

Gul Hayat Institute

ٻلبنڌري ٻمبئي جي ڪتب فروش ٻهريون ڀيرو ١٨٦٧ع ۾ ڇاپائي ٻڌرو ڪيو، ان کان پوءِ اهو نسخو وري ٻمبئي ۾ ڇپجندو رهيو آهي. مرزا قليچ بيگ مرحوم جو چوڻ آهي ته اهو صحيح نسخو ۽ پٽ جي ”گنج“ تان ورتل ٺيڪ ڇاپيو آهي، مگر ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جو لکڻ آهي ته ”هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو ڪڏهن هٿ نه ايندو، پر حقيقت هي آهي ته ٻمبئي وارو نسخو هڪ جامع نسخو آهي. شاه صاحب جي حياتيءَ ۾ سندس سامهون فقير جيڪي به شعر چوندا هئا سي سمورا هن ۾ ڏنل آهن پوءِ اهي شاه صاحب جا هوندا هئا يا ٻين ڪن شاعرن يا سگهڙن جا، ان رسالي کي سامهون رکي شاه جي ڪلام جو اصل حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ٻمبئي وارو نسخو هڪ دفعو ١٨٧٧ع ۾ ڇپيو هو، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته شاه جي مشهور فقير طالب هالن واري ڪيترا نسخا ڏيئي تيار ڪيو آهي. هن مان ظاهر آهي ته ٻمبئي وارو نسخو جڏهن ٻئي دفعي ڇپيو آهي ته ان کي ڪن نسخن سان شاه جي ڪلام جي ڄاڻو فقير طالب هالائي کان درست ڪرائي ڇاپرايو ويو آهي تنهن ڪري انهيءَ نسخي کي صفا ردي نسخو ڪري ليکڻ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي هڪ وڏي جرئت آهي.

(٣) سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جو ڇپايل شاه جو رسالو:

اهو رسالو ديوان تاراچند ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ١٩٠٠ع ۾ تيار ڪرايو ۽ سرڪار جي خرچ سان ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ رسالي جي منڍ ۾ ڏيکاريل آهي ته ”اهو رسالو پٽ واري قلمي رسالي سان پيٽي ۽ ٽرمپ ۽ بمبئي ڇاپي سان مقابلو ڪرائي تيار ڪيو ويو آهي مگر غور سان ڏٺو ويندو ته ان ۾ به ڪيترو ئي ڌاريو ڪلام اچي ويو آهي جنهن جو شاهه صاحب جي شعر سان ڪو لاڳاپو ڪونه آهي. هن رسالي جي صورتخطي سنڌاري ويئي آهي جو هاڻوڪي هالو چالو رواج موجب آهي.

(۴) مرحوم مرزا قليچ بيگ شاهه جي رسالي ڪي پنهنجي نموني ۾ ١٩١٣ع ۾ جمع ڪيو، جنهن کي شڪارپور جي منشي پوڪرداس ١٩١٤ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو.

مرزا صاحب انهيءَ رسالي جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته جڏهن ڪنهن شاعر جو ڪلام پڌرو ڪجي تڏهن ضروري آهي ته هن جو سچوئي ڪلام ڏجي ۽ صحيح ڏجي، تنهن ڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون سرڪاري ڇاپي کي قائم رکي سيڪنهن صفحي جي هيٺان بمبئي واري رسالي جون پڙهڻيون ڏنيون آهن. جيڪي بيت وغيره (سرڪاري رسالي ۾) نه هئا اهي به انهن هنڌن تي لکيا ويا آهن. بيتن جو نمبر سرڪاري رسالي وارو قائم ڪيو ويو آهي اهڙا نوان بيت سڀئي ٨۴٦ ۽ پيون وايون ١٥ آهن جي سرڪاري رسالي ۾ نه آهن.

Gul Hayat Institute

وڏيڪ لکي ٿو تہ ترمپ واري رسالي جون پڙهئيون مقابلي ۾ ڇڏيون ويون آهن جو اهي اڪثر غلط معلوم ٿيون. مرزا صاحب جي رسالي تي پوريءَ طرح غور ڪيو ويندو تہ اهو بہ ساڳي ريت بمبئي واري ڇاپي وانگر پنهنجن ۽ پراون شعرن جو گڏيل ڪچڪول آهي پر ان هوندي بہ هن بزرگ جي محنت کي هزار آفرين چوڻ کان رهي نٿو سگهجي جو شاه صاحب جي ڪلام کي سودي سنڀالي پوءِ جي مطالع لاءِ هڪ وڏو مجموعو ڇڏي ويو آهي.

## ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالو:

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو شاه جو رسالو: ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي حيدرآبادي سنڌي، فارسي ۽ هنديءَ جو وڏو عالم هو، هو ڪجهہ قدر عربي ۽ سنسڪرت کان بہ واقف هو. ڊي-جي- سنڌ ڪاليج جو فارسي جو پروفيسر ۽ ان کان پوءِ ان جو پرنسپال ٿي رهيو. زندگي سموري علم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ گذريس، صوفيانہ خيالات جو مالڪ، ويدانت فلاسفي ۽ اسلامي تصوف جو واقف هو هن ورهن جا ورهيہ راتيون جاڳي شاه جي رسالي تي پورهيو ڪيو ۽ سندس ارادو هو تہ رسالي جو هڪ صحيح اسخو معنيٰ سميت پڌرو ڪيو وڃي. رسالي ۾ جيترا بہ ڏکيا اکر ڪم آيل آهن تن جو اصل اشتقاق ۽ بڻ بنياد وڃي کولهي لهجي.

آخر هو صاحب ان ڪم ۾ ڪامياب ٿيو، شاه جي رسالي

کي ڇهن جلدن ۾ ورهائي هن پهريون جلد شرح ۽ معنيٰ سميت ١٩٢٣ع ۾ پڌرو ڪيو. لکائي ۽ ڇپائي تي ايڏو خرچ ڪيائين جو اڳ انهيءَ رنگ ڍنگ جو سنڌ ۾ ڪڏهن به ڪو سنڌي زبان جو ڪتاب ڪونه ڇپيو هو. ڪتاب ڇپجڻ شرط مٿس تحسين ۽ آفرين جا وسڪارا ٿيڻ لڳا. رسالي جو مقدمو يا مهاڳ ايڏو ته عالمانه انداز جو لکيائين جو سندس قابليت جو قدر ٿيڻ لڳو ۽ پهريون جلد هٿوهٿ کڄڻ لڳو.

هڪ طرف ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪم جي واکاڻ ٿيڻ لڳي ته ٻي طرف ڪان وري مسٽر جيٺمل پرسرام جو شاه جي رسالي جو چاهو هو ۽ ٿياسافسٽ اصولن جو پيرو ۽ صوفي سماگم جو سيڪريٽري ۽ اخبار پارت واسي جو ايڊيٽر هو، تنهن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل رسالي تي ڪي اصولي اعتراض ڪيا. هن جو چوڻ هو ته ڊاڪٽر گربخشاڻي اٽڪل هڪ هزار بيت رسالي مان لوڏي ڪڍيا آهن جنهن ڪري سنڌي ادب کي هڪ وڏو ڌڪ لڳي رهيو آهي، آخر اهي بيت ڇو ڪڍيا ويا آهن ۽ ان لاء ڪو قوي سبب هجڻ گهرجي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جي طرفداريءَ ۾ ڪي مسلمان عالم جيئن ته حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، جو ان زماني ۾ لنڊن جي ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ مقيم هو، مسٽر لال چند امرڏنه مل، پروفيسر پيرو مل ۽ ڪي ٻيا صاحب هئا. پارت واسي اخبار

ايڏو وڏو ڪوڙ ڏسي مرزا صاحب مرحوم سرڪاري تعليم کاتي جي آفيسرن کي لکيو ته جڳو آهي ته شاهه صاحب جي رسالي جي ڳنڍ ڪرڻ ۽ سنڌس شرح لکڻ لاءِ ڪن عالمن جي ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي ته هو هڪ مڪمل نسخو تيار ڪري سنڌ وارن جي سامهون رکي ته جيئن آئنده اهڙن اختلافي هنگامن جي مونجهاري کان ماڻهن کي ڇوٽڪارو ملي وڃي. مگر سرڪار ان عريضي تي ڪو ڌيان ڪونه ڏنو ۽ معاملو اڌ ۾ رهجي ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڳنڍ ڪيل شاهه جي رسالي جو پهريون حصو ١٩٢٥ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ ٻيون حصو ١٩٣١ع ۾. افسوس جو ٽيون ڀاڱو آخر وقت تائين پڌرو ڪري نه سگهيو جو ڪجهه دل شڪسته ٿي پيو ۽ ڪجهه ٻيا اسباب به پيش آيل هوس جنهن ڪري ڪم کي اڪيلي وڌائي نه سگهيو ۽ ١٩٤٦ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري هليو ويو.

مٿيون علمي جهڳڙو ١٩٢٣ع کان وٺي ١٩٢٤ع تائين سنڌي عالمن ۾ هلندو رهيو ۽ منهنجي سامهون هلندو رهيو. هاڻي هن ڪتاب لکندي جڏهن مسٽر ڄيٺمل جا مضمون نظر مان ڪڍيا وڃن ٿا ته انصاف سان چوڻو پوي ٿو ته هو جو ڪجهه چئي رهيو هو تنهن جو هن کي ڪنهن به جواب ڪونه ڏنو ٿي پر ويچاري کي سياسي بغض ڪري ننديو ويو ٿي. اهو زمانو هو قطع تعلقات جو، مسلمان هتا ڪٽر قطع تعلقاتي ۽ مسٽر ڄيٺمل هو مرحوم

Gul Hayat Institute

غلام محمد پـر ڳڙيءَ جي پارٽـي جو آرام پسند يا غيـر قطعي، جنهن ڪري هن ڪـي لوپو وپو ٿـي. چيلمل جو چوڻ هـو تہ جيڪي بيت ڏارين مالهن جا آهن سي جيڪڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪڍي ڇڏي ها تہ ان تي اعتراض ڪونہ آهي، پر سوين بيت اهڙا بہ خارج ڪري ڇڏيا اٿس جي بالڪل شاه جو ڪلام آهـن تن جي ڪڍڻ لاءِ ڇو قدم کنيو اٿس؟

ڪي اهڙا بيت آهن جي سڀني نسخن ۾ آهـن. بمبئي واري بلڙيءَ واري ۽ ٽرمپ صاحب واري ۾، مگر ڊاڪٽر گربخشاڻي اهي بہ خارج ڪري ڇڏيا آهـن. مسٽر چيلمل مثال لاءِ سُر سريراڳ جو هڪ بيت لکيو آهـي جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالـي مان هن ڪري ڪڍي ڇـڏيو آهي جو هن ۾ شاعرالـي خوبي ڪانہ آهي:

سـوداگـــر سـوند جـــا لاچـــو لال ولـيـج،
اچـــا اولا عـــاج جـــا، چـگا چـٽائـيـج،
سڙهـــ سـبـي سقلات جـا، کـوها خوب کٿيج،
ست ـڪان ساچا ڪري، ڇهہ ڇجهريون اڏيج،
پارهـن، تيرهـن، پندرهـن، سترهن سينگاريج،
ســـاري ست سيـد چئـي، پـــوري پڄائيـج،
مـلاح، معلم خبـرون، پڇـي پـــروڙيـج،
وسقاهـم ربهم شراباً طهورا، پالـي پاڪ پيئيج،

جنھن کي سيکي سيڪو، پرين سو پسيج،
لڙھ ۾ ڪيم لڙھيج، تہ سٹڙ ساموندي ٿيئين.

مسٹر چيتمل لکي ٿو تہ جيڪڏھن ھي شعر شاعراڻي خوبي کان خالي آھي تہ پوءِ سڄو رسالو شاعراڻي خوبيءَ کان خالي آھي. ھي شعر ڏاڍو ڪلام آھي تہ ان لاءِ ڪھڙي سند ۽ ڪھڙو دليل آھي. اھو اسان جو سوال پڇڻ معنيٰ تہ اسين ناپاڪ تحرڪ ٿا ھلايون. ان زماني ۾ جناب حڪيم حافظ حاجي قاضي علامه سيد اسدالله شاہ صاحب ٽکڙائي حيات ھو جڏھن ڪيس شاہ جي رسالي تي ھلندڙ جھيڙي ڏانھن توجہ ڇڪايو ويو تڏھن ھن صاحب وڃان ٿي ھڪ پيو رستو اختيار ڪيو. سيد اسدالله شاہ صاحب ھڪ ڊگھو رايو لکي الوحيد اخبار جي ٥- اپريل ١٩٢٤ع ۾ ڇپرو ڪرايو. اسان اھو رايو لفظ بلفظ ھيٺ ڏيون ٿا تہ تاريخي طرح ھڪ وڏي عالم جو ھڪ مضمون سنڌي اديبن جي سامھون اچي ۽ ڊاڪٹر گربخشاڻي جي رسالي کي صحيح صورت ۾ مطالع ڪرڻ جو موقعو ملي.

Gul Hayat Institute

## قاضي اسدالله شاہ جو ڊاڪٹر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل شاہ جي رسالي بابت رايو

پروفيسر گربخشاڻي جو ترتيب ڏنل رسالو شاہ ڀٽائي عليہ الرحمة جو پھريون جلد ھن احقر جي نظر مان گذريو، ان

جي مطالعي کان جو حظ روحاني حاصل ٿيو سو حد کان ٻاهر آهي ۽ پروفيسر صاحب کي صد مبارڪون ٿو ڏيوان ۽ اهڙي محنت ۽ عرق ريزيءَ تي سندس شڪرگذاري مسلمانن جي طرفان ادا ڪريان ٿو.

رسالي جي ڇپائيءَ جي عمدگي ۽ صفائي شاه جي اصلوڪي نج سنڌيءَ جو حل ۽ شاه جي ڪلام بابت فصاحت ۽ بلاغت ۽ ٻين انيڪ خصوصيتن جو ذڪر ۽ هرهڪ سٽ جي اول ۾ ان جو مختصر بيان ڏيڻ دريا کي ڪوزه ۾ بند ڪرڻ ۽ عبارت جي لطافت ۽ نزاڪت ۽ ٻيءَ جو مختصر ۽ ڪافي شرح ۽ ان کانسواء ٻيون بي حد خوبيون منجهس اهڙيون آهن جن جو ذڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه آهي هرڪوئي ان جي مطالع مان معلوم ڪري سگهندو "قدر زر زرگر بداند، قدر جوهر جوهري." بيشڪ پروفيسر صاحب هن قحط الرجال ۾ تحسين جو هرطرح لائق آهي سندس همت افزائي اسان جو فرض آهي مگر ڪي ڳالهيون ضروري فروگذاشت ڪيون ويون آهن ۽ هن ناقص جي خيال ۾ تمام وڏي اعتراض جوڳيون آهن اهي هي آهن:

جنهن صورت ۾ حضرت قدوه الاولياء شاه ڀٽائي عليه الرحمه اهل اسلام جو مقتدا ۽ پيشوا هو. خصوصا خاندان نبوت ۽ رسالت جي باغ جو هڪ عمدو خوشبودار گل هو تنهن صورت ۾ سڀ کان مقدم هي ڳالهه پيش نظر رکڻ ضروري هئي ته ان جي

Gul Hayat Institute

سوانحعمري ۽ سندس مذهب علم تصوف ۽ صوفي مشرب جي تشريح اصول اسلامي تي ٺهڪ کهندي هئي جا بالڪل اٿين نہ ڪٿي ويٺي آهي. اصول اسلام کي بالڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. منهنجو مطلب نہ آهي تہ آءٌ ڪنهن مذهب جي اصول تي نقطہ چيني ڪريان مگر هي ضروري سمجهان ٿو تہ اسلامي مقتدا ۽ صوفين جي پيشوا جي متعلق اهي اصول بالڪل ناقابل اعتماد سمجهان ٿو جن کي صوفياء ڪرام اسلام ۾ بالڪل غير معتبر بلڪ مردود ۽ باطل بيان ڪيو آهي.

ڪتاب "ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مقدمہ لطيفي" جي مختلف محلن ۾ صوفي مشرب جي تشريح ۾ هيٺين فرمايو ويو آهي:

۱- معنوي اصولن جو ڪنهن دين يا مذهب سان واسطو ڪونهي.

۲- پرينءَ جي پسڻ جو طريقو علحده آهي جنهن جو دين مذهب سان واسطو ڪونهي.

۳- شاه صاحب اهڙي منزل تي رسيل هو، جتي ڪيس شريعت جي پابندي جي ضرورت ڪانہ هئي.

۴- اخير ۾ مذهب جي پيروي ۽ تقليد ڪچيءَ جو گهنگهرو ٿيو پوي.

Gul Hayat Institute

٥- عاشق جو مذهب علحده آهي سو نڪو هندو آهي نڪو مسلمان، نڪي ڪافر.

الغرض رسالي جي مقدمه ۾ صوفي المشرب ان کي چيو ويو آهي جو شعر بي مهار مطلق العنان هجي. شريعت جي حدن اندر رهڻ ۽ ظاهري احڪامن جي پابندي ۽ ڪبيرن گناهن کان گوشي ۾ رهڻ ۽ ارڪانن اسلام جي بجاآوري جي ان کي ڪا بہ ضرورت ڪانہ آهي فقط باطن جو تصفيہ ۽ روح جي صفائي ۽ باطني ذڪر فڪر ڪافي آهي. اهو عقيدو اسلامي اصول موجب بالڪل مردود ۽ باطل آهي. اسلامي اصول موجب صوفي المشرب ڪهڙي بہ منزل تي رسي، ابتدا ۾ يا انتها ۾ ان کي شريعت جو اتباع ۽ ظاهري احڪامن جي بجاآوري ۽ اسلامي حدن اندر رهڻ ۽ ان کان پير ٻاهر نہ رکڻ ۽ منع ڪيل مثن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ ۽ حلال ۽ حرام جي تميز جي سخت ضرورت آهي، ان کانسواءِ ڪوئي صوفي ڪماليت کي نٿو پهچي سگهي.

اهڙو صوفي جو فقط معنوي اصولن ۽ باطني صفائي سان سواءِ بجا آڻڻ ظاهري احڪامن جي قرب الاهي جي دعويٰ ڪري تہ اسلامي تصوف موجب ڪورو ملحد زنديق چيو، جيڪڏهن ڪو بہ صوفي وقت جذب ۽ وجد جي ڪنهن اهڙي قول يا فعل جو مرتڪب ٿئي جو شريعت جي مطابق نہ هجي تہ ان حالت تي نظر ڪبو، جيڪڏهن هوشياريءَ سان آهي ۽ جائز سمجهي

Gul Hayat Institute

ائين ڪري ٿو ته واجب القتل ۽ زنديق چئبو، جيڪڏهن نشي ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ آهي ته ان جي ڪلام کي تاويل ڪبو ۽ ظاهري معنيٰ نه وٺبي بلڪ شرع جي موافق معنيٰ وٺي شرع جي عتاب کان ان کي معاف ٿيل ۽ عذر وارو سمجهبو، اهو آهي اسلامي تصوف جو اصول ۽ صوفي المشرب جي تشريح.

جيئن ته صوفياءِ ڪرام جي ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهي. جيڪا پروفيسر صاحب صوفي مذهب جي تشريح فرمائي آهي سا اسلامي اصول موجب مردود ۽ ناقابل اعتماد آهي، ڪنهن به اسلامي تصوف جي ڪتاب ۾ اها تشريح ڏنل ڪانه آهي. ڏسو ڪتاب تصوف، هرهڪ "فتوح الغيب" حضرت غوث اعظم جيلاني جو، متن شرح فارسي شيخ عبدالحق دهلوي جو، ۽ مڪتوبات امام رباني جا محل مختلف، ۽ احياءالعلوم امام غزالي، علم الڪتاب خواجه مير درد دهلوي، مثنوي مولانا روم مقدمه ابن خلدون ۽ ٻيا.

Gul Hayat Institute

باقي اعتراض ڪرڻ ته پروفيسر صاحب ڪلام حضرت شاه ڀٽائي صاحب جي ۾ قطع بريد ڪري گهڻو ڀاڱو رسالي مان خارج ڪري ڇڏيو آهي يا هي اعتراض ڪرڻ ته فلاڻن بيتن جي معنيٰ صحيح طرح نه ڪئي ويئي آهي. اهي ٻئي اعتراض هندن صاحبن جي اخبارن پارتواسي ۽ پرڪاش ۾ هلندڙ ڏسجن ٿا ان تي گهڻو قيل قال هلي رهيو آهي، سي اعتراض احقر جي خيال ۾

اهڙا وزندار نہ آهن جو تہ پروفيسر صاحب پنهنجي تحقيق ۽ تنقيد تي قلمي ۽ قديمي نسخن جي مقابلي ڪرڻ سان ڪلام صحيح ۽ تحقيقي شاه صاحب جو گڏ ڪيو ۽ ٻيو خارج ڪيو. گھٽي ۾ گھٽ ايترو چئي سگھبو تہ هي رسالو شاه صاحب جي ڪلام لاء جامع نہ چئبو بلڪ صحيح ۽ منتخب چئبو ۽ بس. تنهن ڪري اعتراض بابت زياده گفتگو جي ضرورت ڪانہ آهي.

ٻيو اعتراض معنائن بابت آهي، ان لاء عرض تہ سڀڪو پنهنجي فهم ۽ ادراڪ ۽ ذهن جي رسائي موجب معني ڪري ٿو. اسلامي ڪتابن ۾ بہ ائين ڏسبو آهي تہ شرح ڪندڙ معنائن ۾ اختلاف رکن ٿا، تنهن ڪري ان بابت بحث مباحثو اجايو آهي. معني ڪرڻ ۾ فقط هي لحاظ رکڻ ضروري آهي تہ جنهن صورت ۾ شاه صاحب اسلام جو پيشوا ۽ اسلامي صوفين جو رهنما آهي تہ ان جي ڪلام جي اسلامي اصول موجب معني ڪبي، جيڪڏهن برتقدير ڪوبہ شعر ظاهر ۾ شرع جي موافق ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان جو تاويل ۽ توجيہ ڪري شرع جي موافق ڪبو ورنہ اهڙي معني الحاد ۽ زندقہ جي تبليغ چئبي، نہ تصوف ۽ صوفيت. جنهن ڪان يعني (الحاد ۽ زندقہ) ڪان وجود مسعود شاه جو بيزار آهي. هي فيصلو اتفاق سان صوفين جو آهي تہ كل حقيقة لا يشهد لها الشرع فهوالحاد و زندقہ، يعني تہ سڀڪا حقيقت جا سالڪ تي ظاهر ٿي ۽ شريعت جي برخلاف هجي تہ

اها حقيقت الحاد ۽ زندقه آهي.

علامه اسدالله شاه جي هن مضمون مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون:

١- ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪڏ ڪيل شاه جي رسالي جي معنيٰ ۽ سنڌي عبارت ڏاڍي عمدي ۽ سنڌس ڀورهيو تحسين جوڳو آهي.

٢- شاه صاحب جهڙي مسلمانن جي اڪوال صوفـي جـي تصوف بابت جيڪا ڊاڪٽر صاحب رايا پيش ڪيا آهـن سـي اسلامي تصوف جي بالڪل برخلاف آهن.

٣- گربخشاڻي شاه جي ڪلام جـو انتخاب ڪيو آهي ۽ سمورو ڪلام جمع ڪونه ڪيو اٿس تنهن ڪري ان تي جهڳڙو ڪرڻ نه گهرجي.

علامه اسدالله شاه جـي هـن مضمون شايع ٿيڻ کان پوءِ وڙهندڙ ڌرين کي هوش اچي لڳو ۽ اختلافي مضمون ۽ پاڻ ۾ ردڪد جو مقابلو ختم ٿي ويو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي کان پوءِ اڃا تائين نج شـاه جي ڪلام جو جامع رسالو سنڌ ۾ ڇپرو ڪونه ٿيو آهي ممڪن آهـي تـه ڪي علم وارا هـن ضروري علمي خـدمت ڏانهن توجهه فرمائين.

# فصل ستون

## رسالي ۾ ڏاريون ڪلام

اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون تہ شاه جي رسالي کي سرن جي ترتيب موجب حضرت شاه صاحب جي حياتيءَ کان پوء تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڪيو ڏاريو ڪلام بہ گهڙوگي اچي ويو آهي. ڏارين ڪلام جي سڃاڻپ هيٺين ريت ڪري سگهجي ٿي:

١- اهي بيت جن ۾ ڪن سگهڙن يا شاعرن جا نالا آيل آهن.

٢- اهي بيت جي شاه عبدالڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ آيل آهن پوء اهي شاه ڪريم جا چيل آهن يا قاضي قاضن ٺٽوي جا.

Gul Hayat Institute

٣- اهي بيت جن جي ٻولي شاه جي ٻولي نہ آهي جيئن پنجابي يا ڍاٽڪي وغيره.

٤- فارسي غزل يا مثنوي مولانا روم جا ابيات.

٥- جن بيتن يا سرن بابت رسالي جي اڳوڻن استادن يا

چالن پنھنجا رايا پيش ڪيا هجن ته اهو شاه جو ڪلام نه آهي ان ڪان سواءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هي اٿي دعويٰ ڪري ته فلاڻو ڪي فلاڻو بيت فلاڻي سر ۾ شاه جو ڪلام نه آهي ۽ ان لاءِ ڪا حجت يا دليل پيش ڪري نٿو سگهي ته ان جي ڳالهه کي ايترو وزن ڏيئي نٿو سگهجي جيتري قدر دليل واري دعويٰ کي وزن ڏيئي سگهبو آهي. هن ڳالهه تي به ويچار ڪرڻو آهي ته رسالي ۾ ڏاريان سر يا ڏاريان بيت رسالي جي گڏ ڪندڙ فقيرن ڇو درج ڪيا ان ۾ مطلب ڪهڙو هو؟

اسان ان بابت اڳي لکي آيا آهيون ته شاه صاحب جي خدمت ۾ شاه جي ڪلام ڪان سواءِ ڪي فقير ٻيو ڪلام به ڳائيندا هئا، فارسي، هندي ۽ سرائڪي ۾ غزل ۽ ڏوهيڙا ڳايا ويندا هئا جن کي شاه صاحب پسند فرمائيندو هو. اهي ڏاريا شعر به فقيرن قلمبند ڪري ڇڏيا هئا پوءِ جڏهن رسالي جي جوڙجڪ ۽ جمع جو ڪم شروع ٿيو تڏهن اهو ڪلام به يادگار طور رسالي ۾ درج ڪيو ويو ۽ هي ڳالهه پڙهندڙن تي ڇڏي ويئي ته هو اصلي ۽ ڏارئي کي جدا ڪندا رهن.

اسان مير عبدالحسين جي "لطائف لطيفي" مان مٿي نقل ڪري آيا آهيون ته هندي شعر ۽ ٻيو جو ڪجهه غير سنڌي ڏاريو ڪلام رسالي ۾ درج ٿيو آهي سو انهن دهلوي گوين ٻاران درج ڪيل آهي، جن رسالي جي سرن وار ترتيب جو ڪم

پورت ڪي پهچايو آهي. ساڳيءَ ريت فارسي شعر به جيڪي شاه صاحب ڪي پسند هئا سي رسالي جي جمع ڪرڻ وقت داخل ڪيا ويا آهن، هن ارادي سان نه ته ڪو اهو به شاه صاحب جو ڪلام آهي پر فقط شاه جي ذوق ۽ مذاق جي لحاظ سان ته هو ڪهڙي قسم جي ڪلام کي پسند ڪندو هو.

## فارسي شعر:

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي ته ڪيترن فارسي شاعرن جهڙوڪ: حافظ، حڪيم سنائي، محي الدين، جلال الدين رومي وغيره جا غزل ۽ قصيدا مثنويون به شاه جو ڪلام سمجهي رسالي ۾ درج ڪيون ويون آهن. اسان جي تحقيق آهي ته جن فقيرن رسالي گڏ ڪرڻ وقت فارسي شاعرن جو ڪلام شاه جي رسالي ۾ درج ڪيو آهي، اهي ڪي ايتري قدر اڻ ڄاڻ ڪونه هئا پر اهو فارسي ڪلام شاه جي مجلس ۾ ڳايو ۽ پسند ڪيو ويندو هو جنهن ڪري هن کي به رسالي جي خاص جاين تي آندو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

فارسي ڪلام هيٺين طرح رسالي ۾ آيل آهي:

١- سر ڪلياڻ جي فصل ٣ جي پڇاڙيءَ واري پهرين وائي هڪ فارسي غزل خواجه حافظ شيرازي جو آهي جنهن جو پهريون شعر آهي:

ساقيا برخيز در ده جام را،
خاک برسر کن غم ايام را.

هن غزل کان اڳ هڪ فارسي بيت آهي، جو شايد غزل کان اڳ ۾ ڏوهيڙي وانگر ڳايو ويو هجي جيئن سنڌي ڪافي کان اڳ ڏوهيڙا ڳائبا آهن. اهو شعر هي آهي:

شيشه را پر کن و بردار بيار،
جام را پرکن و برخيز بيار.

٢- سر يمن ڪلياڻ جي فصل ٨ جي پڇاڙي ۾ محي الدين جو غزل آهي جنهن جو مطلع آهي:

بي حجابانه بيا از در کاشانهء ما،
که کسي نيست بجز درد تو درخانهء ما.

ان غزل جو چوندڙ محي الدين ڪير آهي؟ ان بابت محي تخلص سان جيترن به شاعرن جا نالا تذڪرن ۾ آهن تن مان ڪنهن به محي الدين جي نالي اهڙو غزل نظر ڪونه اچي ٿو. ساڳئي رنگ ۾ ساڳئي وزن ۽ بحر ۾ تذڪره صبح گلشن ۽ تذڪره نگارستان سخن ۾ سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني بغدادي ڏانهن هڪ غزل منسوب ٿيل آهي جنهن جا اشعار هي آهن:

گر بيائي بسر تربت ويرانهء ما،
بيني از خون جگر آب زده خانهء ما.

Gul Hayat Institute

با احد در لحد تنگ بگویم اے دوست ،
آشنائیم بتو غیر تو بیگانۂ ما .
محي از شمع تجلي نگاهش مي سوخت ،
دوست مي گفت زهے همت مردانۂ ما .

شاه جي رسالي واري غزل جي پوئين شعر (مقطع) جي هن غزل جي پوئين بيت سان هڪجهڙائي آهي باقي ٻيا سمورا شعر جدا جدا آهن ، مقطع جي پوءِ مصرع ۾ ڪجهه فرق آهي .

دوست مي گفت زهے مستي پروانۂ ما .

سر سهڻي ۾ شاه صاحب هڪ فارسي مصرع تضمين طور پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي ، فرمائي ٿو :

ڪهڙي ڪهڙو هٺ ڪري ، ڀون نهاري پنگ ،
سر درقدم يار فدا شد چه بجاشد ، وصل اهوئي ونگ ،
رات جنين جو رنگ ، الا سي اڪاريئين .

Gul Hayat Institute

اها مصرع شاه عنايت الله صوفي جهوڪ واري جي هڪ غزل مان ورتل آهي ، اهو سمورو غزل هيٺين ريت آهي :

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد ،
از گردنم اين دين ادا شد چه بجا شد .
از خون دلم بسته حنا بر سر ناخن ،

خون دلم انگشت نما شد چه بجا شد.
از درد دلم همه کشیده ست بر ابرو،
درد دل ما قبله نما شد چه بجا شد.
مي خواست رقيبي كه من از غصه بميرم،
ديدي كه خودش زود فنا شد چه بجا شد.
مي خواست رضائي كه بفرمان تو گردد،
فرمان تو گرويده رضا شد چه بجا شد.

هي فارسي غزل شاه صاحب جي زماني ۾ ڏاڍو مشهور هوندو هو ۽ مجلسن ۾ ڳايو ويندو هو ۽ ڪيترن شاعرن ان جي جواب يا تتبع تي غزل لکيا آهن. ميان غلام شاه ڪلهوڙي ۽ مير نصير خان ٽالپر جا به انهي ضمن ۾ غزل چيل آهن.

شاه صاحب سسئي جي سر ڪوهياري ۾ هڪ فارسي غزل جي مصرع جو ننڍو حصو آندو آهي، فرمائي ٿو:

"منزل دور من تنها" جت ڪن پوليون پاڻهان،
نڪا پهر نه پيچرو، نه سڃڻ ڪن ڪيهان.
لکي جو ليهان، تي لوڙهيان لعل لطيف چئي.

هن شعر جي پهرين مصرع ۾ هڪ فارسي غزل جي مصرع جو اڌ آندل آهي سڄي مصرع هن ريت آهي:

شب تاريک ره باريک و منزل دور و من تنها.

سر بيراگ هنديءَ ڪان پوءِ هڪ سر جي انداز ۾ ابيات مثنوي مولانا روم جا ڏنل آهن. گهڻو ڪري اهي شعر آهن جن ۾ مولانا جلال الدين رومي خدا جي دوستن يا اولياءالله جي واکاڻ ڪئي آهي. ابيات مثنوي جي سر ۾ وچوواڙي عارف عبدالرحمان جامي جا به ڪي شعر آهن جن ۾ هن صاحب مولانا رومي ۽ سندس مثنوي جي واکاڻ ڪئي آهي:

مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن در زبان پهلوي،
من چه گويم وصف آن عاليجناب،
نيست پيغمبر ولي دارد ڪتاب.

ان سلسلي ۾ هڪ شعر محمد جان قدسي مشهدي جو آهي:
هزار بار بشويم دهان بمشڪ و گلاب،
هنوز نام تو گفتن ڪمال بي ادبي ست.

هڪ شعر ڪنهن گمنام شاعر جو به آهي:
بنالد بلبل مسڪين ڪه از گلزار دور افتد،
قيامت آن زمان باشدڪه يار از يار دور افتد.

ابيات مثنوي جي آخر ۾ حڪيم سنائي غزنوي جي هڪ مناجات واڻي طور ڏنل آهي جنهن جو مطلع آهي:
ملڪا ذڪر تو گويم ڪه تو پاڪي و خدائي،

Gul Hayat Institute

نه روم من بجز آن ره که تو آن راه نمائي.

ٻيون شعر آهيس:

لب و دندان سنائي همه توحيد تو گويند،
تو مرا ز آتش دوزخ ز کرم باز رهائي.

## هندي ۽ سرائڪي شعر.

فارسي ڪلام کان سواءِ شاه صاحب جي رسالي ۾ هندي ۽ سرائڪي ۽ ڍاٽي ٻوليءَ جو شعر به درج ٿيل آهي، جو ڏاڍو ٿورو ڪلام آهي. سرائڪي ٻولي، اگرچه سنڌي جي هڪ شاخ آهي، پر ان هوندي به شاه صاحب سنڌي جي انهيءَ شاخ ۾ ڪلام نه چيو آهي. هو پنهنجي نج لاڙيجي سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي سرائڪي يا هندي اکر خاص انداز ۾ ڪنديندو يا پيوست ڪندو ويندو آهي پر مجموعي طرح انهن زبانن ۾ سندس شعر معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

(١) شاه جي رسالي جي سر ڪلياڻ جي داستان پهرئين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائڪي ٻولي ۾ وائي ڏنل آهي:

عشق تساڏي مين گهايل ڪيتي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي.

(٢) انهيءَ سر ۾ سمن نالي ڪنهن هندي شاعر جو هيٺيون بيت پڻ آيل آهي:

سائي صورت عين ڪي سائي صورت غين،
سمن نقطه دور ڪرو، ته او عين ڪي عين.

اهو شاه صاحب جو ڪلام نه آهي.

(٣) سر ڪلياڻ جي ٻئي داستان جي پڇاڙيءَ ۾ ٻه وايون آهن جن مان پهرين جا ٻه مصرع سرائڪي ۾ ۽ ٻه مصرع سنڌيءَ جا آهن ۽ اها وائي شاه جي شاهاڻي ڪلام جو جزو نه آهي ۽ ٻي وائي سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين جي گڏ وچڙ مان تيار ٿيل آهي.

رانجها وو مين تيڏڙي آهيان.

هي آهس ٿل. اڪيتي هڪ مصرع آهي ته:

ري وو مين، اي وو مين، مينو نال وسارنهين.

اهڙيءَ ريت ڇهن پڻن جي ڪوت آهي باقي شاه جو ڪلام هرگز نه آهي.

(٤) ٽئين داستان جي پڇاڙيءَ ۾ ٻه هندي وائي آهي جنهن جو مڪڙ آهي:

عجب نين تيرے، سرس نين تيرے.

(٥) سر يمن ڪلياڻ جي داستان ٽئين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائڪي وائي ڏنل آهي جنهن ۾ ٿل سميت ڪل ٿي مصرع آهن. پڇاڙيءَ ۾ وائي چوندڙ احمد جو نالو به ڏنل آهي:

Gul Hayat Institute

آڪي احمد نال نمائيندي، ڪيا ڪس لئي ڪيتا.

ان جي پوء تان ٻي هڪ وائي سنڌيءَ ۾ آهي ۽ ان جو ٻول ۽ بيهڪ شاھ جي ڪلام جهڙي نه آهي جا ڀڻ شاھ جو ڪلام ٿي نٿي سگهي.

(٦) ڀمن ڪلياڻ جي ٥ داستان ۾ هيٺيون هندي بيت رسالي ۾ درج ٿيل آهي:

هڪ جو اڪر نکڙو ڪرنسي جي ڏي،
تا انڌاري گهر ديپڪا ڦرڦر جوت ڪري.

بيان العارفين ۾ آهي ته اهو شعر احمد آباد ۾ شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري کي ڪنهن سنياسي ٻڌايو هو جنهن کي فقيرن رسالي داخل ڪري ڇڏيو آهي.

(٧) داستان ٦ جي ٻچاڙيءَ ۾ ٻه هڪ سرائڪي وائي وڌل آهي جا هيٺين ريت آهي:

عشق تمام، ڀره تمام، مهن لوڪي ٻار لوڪو،
سيج ستي جهپ نه آوي، نيڻين ننڊ حرام.
راتيان جاڳڻ، صاحب سنڀالڻ، اي فقيران دا ڪام،
مت عقل دي منجهه ڪئي، آيا عشق امام.

Gul Hayat Institute

صاف پڌرو آهي ته اهو شاھ صاحب جو ڪلام ٿي نٿو سگهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي اگرچه ان وائي کي شاھ جو ڪلام نٿو

سمجهي پر ان هوندي به هن پنهنجي رسالي ۾ بحال رکي آهي هوڏانهن کيس رسالي مان ڪلام لوڏڻ جو ڏاڍو شوق رهندو هو.

(٨) سهڻي يا توڏي جي سر ۾ هڪ هندي بيت توڏي سر جي تعريف ۾ آيل آهي:

تـوڏي ميٺا راڳ هے، مجلس ميٺي تال،
گهر کي ميٺي کامني، اور کي ميٺي لاج.

اهو شاه جو ڪلام نہ آهي.

(٩) سر سهڻي جي داستان پنجين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائڪي وائي ڏنل آهي:

درد رانجهن دے هے ساري.

مرزا قليچ بيگ مرحوم جنهن شاه جي رسالي ۾ سپڪجهه کڻي داخل ڪيو آهي سو به ان وائي بابت لکي ٿو ته:

هيءَ وائي شاه صاحب جي نٿي ڏسجي جيئن اڪثر سرائڪي ۽ هنديءَ وايون سندس نہ آهن، تنهن کان سواءِ سر جي مضمون سان بابت نہ آهي. هير رانجهي مضمون سان يا تہ عام عشق بابت آهي.

(١٠) ساڳئي سر جي ڇهين داستان جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائڪي ٽن مصرعن واري وائي آهي:

Gul Hayat Institute

جان جاڳان تان نهين وے نال ڍولڻ دے.

هي به شاه جي چيل نه آهي.

(١١) سهڻي جي ابيات متفرقه جي آخر ۾ به هڪ سرائڪي وائي آهي:-

جان جاڳان تان نهين نال سڄڻ دے.

مرزا صاحب مرحوم لکي ٿو ته هيءَ وائي سرائڪي ٻوليءَ ۾ آهي، گهڻو ڪري شاه عبداللطيف جي نه آهي.

Gul Hayat Institute

نياز علي شاه "محسن"

## "قلم - تاريخ"

١٣٨١هه

١- مولوي مرحوم جي تصنيف جو ناهي جواب،
مولوي مرحوم هو ملڪ - ادب جو بادشاه.
باسر ايمان هجري سال هيئن هاتف چيو،
حضرتِ محسن اِ کٿي لک "شاه جو پيغام واه".

١٣٨٠+١=١٣٨١ هه

٢- سنڌيءَ جي اديبن ڪان جو ڪجهه به پڙهو آهي،
معلوم ڪندا آيا تعليم پتاڻيءَ جي.
"تشريح ڏسو نادر وه واه" وفاتيءَ جي.

١٩٦٢ع

٣- هاءِ وفاتيءَ جي هن صحيفه لئي،
پيا به ڪيندا اديب تاريخون.
هن وطن جي غريب شاعر ڪان،
"هاءِ هاءِ، بچ پي عجب تاريخون".

١٣٨١هه

٤- اي حضرت - وفائي آ تنهنجو نورو ناءِ نورڙو،
تو سنڌ لاءِ ڪيترو مواد هي ڪيو ڪٺو.
الف جوهڪ عدد ڪيو پوءِ عيسوي لهي توسن،
تہ "شاه جي رسالي جو مطالعو ڏسي وٺو".

١٩٦٢ع = ١ - ١٩٦٢ع

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

مولانا دين محمد صاحب وفائي سان منهنجي واقفيت خلافت جي زماني کان هئي. پوءِ ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ هئڻ جي زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ رهڻ وقت اها وڌندي ويئي. ١٩٤٠ع ۾ جڏهن وزير تعليم ٿيس، تــه سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ "سنڌي ادبـي مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪيم. ان ۾ مولانا صاحب کي ميمبر ڪري رکيم. ان سان گڏ سنڌي لغت تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي هيم، ان ۾ مولانا فتح محمد سيوهاڻي، چيتمل پرسرام، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر دائود پوٽــه، مولانا ديــن محمد وفائـي صاحب ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. موجوده سنڌي لغت جو پهريون جلد، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهـي، ان ۾ ان ڪاميٽي جو گهڻو ڪم ڪيل آهـي. پاڪستان ٿيڻ بعد سنڌي درسي ڪتابن کي نئين سر تيار ڪرڻ لاءِ ١٩٤٩ع ۾ هڪ ڪاميٽي ٺهـي هئـي، ان ۾ به مولانا صاحب کي رکيو ويو هو.

(جي - ايم - سيد)

Gul Hayat Institute

جا ڪارناما هئا جي مثالن ڏيڻ سان جيڪر پيش ڪريان ته هڪ ضخيم ڪتاب تيار ٿي پوي.

عربيءَ ۾ به ايترو ته درڪ رکندا هئا جو ابن سعود جي شروعاتي دور ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ هڪ سعودي وفد آيو هو ته فقط مولانا وفائي مرحوم ئي هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن انهيءَ وفد سان منهن ڏنو، عربيءَ ۾ گفتگو ڪئي. هن تي سنڌ جي ظريف شاعر مرحوم محمد هاشم مخلص هڪ شعر لکيو هو جنهن جي هڪ سٽ مون کي ياد آهي:

سر پيچ تن سڀن جو، هو مولوي وفائي.

(محمد اسماعيل عرساڻي)

Gul Hayat Institute

"تذڪره مشاهير سنڌ" جيڪو سنڌ جي نامور اديب صحافي ۽ عالم سڳوري مولانا دين محمد وفائي مرحوم سالن جا سال سڄيءَ سنڌ جا پنڌ ڪري، ڪتبخانن جي خاڪ ڇاڻي، نور نچوئي لکيو آهي. مذهب سان دلچسپي رکندڙن ۽ مذهبي عالمن جي زندگيءَ کان واقفيت گهرندڙن لاءِ هن ڪتاب ۾ بي بها مواد موجود آهي ڇاڪاڻ ته هن ۾ سنڌ جيڪي به عالم ۽ محدث، مفسر، مبلغ، مصلح، شارح ۽ فقيه پيدا ڪيا آهن، تن جو مختصر احوال ڏنل آهي (هي اچا سموري تذڪري جو پهريون حصو يا پهريون جلد آهي) اهو احوال به هڪ خاص نوعيت جو آهي: هر عالم ڪٿي پيدا ٿيو، ڪنهن وٽ درس حاصل ڪيائين، ڪهڙا ڪتاب لکيائين، ڪهڙي سلسلي سان نسبت اٿس، ڪهڙا شاگرد پيدا ڪيائين ۽ ڪٿي فوت ٿيو.

هي ڪتاب گذريل هزار سالن جي هڪ تاريخ آهي جنهن مان هڪ ڳالهه، هر صفحي منجهان، ڳاٽ ڪڍيو پئي للڪاري ته سنڌ علم جو گهر هئي، جنهن ۾ ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ واهڻ به علم جي شمع سان منور هئا.

(سراج الحق)

Gul Hayat Institute

مولانا دين محمد وفائي مرحوم الوحيد اخبار
جي ادارتي دور ۾ لائق ۽ فائق ايڊيٽر ثابت
رهيا. سندن قلم ۾ رواني، تحرير ۾ جدت ۽
ٻوليءَ ۾ سلاست، حلاوت، لطافت ۽ سنجيدگي
سمايل هوندي هئي. سندن بيباڪ ۽ جرئتمندانه
تحرير مولانا محمد علي جوهر، مولانا ابوالڪلام
آزاد ۽ مولانا ظفرعلي مرحومين جون ملون
لاهيندي هئي.

(حاجي محمود هالائي)

Gul Hayat Institute

مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهيان، جو اهڙي ماڻهوءَ مڙد، سنڌ جي سودائيءَ ۽ سچ جي ساڪيءَ جي جنازي کي ڪلهي ڏيڻ جو وجهه هٿان نه وڃايو هوم. مون کي مولانا دين محمد صاحب وفائي مرحوم جو آخري سفر اڃا ياد آهي. بادل ڇانيل هئا، هلڪي هلڪي بوند به پئي پيئي. آيو ويو ۽ جنازي جي جلوس ۾ شامل شخص چئي رهيو هو ته، "الله جي رحمت پيئي وسي، ڪو بخشيل روح هوندو!" هنن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هو نه رڳو بخشيل روح هو، پر پنهنجي دور جو عيسيٰ هو، جنهن ڪو قوم جي لاءِ صليب ڪلهي تي کڻي گهميو هو.

جناب ڄام صادق علي وزير ميونسپالٽيءَ ۽ لوڪل باڊيز جي حڪم تي سکر جي واريٽڙ روڊ جو نالو مولانا دين محمد وفائي روڊ رکيو آهي. پر اهو به ڪجهه ڪافي نه آهي، اهڙن شخصن جي ياد، ڪارنامن ۽ نظرين کي زنده رکڻ لاءِ، ادارن جي قيام جي ضرورت آهي.

(رشيد ڀٽي)

سائين مولانا دين محمد صاحب وفائي (رحه) جي ادارت هيٺ ١٩٣٦ع ۾ الوحيد اخبار جو آزاد سنڌ نمبر شايع ٿيو هو. موقعو هو سنڌ جي بمبئيءَ جي چنبي مان آزادي. ادا سائين، ان نمبر متعلق اسان ايتريقدر ٻڌو آهي، جو ان نمبر کي حاصل ڪرڻ ته ڇڏيو، هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ماڻهو ڪشالا ڪيندا هئا. سائين، منهنجو عرض آهي، ته الوحيد جي آزاد سنڌ نمبر جون فلمون ڪيرائي، آفسيٽ تي ڇپارائي مارڪيٽ ۾ آڻيو. مون کي يقين آهي، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا سڄڻ هرقيمت تي الوحيد جي يادگار نمبر جي ڪاپي خريد ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪندا.

(امر جليل)

Gul Hayat Institute

الوحيد پريس مولانا دين محمد وفائي صاحب جي دور ۾ ائين ڪٿي چئجي ته علم، ادب ۽ سياست جو هڪ آشيانو هو، جنهن ۾ هڪ باغ هو، جنهن ۾ گلاب، موتيا، مکڙيون ۽ ڪنڊهار هئا ۽ ان باغ جي آبياري ۽ نگهداشت حضرت مولانا وفائي صاحب ڪري رهيو هو ۽ هي سندن ذهانت ۽ محنت جو ڦل آهي جو اڄ بيشمار سنڌي اخبارون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سندن لکڻي اڄ جي ايڊيٽرن ڪي نصيب ٿي وڃي ته هل هنگاما ۽ شور شرابا باقي نه هجن ها!

اسان جي پياري وفائي جي زبان شيرين هئي، مٺڙيءَ سلوڻي انداز سان گفتگو ڪندو هو. وٽس وڏا وڏا بزرگ ۽ سياستدان به ايندا هئا، اديب ۽ شاعر ته سندن شيدائي هئا، انهن مان ڪن جا نالا عرض ڪيان ٿو، جن کي مون مولانا صاحب جي بلڪل قريب ڏٺو:

سر حاجي عبدالله هارون، غلام مرتضيٰ شاه سنائي، ڊاڪٽر محمد عمر دائود پوٽه، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد صادق صاحب کڏي وارو، مولانا محمد صديق صاحب کڏي وارو، مولانا عبدالڪريم چشتي، رئيس علي محمد مري، رئيس علي محمد ڪيريو، مولوي محمد معاذ، پير محبوب علي شاه، پير حسام الدين شاه راشدي، جناب سرشار عقيلي، مرحوم غلام احمد نظامي، ڏني بخش ناقص، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم دين محمد عليگ، قاضي خدا بخش، عبدالخالق مورائي ۽ ٻيا.

(موهن ملبرائي)

Gul Hayat Institute

مولانا دين محمد وفائي (رحه) جن قلم هٿ ۾ ڪٽندا هئا ته برق رفتاريءَ سان ويندا هئا سٽن تي سٽون پريندا. سون اهڙي تيز رفتاري سان قلم هلائڻ وارو ايڊيٽر اڄ تائين نه ڏٺو. مولانا صاحب جن صحافت جي دنيا ۾ بيشمار خوبين جا مالڪ هئا، پاڻ پنهنجي لکڻيءَ کي بيهر نظر سان ڪيڻ بنان ئي ڪاپي ڪمپازيٽرن جي حوالي ڪندا هئا، وري جي ڪمپوز ڪري مولانا صاحب جن وٽ ڪٽي ويندو هو ته ان ۾ ڪابه ڦيرگهير يا ڪاٽ ڪوٽ اصل نه ڪندا هئا.

(عبدالرحيم صابر)

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute